# خطبات سيد



نئين سنڌ پبليڪيشن

54 حالم حسين لوراي رفيق پنهور
ايل ايم سي
جامشورو
٢٦-١١-٧٥ حيدرآباد
Rafique . Panhwar .
26.11.75

# خطبات سيد

## بزم صوفيائي سنڌ

جي موقعن تي جي. ايم. سيد
۽ ٻين جون ڪيل
تقريرون ۽
ڪارگذاريون

نئين سنڌ پبليڪيشن
ڪراچي سنڌ

هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا نئين سنڌ پبليڪيشن ڪراچي وٽ محفوظ آهن

تعداد: ۵ سؤ] [ڇاپو پهريون

فيبروري
۱۹۷۵ع

قيمت:
۰۰-۶ روپيه

هي ڪتاب نئين سنڌ پبليڪيشن طرفان، نئين سنڌ پريس،
ابراهيم منزل، آءِ-آءِ- چندريگر روڊ، ڪراچيءَ مان ڇپرائي،
پبليڪيشن جي آفيس مان پڌرو ڪيو ويو.

# تعارف

قيام پاڪستان بعد، جناب جي- ايم- سيد کي حڪمران طبقي جي همخيال نہ هئڻ ڪري، گهڻو وقت عتاب هيٺ رکيو ويو آهي. اڄ تائين ساڍن ۱۳ سالن کان بہ مٿي نظربندي يا قيد، ان سلسلي ۾ ڪاٽي چڪو آهي ۽ اڃا تائين نظربنديءَ هيٺ آهي.

هن جو گهڻو وقت سياست ملڪ لاءِ ڪم ڪرڻ ۾ گذريو آهي. پر ان سان گڏ، هن ملڪي زبان، ڪلچر ۽ ٻين مذهبي ۽ سماجي ڪمن ۾ بہ دلچسپي پئي ورتي آهي.

پاڪستان ۾ ۱۹۵۸ع ۾ مارشل لا، لاڳو ٿيڻ بعد، هن کي ۱۰- آڪٽوبر ۱۹۵۸ع تي جيل ۾ موڪليو ويو، جتان سوال سال کان پوءِ کيس ڳوٺ سن ۾ نظربند ڪري رکيو ويو. جنهن مان عارضي طور تي جڏهن ۲۳ مارچ ۱۹۶۶ع تي هن تان نظربندي لاٿي ويئي تہ هن سياسي ميدان ۾ حالتون سازگار نہ ڏسي، سندس رخ بدلائي، سنڌ جي ڪلچر جي ترقيءَ ۽ حفاظت جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو.

ان سلسلي ۾ سنڌ جي مختلف جڳهين تي، ڏهہ ثقافتي ڪانفرنسون سڏائي، پڙهيل ۽ نوجوان طبقي کي سنڌ جي ڪلچرل معاملات طرف راغب ڪرڻ جي ترغيب ڏني ۽ **بزم صوفياءِ سنڌ** جماعت جو بنياد وڌو.

هن ڪتاب ۾ انهن موقعن تي ڪيل تقريرن ۽ ڪارگذارين جو احوال ڏنل آهي. اهو ڪم نهايت خوش اسلوبيءَ سان پئي هليو، پر پاڪستان جي حڪمران طبقي، ان تحريڪ کي بہ شڪ جي نگاهہ سان ڏسي، وري شاهہ صاحب کي نظربند ڪري ڇڏيو. جنهن ڪري، اها تحريڪ اتي ئي رهجي ويئي.

انهن موقعن تي سندس ڏنل خطبا ۽ ٻي ڪاروائي ڇپائي، عام ماڻهن ۾ ورهايل هئي. پر گهڻي وقت گذرڻ ڪري اُن جو ملڻ مشڪل ٿي پيو آهي. اُن ڪري اُنهن سڀني خطبن ۽ ڪاروائيءَ کي نئين سر ڇپائي، عوام جي معلومات لاءِ پيش ڪجي ٿو.

محمد سومار خان ٽيڀو

# پهرين سنڌ ڪلچرل ڪانفرنس نٽو

سيد عاقل شيرازي عليه جي ساليانه ميلي جي موقعي تي،
٢٣ جون ١٩٦٦ع تي جي-ايم-سيد جي ڪيل افتتاحي تقرير

**عزيز ڀائرو!**

اوهان سان هن مجلس ۾ ملي، مون کي نهايت خوشي ٿي آهي. توهان سان وڏيءَ عمر وارن کي ياد هوندو ته مون پنهنجي سياسي زندگيءَ جي شرعات، ڪراچي ضلعي سان ڪئي هئي، جنهنجو قائم مقام هن وقت ٺٽو آهي. هن وقت جڏهن آءٌ سياست کان ڪناره ڪشي ڪري، ڪلچرل اصلاح لاءِ ڪم شروع ڪريان ٿو ته آتان ئي شروع ڪريان ٿو.

ممڪن آهي، اوهان مان ڪيترا معلوم ڪرڻ گهرن ته عمر عزيز جا ٤٦ سال سياست ۾ صرف ڪرڻ بعد، آخر عمر ۾ هن نئين مشغلي کي ڇو شروع ڪرڻ گهران ٿو، ان ڪري مختصر طور ان جي سمجهاڻي هيٺ پيش ڪري، مستقبل جي تجويزن کان اوهان کي آگاهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.

احوال پيش ڪرڻ کان اڳ اوهان کي چند لفظن ۾ سياست، ڪلچرل ڪمن جي مختلف فرائض ۽ معنائن کان واقف ڪرڻ ضروري ٿو ڄاڻان.

انساني زندگيءَ جي ڪاروبار جا ٽي مکيه شعبا آهن، جنجي فرائض جي ڄاڻ حاصل ڪري، سندن مختلف مسائل جي وچ ۾ ... ڪرڻ، نهايت ضروري آهي.

١- انهن مان پهريون ۽ مکيه **شعبو مذهب** آهي. جـ

انسانذات جي رهبريءَ ۽ هدايت لاءِ قديم وقت کان ڪم ڏيندو آيو آهي. انهيءَ مختلف زمانن، قومن، ملڪن ۽ حالتن ۾ جدا جدا نالا، طريقي ڪار ۽ قوانين شريعت اختيار ڪري، ماڻهن جي تنظيم ۽ هدايت لاءِ، معاشرن جي حالات ۽ وقت جي تقاضائن مطابق پئي ڪم ڏنو آهي. جيڪڏهن غور سان ڏسبو ته اهو بنيادي طرح **دين فطرت ئي** هو، جنهنجا مقصد ۽ مرادون هر هنڌ ۽ هر دور ۾ ساڳيا هئا. دين فطرت، ڪائنات کي **رٿا يا پلئن مطابق** پيدا ٿيل مڃيو ٿي، ۽ انهيءَ جي سرانجاميءَ لاءِ چند مقصدن جو هئڻ لازمي ٺهرايو ٿي. انهيءَ جا بنيادي مقصد، انسان ذات ۾ اتحاد، امن ۽ ترقيءَ جا هئا. انهيءَ جا طريقه ڪار ٻه هئا: هڪ جو واسطو عقيدن سان ۽ ٻئي جو عمل سان رهيو آهي.

٢- ماڻهن جي زندگيءَ جو ٻيو شعبو **سياست** رهيو آهي. انهيءَ جو واسطو ماڻهن جي ٻاهمي تنازعات جي نبيرڻ، امن امان قائم ڪرڻ سان پئي رهيو آهي. جن ماڻهن جي هٿ ۾ ان جو ڪاروبار رهي ٿو، انهن کي ”حاڪم“ ۽ انهيءَ جي دستور کي ”حڪومت“ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. انهيءَ جو زياده تر مدار طاقت ۽ اقتدار تي رهي ٿو.

٣- ماڻهن جي زندگيءَ سان واسطو رکندڙ ٽئين شعبي جو نالو **سلسلهء طريقت يا روحانيت** آهي، جنهن جي، زماني جديد جي اصطلاح ۾ **ڪلچرل اصلاح** معنيٰ ڪري سگهجي ٿي. انهيءَ جو واسطو ماڻهن جي نفسياتي، ذهني ۽ اخلاقي اصلاح، تعليم، ترقيءَ ۽ تربيت سان رهي ٿو.

جيڪڏهن اوهان انهن ٽنهي شعبن جي ڪارڪردگيءَ جو غور سان مطالعو ڪندا، ته اوهان کي تاريخ ۾ ڪيترا ئي مثال ملندا، جو انهن مان هر هڪ شعبي جي ڪارڪنن، ٻين شعبن جي فرائض ۽ ڪاروبار کي گڏي، پنهنجي مطيع ڪري هلائڻ جي پئي ڪوشش ڪئي آهي، ۽ اڃا تائين اهو سلسلو چالو آهي، تنهنڪري اڪثر حالتن ۾ انهن جي مختلف فرائض ۾ تميز ڪري، جداگانه تشخيص

ڪرڻ مشڪل مسئلو بڻجيو پوي.

(١) هڪ طرف عالمن، پادرين، پنڊتن سندن مذهبي شعبي جو دائرو وسيع ڪري سياست ۽ طريقت کي پنهنجي شعبي جون شاخون ثابت ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي.

(٢) ٻئي طرف ملڪن ۽ قومن جي حاڪمن پنهنجي قوت، اقتدار، پيسي ۽ ٻين وسائل ذريعي، باقي ٻن شعبن، مذهب ۽ روحانيت کي پنهنجي دائره اثر هيٺ آڻي، انهن کي پنهنجا مددگار شعبا ڪري، ڪتب آڻڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. جتي ۽ جڏهن به انهن ٻن گروهن جي ڪارڪنن طرفان خودسريءَ يا آزاد گيءَ جي ڪوشش ٿي آهي، ته انهن کي دٻائي يا خريد ڪري رام پئي ڪيو ويو آهي.

(٣) اهل طريقت وارن جو زياده تر واسطو ترغيب ۽ تاليف قلوب سان رهڻ ڪري، مٿي ذڪر ڪيل ٻنهي شعبن کان هو علحده پئي رهيا آهن. ليڪن اهو قدرت جو قانون آهي، ته هر ڪم لاءِ تنظيم ۽ ترتيب جي ضرورت ٿئي ٿي. جتي به تنظيم ۽ ترتيب ٿي ۽ گروه بندي شروع ٿي، آتي دائره اثر پيدا ٿئي ٿو. آنهيءَ اثر جو بعضي حالتن ۾ مٿي ذڪر ڪيل ٻن شعبن جي اثرن سان اختلاف پيدا ٿيو هوي، جنهن ڪري مٿي ذڪر ڪيل ٻن شعبن جي ڪارڪنن طرفان، هن شعبي جي اثر کي رام ڪرڻ، ناهڻ يا ڪمزور ڪرڻ جي ڪرشش هلندي رهي آهي. حاڪمن ۽ ملن طرفان اهل طريقت جي خوشامد يا تعظيم ڪرڻ، يا تجاوز جي حالت ۾ انهن کي معتوب ڪري سزائون ڏيڻ جو ڪم به سرزد ٿيندو پئي رهيو آهي.

اهو قاعدو ڪليه آهي ته معاشري جي سادگيءَ ۽ ابتدائي دور ۾ هنن ٽنهي شعبن جي ڪاروبار ۾ علحدگي قائم رکڻ مشڪل مسئلو هو، ليڪن جيئن معاشرو ترقي ڪندو، قومن ۾ تهذيب ۽ تمدن پيدا ڪري ٿو، ته هرهڪ شعبي جي طريقي ڪار جي علحدگي ضروري ٿيو پوي.

اوهان کي معلوم آهي ته ڪو وقت هو، جو ضلعي جو ڪليڪٽر، ريوينيو، پيلي، پوليس، انجنيري، لوڪلبورڊ، صحت، عدالت ڪاتن جو مدارالمهام هوندو هو، ۽ آهي سڀ کاتا سندس نظر هيٺ

هلندا هئا. ليڪن اڳتي هلي جڏهن حڪومت جي مختلف کاتن جي ڪاروبار وڌڻ ڪري هر هڪ کاتي جي خاص فني مهارت جو احساس پيدا ٿيو تہ انهن کاتن کي جدا ڪري، جدا عملدارن جي ماتحت رکيو ويو. ساڳي ڳالھ اوهان کي علم طب ۾ ڏسڻ ۾ ايندي. ڪو وقت هو، جو هڪ ئي ڊاڪٽر يا طبيب سڀني مرضن جو علاج ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو، ليڪن زماني جي ترقيءَ ۽ سائنس جي واڌاري اڳتي هلي، اها ضرورت محسوس ڪرائي تہ مختلف بيمارين کي خوش اسلوبيءَ سان دفع ڪرڻ لاءِ، هر مکيہ مرض لاءِ ماهر پيدا ڪيا وڃن، جنهن ڪري اوهان اڄڪلھ دل، دماغ، نفسيات، چمڙي، هڏن، آتشڪي بيمارين وغيره لاءِ جدا جدا ڊاڪٽرن کي علاج ڪندا ڏسو ٿا.

ساڳيءَ طرح معاشري جي ترقيءَ، انساني تهذيب ۽ تمدن جي ضرورتن ۽ تاريخي تجربي ان ڳالھ جي ضرورت محسوس ڪرائي تہ مٿي ذڪر ڪيل ٽنهي شعبن جي ڪاروبار ۽ مسائل کي علحده ڪري، هر هڪ شعبي جو ڪم سندن ماهرن جي سپرد ڪيو وڃي. دنيا جو دستور آهي تہ ڪابہ ڌر خوشيءَ سان پنهنجي اقتدار، طاقت جي حدن ۽ ڪاروبار کي گهٽائي، باهمي سمجهوتي سان پين سان ونڊي ورهائڻ لاءِ تيار ڪانہ ٿي ٿئي. ان ڪري اجا تائين، خاص ڪري پوئتي پيل ملڪن ۾، ٽنهي شعبن جي ڪمن جي ورهاست ٿي نہ سگهي آهي، تنهنڪري اختلاف هلندا رهن ٿا.

ليڪن جيڪڏهن غور سان نظر ڪري ڏسبو تہ دنيا جو ڪوبہ مهذب ملڪ اهڙو نہ رهيو آهي، جنهن ۾ مذهب، سياست ۽ طريقت (ڪلچر) جي شعبن کي عملي طرح جدا ڪري هلايو نٿو وڃي.

ملڪ جا قانون حڪمران طبقو ٺاهي ٿو. حڪومتي ڪاروبار، ملڪي انتظام، معاشي ۽ عام مفاد جا ڪم، ترقياتي تجويزون، حڪومت جي هٿ ۾ رهن ٿيون. سواءِ ڪن ورثي ۽ نڪاحن جي ڳالهين يا اهڙين پين ذاتي ڳالهين جي، مذهبي ڪتابن يا مذهبي ماڻهن کي انهيءَ معاملي ۾ ڪابہ عملي دخل اندازي نہ ٿي رهي. البت هيٺتي پيل

ملڪن ۾ جاهل عوام تي مذهبي ڪارڪنن جي اثر هئڻ ڪري، ڪي حڪام، مصلحت خاطر، مذهبي ڪارڪنن کي زباني طرح خوش رکندا ۽ پئٽرونائيز ڪندا اچن ٿا.

جيڪڏهن سياست تي نظر ڊوڙائيندا ته معاشري جي تبديليءَ سان، حالتن جي تقاضائن، قومي رجحانن، طبقاتي مفاد ۽ مختلف سياسي نظرين ڪري، ملڪي سياست ڪوڙيئن طريقا اختيار ڪري ويئي آهي. شخصي بادشاهيون، عوامي ڊڪٽيٽريون، ملٽري ۽ بيوروڪريٽڪ حڪومتون، جمهوري حڪومتن جا مختلف طريقا ۽ اقتصادي دستور اڄڪلهه جي ملڪي سياستن ۾ اهڙو مونجهارو پيدا ڪريو بيٺا آهن، جو عالمي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽون پئجي رهيون آهن. ترقي يافته ملڪن ۾ به ڪيترا مونجهارا آهن، پر پوئتي پيل ملڪن جي مشڪلاتن جي ڪا حد ئي نه رهي آهي.

مون ١٩٢٠ع کان وٺي ملڪي سياست ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي، جنهن ۾ مختلف تجربن، ارتقائي درجن ۽ حالتن جي تقاضائن ڪري، وس آهر، ملڪ ۽ ماڻهن جي آزاديءَ، سماجي ڀلائيءَ، ملڪي ترقيءَ لاءِ گهڻو پاڻ پئي پتوڙيو اٿم، ليڪن هن وقت ملڪي حالتون اهڙيءَ ڪڙيءَ تي اچي بيٺيون آهن، جن کي محسوس ڪري آءٌ هن نتيجي تي پهتو آهيان ته، حالتون اسانجي وس ۾ نه آهن ۽ سياسي نقطي نظر کان اسان لاءِ سازگار به نه آهن.

١- گذريل ٥٠ سالن جي مسلسل ڪوشش جي باوجود عوام ۾ قومي سياسي شعور پيدا نه ٿي سگهيو آهي.

٢- خواص ۾ خود مطلبي، قوم فروشي، نفاق، بزدلي ۽ فرض شناسيءَ جون عادتون گهر ڪري ويون آهن.

٣- سنڌ جي سياسي، اقتصادي خود اختياريءَ ۽ ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽون پئجي ويون آهن، جي، ظاهري طرح، نه آئيني طور تي، نه غير آئيني رستن سان، يا باهمي سمجهوتي سان دور ڪري سگهجن ٿيون، ڇاڪاڻ ته نه اسان ۾ اتحاد آهي، نه تعداد گهڻو اٿئون، نه همت اٿئون، نه قومي شعور پيدا ڪري سگهيا آهيون.

ڳنڍيل نظربنديءَ جي عرصي ۾ مون انهن سڀني ڳالهين تي نئين سر غور ڪري، ملڪي مسائل جي حل لاءِ ڪي تجويزون سوچيون آهن.

مون کي تاريخ مان ڪيترا اهڙا مثال مليا آهن، جي اسان جي موجوده مشڪلاتن سان مشابهت رکن ٿا، جن هيٺ قومن لاءِ ٿي رستا ڪليل رهن ٿا. يا ته جبل سان ٽڪر هڻي خودڪشي ڪن، يا حالتن سازگار ٿيڻ جي بيڪار اميدن تي آهستي ٿي، پنهنجي موت مري وڃن ۽ غلاميءَ جي زندگي گذارين، يا پنهنجي قوت عمل کي قومي اصلاح ۽ تعمير جي پين رستن ۾ ڪتب آڻين.

مسلمانن جي تاريخ ۾ ئي ڪيترا اهڙا مثال موجود آهن. بني اميه، بني عباسين ۽ پين حاڪمن جي دور حڪومت ۾ خانه جنگي قومي انتشار، بد اخلاقي، خود مطلبيءَ جي حالات کي جڏهن چند مسلمان مفڪرن ۽ اهل راءِ ڏٺو، ته هنن، سياسي خلفشارن کان ڪناره ڪشي ڪري، مسلم عوام ۾ اصلاح نفس، قومي خود شناسي، اخلاقي درستي، حب الوطني، ايثار ۽ قربانيءَ جي مادي پيدا ڪرڻ لاءِ، پنهنجون زندگيون وقف ڪري ڇڏيون. سنڌ ۾ سمن جي آخري دور ۾ مغل حڪومت جي ابتدا ۾ اسان جي اهل راءِ جو توجهه به ان طرف ڇڪجي ويو.

هن وقت اسان جي هو بهو ساڳي حالت آهي. اسان ۾ قومي شعور پيدا نه ٿي سگهيو آهي، نه اتحاد ٿيو آهي. ساري ملڪ ۾ تعداد ۾ گهٽ آهيون. خود مطلبي ويڙهي ويئي اٿئون. آئيني طريقي سان پنهنجا حق حاصل ڪري نٿا سگهون، نه غير آئيني طريقا منزل مقصود تي پهچائي سگهن ٿا. تنهنڪري منهنجي نظر ۾ هن وقت بهتر طريقو اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هڪڙو مخلص ڪارڪنن جو گروه، سياسي خلفشارن کان پري ٿي، سرونٽس آف انڊيا سوسائٽيءَ جي طريقي تي، **خدام سنڌ جي جماعت** ٺاهي، زندگي وقف ڪري، قوم جي اتحاد، نفسياتي اصلاح، اخلاقي درستيءَ، حب الوطنيءَ، خود شناسيءَ جي تعليم ۽ تربيت ڏي توجهه ڏئي.

مون کي اهو رستو زياده سهل، موزون ۽ ملڪي تقاضائن جي مطابق ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهو ضروري نہ آهي تہ سڀئي اهو رستو اختيار ڪن، اگر چند مخلص ڪارڪن ان ڪم کي هٿ ۾ کڻن تہ گهڻو ڪجهہ ٿي سگهي ٿو.

انهيءَ مقصد جي حصول لاءِ مون کي چند تجويزون آهن، جي حاضرين جي مشوري ۽ فڪر لاءِ پيش خدمت ڪريان ٿو:

(١) ڪلچرل مرڪز يا **خدام سنڌ** جي نالي سان هڪ گڏيل پليٽ فارم تيار ڪجي، جنهن ۾ مختلف مذهبي عقيدن، اقتصادي ۽ سياسي نظرين، مختلف سياسي گروه بندين ۽ طبقاتي مفاد جي ماڻهن کي، پنهنجي راين تي قائم رهندي، سنڌ جي ڪلچرل ۽ قومي مفاد لاءِ صلاح مصلحت ۽ تبادلہ خيالات ڪري، گڏيل مفاد لاءِ قدم کڻجي.

(٢) ماڻهن جي مکيہ خامين جهڙوڪ، خود مطلبي، شخصي اختلافن، قوم فروشيءَ، بزدليءَ، نفسياتي ۽ اخلاقي ڪمزورين کي دور ڪرڻ لاءِ تعليم ۽ تربيت جو انتظام ڪجي.

(٣) ماڻهن کي اتحاد، امن، ترقيءَ لاءِ تيار ڪرڻ واسطي محبت، مذهبي ۽ سياسي رواداريءَ، حب الوطنيءَ ۽ قربانيءَ جي جذبي پيدا ڪرڻ لاءِ صوفيائي ڪرام ۽ قومي هيروز جي زندگيءَ جي احوالن کان کين واقف ڪجي.

(٤) هر هڪ ضلعي ۾ ڪي ڪلچرل مرڪز ٺاهي، اتان ڪم ڪيو وڃي.

(٥) عوام، شاگردن، ماسترن، پروفيسرن ۽ پڙهيل طبقي کي انهيءَ رنگ ۾ رچڻ لاءِ ڪي مخصوص ڪارڪنن جا گروه ٺاهي، ڪم انهن جي سپرد ڪيو وڃي.

اِنهيءَ راهہ ۾ هيٺين قسم جي دشوارين کان بچڻ جو احتياط وٺڻ ضروري آهي:

(١) حڪومت جي پاليسين ۽ ڪاروبار ۾ دست اندازي ڪرڻ کان گوشو ڪجي. بلڪ جي ممڪن ٿي سگهي تہ، باهمي مشوري

جي بنياد تي، مٿين مقصدن جي حصول لاءِ، حڪومتي تعاون حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي.

(٢) مڪاني سياسي گروه بندين، سياسي نظرين، طبقاتي مفاد جي اختلافن ۾ دخل اندازيءَ کان گوشو ڪجي "خر رفت، گاءِ آمد، مرا ازين چه سود" جي مثال کي خيال ۾ رکجي.

(٣) هن اداري جا ميمبر، يونين ڪائونسلن، اسيمبلين، سياسي پارٽين جي ميمبرن کان آزاد رهن.

(٤) نفرت، نفاق، فرقي پرستي، مذهبي تعصب، خود مطلبيءَ ۽ قوم فروشيءَ جي ڳالهين کان پرهيز ڪجي.

اِهي آهي خيال آهن، جي منهنجي دماغ ۾ ڦري رهيا آهن. تن کي اهل فڪر، اهل راءِ جي سامهون پيش ڪريان ٿو ته ان تي غور ۽ فڪر ڪري، ڪنهن نوس نتيجي تي پهچن. ڪوبه ماڻهو پنهنجي راءِ پٺي تي مڙهي نٿو سگهي، نه ڪو اڪيلو ماڻهو ڳوٺ ٻڌي سگهي ٿو. مون کي ترقي پسند اديبن، اهل راءِ ۽ مفڪر حضرات ۽ نوجوان طبقي جي صلاحيت، بلند همتيءَ ۽ جذبهءِ عمل ۾ گهڻيون اميدون آهن. باوجود مٿين راين ۽ خيالن جي، آءٌ سندن ڪثرت راءِ ۽ فيصلي جو خير مقدم ڪندس.

سپردم بتو مايهٔ خويش را، تو داني حساب ڪم و بيش را!

معنيٰ ـ (مون پنهنجي موڙي اوهان جي حوالي ڪئي آهي هاڻ گهٽ وڌ جي حساب جو بار توتي آهي).

غلام مرتضيٰ

# ٻي سنڌ ثقافتي ڪانفرنس، ٻڍاپور

حضرت داد شهيد عليه الرحمه جي ساليانيءَ عرس جي موقعي تي، ١- آگسٽ، ١٩٦٦ع تي، پير ميان غلام حيدر شاهه، سجاده نشين درگاهه حضرت شــاهه عبدالڪريم عليه الرحمة بلڙيءَ واري جي صدارت هيٺ ٿيل ڪانفرنس تي، جي- ايم سيد جي افتتاحــي خطبي جو متن :-

## عزيز ياڙرو !

جون مهيني جي ٢٣- تاريخ ٿتي ۾، سيد عالــي شيرازي عليه الرحمه جي ساليانيءَ عرس جي موقعي تي بزم صوفيائي سنڌ جي پهرينءَ مجلس جي افتتاحي تقرير ۾ جيڪي چيو هوم، ان جو لب لباب حاضرين جي واقفيت لاءِ وري هتي دهرايان ٿو :

آتي مون چيو هو ته انساني زندگيءَ جــي ڪاروبار جا مکيه شعبا ٽي آهن: ١- مذهب ٢- سياست، ۽ ٣- طريقــت يـا ڪلچر. انهيءَ ڳالهه جي اهميت تي زور ڏنو هوم ته موجوده زماني ۾ هنن ٽنهي شعبن کي هڪٻئي کان الڳ ڪري هلائڻ لازمي به آهي، ۽ فائديمند پڻ. جيتوڻيڪ مقصد ٽنهي شعبن جا ڪم و بيش انسان ذات ۾ اتحاد، امن ۽ ترقيءَ جا هئا، ليڪن هر هڪ جا طريقي ڪار علحدا هئا.

**مذهب :-** هي خدا ۽ پيغمبرن جي فوق العقل الهامي علم جي بنياد تي برپا ڪيا ويا آهن. انهن جي تشريح ۾ ملا، پنڊت ۽ پادري، باوجود صدين گذري وڃڻ جي به، يڪرنگي ۽ هم آهنگي پيدا ڪري نه سگهيا آهــن، تنهنڪري نتيجو اهو نڪتو آهي ته هرهڪ مذهب ۾ سوين فرقا پيدا ٿي پيا آهن، جي هڪٻئي سان برسر پيڪار آهن. انهيءَ سبب، گهڻي وقت کان مذهب ماڻهن ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ جي عيوض پاڻ نفاق جا ڪارڻ بنجي پيا آهن. هاڻ وري به انهن جــي

ذريعي اتحاد انسانيءَ جي ڪوشش ڪرڻ ۾، مون جهڙي اڻ ڄاڻ ماڻهوءَ کي، مسئلي جي نزاڪت مد نظر رکي، ڊپ پيو ٿئي ته متان اهڙيءَ ڪوشش تي ڪو گرفت ڪري ۽ الٽو بدعت ۽ ڪفر جي فتوي نه مڙهي وجهي؛ ان ڪري سلامتي آن ۾ ڄاڻان ٿو ته مذهبن جا اهي باهمي اختلافي مسئلا سندن روايتي وارثن جي حوالي ۾ ئي رهڻ ڏنا وڃن.

**سياست** جي ذريعي به ماڻهن کي غربت، بد امنيءَ، ڏاڍائيءَ ۽ جهالت کان بچائي، انهن ۾ آسودگي، امن، آزادي ۽ علم پيدا ڪري سگهجي ٿو. عمر عزيز جا ڪيترا ئي سال انهيءَ ذريعي ماڻهن جي خدمت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس، ليڪن تجربي بعد معلوم ٿيو ته مٿي ذڪر ڪيل مقصدن جي سرانجاميءَ لاءِ، طاقت جي حصول جي ضرورت ٿئي ٿي، ۽ انهيءَ سلسلي ۾ عزت، طاقت ۽ ملڪيت جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڇتا پيٽي ٿئي ٿي، ان ۾، باوجود خلوص دل ۽ جذبي خدمت جي به ڪو ڪارڪن طبقاتي ۽ شخصي رقابت جي شڪار ٿيڻ کان بچي نٿو سگهي. هيترو وقت ان راهه ۾ ڪم ڪندي، عوام ۾ سياسي شعور جي گهٽتائي ۽ خواص جي اڪثريت ۾ باهمي اختلاف، خود مطلبي، بزدلي ۽ وطن فروشيءَ جي ڳالهين کي ڏسي، مناسب ائين سمجهيم ته انهيءَ شعبي کي جاه و اقتدار جي گهرجائن ۽ شائقن جي حوالي ئي ڇڏي ڏجي.

**طريقت ۽ ڪلچر** جا به بنيادي مقصد، مٿي ذڪر ڪيل ٻن شعبن وانگر، انسانذات جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ جا آهن. جيتري قدر مون غور ڪيو آهي، اهو شعبو اختلافي خطري، ذاتي عناد ۽ باهمي ڇتا پيٽين کان گهٽ ۾ گهٽ اثر پذير ٿئي ٿو. آتي ملا جي ناراضگي ۽ حاڪم جي مخالفت ۽ ڏمر جو انديشو گهٽ رهي ٿو. ان ۾ فڪر جي آزاديءَ لاءِ ڪشادو ميدان رهي ٿو. طاقت جي حصول ۽ استعمال جي ضرورت نٿي رهي. هن شعبي جي ڪارڪردگيءَ جو سمورو مدار ذهني پرچار، تاليف قلوب ۽ اصلاح نفس تي رهي ٿو.

هن شعبي طرف منهنجو توجهه يا دلچسپي نئين نه آهي. ان جي

شروعات ٢٨- فيبروري ١٩٢٥ع کان ڪئي هيم، جڏهن سن ۾ درگاه شاه حيدر عليه الرحمة جي ساليانې عرس جي موقعي تي محال مانجهندن جي تنظيمي، تعليمي ۽ سماجي ڪانفرنس، سيد حاجي محمد شاه متيارين واري جي صدارت هيٺ، گهرائي، انهيءَ ڪم جي ابتدا ڪئي هيم. پوءِ ان کي سال بسال وڌائي، ان جو دائرو وسيع ڪيو ويو، ۽ ٢٨، ٢٩- جنوري ١٩٢٨ع تي، ساڱئي ميلي جي موقعي تي هڪ وڏي تعليمي، تنظيمي ۽ سماجي ڪانفرنس، سيد والي محمد شاه سجاده نشين قلندر شهباز عليه الرحمة جي صدارت هيٺ، سڏائي هيم. آن ۾ سنڌ جي مکيه اهل علم ۽ سماجي ڪارڪنن حصو ورتو هو، جن مان مکيه حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، مولوي محمد صادق کڏي وارو، شيخ عبدالحق، مسٽر حاتم علوي، سيد ميران محمد شاه، شيخ عبدالمجيد سنڌي، سيد جمال الدين بخاري، مولوي محمد عثمان دهلوي هئا. انهن کان سواءِ، آسپاس ۽ سنڌ جا ڪيترا زميندار ۽ معزز ماڻهو اچي شامل ٿيا هئا. ميرزا قليچ بيگ مرحوم مير غلام محمد خان ٽالپر، مير ايوب خان، حاجي عبدالله هارون، خانبهادر ولي محمد حسنعلي ۽ سيد حاجي عبدالرحيم شاهہ آن موقعي تي همدرديءَ جا پيغام موڪليا هئا. مختلف موضوعن تي تقريرون ٿيون، ۽ بحث مباحثي بعد، ڪيئي تجويزون پاس ٿيون، جن مان هڪ اها به هئي ته سنڌ جي مکيه درگاهن جي ساليانن ميلن جي موقعن تي ثقافتي ۽ سماجي ڪانفرنسون ڪوٺائي، عوام جي اصلاح نفس، اخلاقي سڌاري، عام رسمن رواجن جي بهتريءَ ۽ تعليمي ترقيءَ لاءِ پرچار ڪيو وڃي. انهيءَ ٺهراءَ جي پوئواريءَ ۾ سيد ميران محمد شاه. شاه عبداللطيف جي ميلي جي موقعي تي، ١٨- جون کان ٢١- جون ١٩٣٢ع تي، مختلف ڪانفرنسون سڏايون، جن ۾ مکيه ادبي ڪانفرنس، صوفي روح رهاڻ ۽ صوفي راڳ جون مجلسون هيون. ان کان پوءِ آهستي آهستي ٿي، شاه عبداللطيف عليه الرحمة جي ميلي تي ادبي ڪانفرنسون ٿيڻ لڳيون، ۽ ڀٽ شاه ڪلچرل مرڪز قائم ٿيو.

ان وقت به، جيتوڻيڪ اسان جو وڌيڪ توجه ۽ دلچسپي سياسي

## (٣) نفرت ۽ نفاق جي موجودگي:

مٿي ٻڌائي آيو آهيان ته خود مطلبيءَ ۽ خوديءَ اسان مان قومي شعور وڃائي ڇڏيو آهي، ۽ قوم جو شيرازو ٽڪرا ٽڪرا ٿي پيو آهي، جنهنڪري اسان نفرت ۽ نفاق جا شڪار بنجي پيا آهيون. جيتري قدر مون غور ڪيو آهي، ته نفاق ۽ نفرت جا ٽي ڪارڻ ٿي نظر آيا اٿم. يعني (١) مذهب جي غلط تشريح، (٢) شخصي ۽ طبقاتي ڇتاپيٽيون ۽ (٣) فسطائي نظريا. انهيءَ ڪري اسان کي وحدت‌الوجود جي بنياد تي، مذهب جي صحيح ۽ صوفيائي تشريح ڪري، نفرت ۽ نفاق کي ڪيڏنو آهي—

ڏسڻ جي ڏسين، ته هم کي حق چوين،
شارڪ شڪ م نين، انڌا اِنهيءَ ڳالهه ۾! (شاهه)

---

بحر عميق وچ جو ئي پوسي، دين ڪفر دا دفتر ڌوسي!
(بيدل)

---

هڪ هندو، پيا مسلمان، تيو وچ وڏائون وير،
انڌن اوندهه نه لهي، تن کي سچ چوندو ڪير،
روحل راهه پرينءَ جي، جڏهن گهمي ڏٺوسين گهير،
ته رب مڙني ۾ هيڪڙو، تنهن ۾ ڦند نه ڦير!

---

نفرت کي ڪيڏڻ لاءِ، محبت ۽ عشق کي رهبر راهه بنائڻو آهي—
”عشق سارو اسلام، مذهب محبت عين مبارڪ!“
(مصري شاهه)

---

حوصلو حيرت جو، آهي نه مٿي عام،
سندي محبت مام، ڪور پروڙي ڪينڪي!
(شاهه رح)

لکڻ ۽ پڙهڻ گهرن ٿا، تن لاءِ هي مجلسون موزون جڳهيون نہ ٿينديون.

جان وڍيو هئين تہ ويھہ، نہ تہ وٺيو واٽ ونءُ تون،
هيءُ تنين جو ڏيھہ، ڪاٽي جنين هٿ ۾!

جيڪي شاعر رڳو بيمار قسم جي عشق عاشقيءَ جي داستان سرائيءَ يا محض قافيي ۽ رديف جي قابليت ڏيکارڻ لاءِ هنن ڪانفرنسن جي مشاعرن ۾ اچڻ گهرن ٿا، انهن کي ادب سان عرض ڪبو تہ يا تہ پنهنجو روايتي طور طريقو بدلائين يا پنهنجي گوهر افشانيءَ لاءِ مناسب ۽ موزون پليٽفارم ڳولي هٿ ڪن. هتي شعر مٿي ذڪر ڪيل مقصدن جي تبليغ ۽ اشاعت لاءِ ئي چونڊو آهي. هي مجلسون اتحاد، امن ۽ ترقيءَ ۽ سنڌ جي ڀلائيءَ لاءِ هڪ مشن، هڪ تحريڪ جو ڪم ڏيڻ لاءِ ڪوٺايون وڃن ٿيون، نہ سڌڙين جي سڌن پوري ڪرڻ ۽ ڪين مشهوري حاصل ڪرڻ جي موقعي ڏيڻ واسطي.

مڪر سڌ شراب جي، جو تون ٽارين توھہ،
پيتي جنهن پاسي ٿئي، منجهان رڳن روح،
ڪاٽي چڪ ڪڪوھہ، لاهي سر لطيف چوي! (شاھ)

راڳ، سرود بيشڪ روح جي راحت ۽ تن جي طراوت آهي. پر جي صاحب صرف ان کي تفريح طبع لاءِ ٻڌڻ گهرڻ ٿا، تن لاءِ سئنيمائون، ريڊيا، گراموفون، خانگي مجلسون زياده ڪارآمد ٿي سگهنديون. هتي راڳ خودي کي ڪانئڻ، حب الوطني پيدا ڪرڻ، قوم شناسيءَ، محبت جي پيام، ايثار ۽ قربانيءَ جي تعليم ڏيڻ لاءِ ٻڌايو ويندو. اسانجي اديبن مان جي مذهبي فرقي بنديءَ، سياسي پارٽيبازيءَ، خودمطلبيءَ ۽ طبقاتي مفاد جي نقطي نگاھہ کان نفرت ۽ نفاق ڦهلائڻ گهرن ٿا، تن کي پنهنجي لاءِ جدا مرغزار ڳولي لهڻ گهرجن. اسان جي نوجوانن مان ڪلهي زلف جي بند جي شوقينن کي هتي گهٽ لطف ايندو. اسان هنن مرڪزن تي پير پرستي، رجعت پسندي، نفرت پيدا ڪرڻ، ذاتي عزت ۽ وقار جي پرچار ۽ تبليغ لاءِ ڪونہ گڏ ٿي رهيا آهيون، بلڪ ماڻهن جي اصلاح نفس، اخلاقي سڌاري، قوم شناسيءَ،

# ٽيون سنڌ ثقافتي ڪانفرنس
## ميرپور ٻٺورو
## ٣- سپٽمبر ١٩٦٦ع

(١) آجيان جو خطبو — محترم ميان نور محمد پليجو صاحب
(٢) افتتاحي خطبو — سيد اعظم، محترم جناب جي- ايم- سيد
(٣) مشاعري جو صدارتي خطبو — محترم جناب شيخ اياز صاحب

## (١)

### جناب صدر ۽ معزز حضرات!

آءٌ اوهان سڀني آيل صاحبن جي تشريف آوريءَ تي دل و جان سان اوهان جي مرحبا ڪندي، اوهان جو شڪريو ادا ڪريان ٿو، جو دور دراز پنڌ ڪري، وقت سيڙائي، تڪليف وٺي، مجلس کي رونق بخشي اٿوَ.

ميرپور ٻٺورو تعلقو جيتوڻيڪ سنڌ جي هڪ گوشي ۾ هن وقت ڪا وڏي اهميت رکندڙ حصو نظر نٿو اچي، ليڪن تاريخي حيثيت سان ان جي وڏي اهميت رهي آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ سومرا گهراڻي جو دور سونهري زمانو شمار ڪرڻ جي لائق آهي. اهو سنڌ جو رومانوي دور هو، جنهن مومل راڻي، ليلا چنيسر، عمر مارئي ۽ سسئي پنهونءَ جي عظيم داستانن کي جنم ڏنو. انهن جو مرڪز هن سر زمين تي هو. ازانسواءِ سنڌ جي سياسي آزادي، عزت، وقار ۽ روايات قائم ڪرڻ لاءِ، دودي سومري جي قرباني، سنڌ جي قومي آزاديءَ جي جدوجهد لاءِ پهريون مثال آهي، جنهن تي اسان جيترو فخر ڪري

سگهون اوترو ٿورو آهي. هيءَ اها سرزمين آهي، جنهن حضرت شاهه عبدالڪريم عليه الرحمة بلڙيءَ وارو ١٠ صدي هجريءَ ۾ پيدا ڪيو، جنهن جي خاندان مان شاهه عبداللطيف عليه الرحمة پيدا ٿيو. انهن بزرگن جون عوام جي نفسياتي اصلاح، اخلاقي درستيءَ ۽ قومي تهذيب لاءِ حاصل ڪيل ڪاميابيون ۽ سندن اعليٰ ڪارناما وسري نٿا سگهن. ان کان پوءِ ١٢ صدي هجريءَ جي اول ۾، هن سرزمين شاهه شهيد شاهه عنايت عليه الرحمة پيدا ڪيو، جنهن تصوف ۽ حق گوئيءَ جي بهترين اصولن جي تعليم ۽ تربيت لاءِ شهادت حاصل ڪئي، ۽ جنهن جي فيض بشارت ڪري سنڌ جي گوشي گوشي ۾ وحدت مذاهب، اتحاد انساني، ۽ حق لاءِ ايثار ۽ قربانيءَ جو آواز پکڙجي ويو. اسين انهيءَ مقدس سرزمين تي اڄ گڏ ٿي رهيا آهيون. اسان جا مقصد به معمولي نه آهن. اسان انهن بزرگن طرفان سنڌ جي ان عظيم پيغام کي نئين سر زنده ڪري رهيا آهيون.

هن وقت جڏهن اسان جو قومي شيرازو خود مطلبيءَ، نفاق ۽ نفرت، ڪمزوريءَ ۽ بزدليءَ ۽ قومي شعور جي عدم موجودگيءَ سبب پرزا پرزا ٿي پيو آهي، تڏهن اسان انهن خامين کي دور ڪرڻ لاءِ، هنن ڪانفرنسن ذريعي مخلص ڪارڪنن جو گروه پيدا ڪري، سنڌ جي ان پيغام جي تعليم ۽ تربيت ڏيڻ جو عزم رکون ٿا، جيڪو امن، انصاف ۽ آزاديءَ جو پيغام آهي. اڄ اسين انهيءَ ئي عظيم مقصد لاءِ هتي گڏ ٿيا آهيون.

منهنجي نظر ۾، اسان کي مٿي ذڪر ڪيل قومي خامين دور ڪرڻ لاءِ، سنڌ جي جنهن خاص پيغام کي پکيڙڻو آهي، ان پيغام جا مکيه جزا هيٺيان آهن:

(١) مذهب جي غلط تشريح ڪري، جا ايڪسپلائيٽيشن (استعمال غرضيءَ) جي ڪوشش ٿي رهي آهي، ان کي دور ڪري، اسان کي مذهبي رواداريءَ ۽ محبت جو سبق پکيڙڻو آهي.

(٢) مذهب جي صحيح تعليم جي عدم موجودگيءَ ۾ اتحاد انساني ۽ امن عالم جو حصول ممڪن ٿي نه سگهندو، ۽ ملڪ نفاق

۽ الفت جو مرڪز بنجي پوندو.

(٣) اتحاد ۽ امن انسانيءَ جي غير موجودگيءَ ۾ دنيا ترقيءَ جي عيوض تباهيءَ ڏي وڌندي رهندي.

(٤) اتحاد ۽ امن انسانيءَ جي عالمي مشن جي سرانجاميءَ جي سلسلي ۾ سرزمين سنڌ ڪي خاص رول ادا ڪرڻو آهي.

(٥) ان پيغام جي پکڙڻ لاءِ سنڌ جي اندروني خود اختياري ۽ ذهني آزاديءَ جو حصول لازمي آهي.

(٦) سنڌ جي اها خود اختياري ۽ آزادي پاڪستان جي مضبوطي ۽ حفاظت جي ضمانت ٿي سگهي ٿي.

(٧) ايشيا ۽ آفريقا جي ملڪن جي آزادي، اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ عالمي محبت جو پيغام پکيڙڻ ضروري آهي.

(٨) ايشيا ۽ آفريقا جي ملڪن جي آزادي، عالمي اتحاد ۽ امن عالم لاءِ هڪ مکيه منزل جو ڪم ڏيندي.

(٩) انهن ڪمن جي سرانجاميءَ ڪي سنڌ جي صوفي سڳورن اسلام جي چوڏهن سون ورهين جي مشن جو بنيادي مقصد سمجهيو هو. اڄ اسين پڻ ان کي ائين سمجهون ٿا.

انهن سڀني مقصدن جي حصول لاءِ اسان ڪي هيٺيان ڪم سرانجام ڏيڻا آهن.

(١) سياست عمليءَ جي ڇتا بنديـن ۽ خلفشارن کان علحده ٿي، ڪلچرل پليٽفارم تان هن وقت ماڻهن جي نفسياتي اصلاح ۽ اخلاقي درستيءَ لاءِ ڪم ڪرڻو پوندو.

(٢) سنڌ جي صوفيائي ڪرام ۽ مخلص قومي ڪارڪنن جي پيغام کي نئين زبان ۽ نئين انداز ۾ هرطرف پهچائڻو پوندو.

(٣) سنڌ جي گـوشي گـوشي ۾ ڪانفرنسون ڪري، مٿئين پيغام ذريعي پنهنجن مقصدن جي تعليم ڏيئي، سنڌي عوام جي تربيت طرف متوجهه ٿيڻو آهي.

(٤) مخلص ڪارڪنن جو گروهه پيدا ڪرڻو آهي، جي مٿيئن

آگسٽ تي حضرت داد شهيد عليه‌الرحمته جي ميلي جي موقعي تي، پڊاپور جي پڙ ۾، پير ميان غلام حيدر شاهه صاحب جي صدارت ۾، ڪٺي ٿي هئي، اڄ هيءَ ٽي ڪانفرنس آهي، جتي گڏ ٿي رهيا آهيون.

مون کي خبر نه آهي ته حاضرين مان ڪيترن صاحبن گذريل ٻن موقعن تي منهنجي تقريرن کي ٻڌو يا پڙهيو هوندو. جيئن ته هي تقريرون خاص مقصد ۽ مراد سان سلسليوار ڪيون وڃن ٿيون، ان ڪري ان مسئلي ۾ دلچسپي وٺندڙ صاحبن کي عرض ڪندس ته جيڪڏهن ڪنهن جون اهي گذريل تقريرون ٻڌل ۽ پڙهيل نه هجن ته تڪليف وٺي انهن کي پڙهڻ گهرجي، نه ته قوي امڪان آهي ته هن تقرير ۾ ذڪر ڪيل ڪيترين ڳالهين جي سمجهڻ ۾ تڪليف ٿيندي. اهي تقريرون اخبارن، رسالن يا ننڍن ڪتابڙن ذريعي ڇپائي ورهائيون وڃن ٿيون، ان ڪري انهن کي هٿ ڪرڻ مشڪل نه ٿيندو. آئينديءَ، انشاءَ الله، ارادو اهو آهي ته نه صرف منهنجون تقريرون پر ڪانفرنس ۾ پڙهيل چونڊ مقالا ۽ مکيه شاعرن جا شعر ڇپائي پڌري ڪرائڻ جي جي ڪوشش ڪبي.

حضرت داد شهيد جي ڪانفرنس وقت، هنن مجلسن جو ذڪر ڪندي، ظاهر ڪيو هوم ته مونکي سنڌين جي پست حاليءَ ۽ ڪمزوريءَ جا مکيه چار ڪارڻ ڏسڻ ۾ آيا هئا:

(۱) خود مطلبي ۽ خودي، (۲) قومي شعور جي عدم موجودگي،
(۳) نفرت ۽ نفاق، ۽ (۴) بزدلي ۽ بيغيرتي.

آتي انهن ڳالهين جو مختصر ذڪر ڪندي، انهن جي علاجن بابت پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو هوم. قوم جي ٽئين نمبر ڪمزوريءَ، 'نفرت ۽ نفاق' جو بيان ڪندي، آن جا هيٺيان ڪارڻ ڄاڻايا هئم:
(۱) مذهب جي غلط تشريح، (۲) شخصي ۽ طبقاتي مفاد ۽ ڇڏا ڇيڙيون، ۽ (۳) فسطائي نظريا.

جيئن ته هنن ڪانفرنسن جو مقصد ماڻهن جي نفسياتي ۽ اخلاقي ڪمزورين کي دور ڪرڻ لاءِ تعليم ۽ تربيت ڏيڻ آهي، ان

ڪري مون ارادو ڪيو آهي ته آهستي آهستي ڪري، جدا جدا مجلسن ۾ مٿي ذڪر ڪيل قومي ڪمزورين جي رفع ڪرڻ لاءِ پنهنجون تجويزون پيش ڪندس. هن ڪانفرنس ۾ ’نفرت ۽ نفاق‘ جي ڪارڻ نمبر پهرئين، يعني ’مذهب جي غلط تشريح‘ تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪندس.

هن زمين تي زندگيءَ يا ساهه وارين شين جا آثار سائنسدانن کي، سندن مشاهدن مان، اٽڪل ڪروڙ کن ورهين کان ڏسڻ ۾ آيا آهن. آن عرصي ۾ زندگي ذهني ارتقا جا مختلف درجا طي ڪندي، آخر انسانذات جي صورت ۾ نمودار ٿي، جنهن کي عالمن ’اشرف المخلوقات‘ جي لقب سان ياد ڪيو آهي.

سائنسدان، ماڻهوءَ جي اوائلي پيدائش جي کوجنا بعد، هي چٽي سگهيا آهن ته زمين تي ماڻهوءَ جي وجود جا ڪيئي لک ورهين کان آثار ڏٺا اٿن. اها ڳالهه به پايه ثبوت تي پهتل آهي ته ابتدا ۾ ماڻهو جهنگلن ۽ جبلن ۾، ٻين جانورن وانگر، وحشاني زندگي گذاريندا هئا، جن کي اجا جانور ڌارڻ، اناج جي پوک ڪرڻ، ٻاهه مان ڪم وٺڻ يا اوزارن جي ايجاد جو پتو ڪونه پيل هو. هو اڪيلا ڌڻن ۾ گهمندا ڦرندا رهندا هئا. سندن گذران وڻن جي پنن، ڦلن، ميون، جهنگلي جانورن جي ڪچي گوشت، مڇي وغيره تي هوندو هو. هنن جو گهر گهاٽ ۽ مڙهه مقام ڪونه هوندو هو: جانورن وانگر غارن يا وڻن جي گهاٽن جهڳٽن ۾ گرميءَ ۽ سرديءَ کان پاڻ بچائيندا هئا.

ان زماني ۾ انسانن کي پنهنجي زندگيءَ کي بچائڻ لاءِ، ڪيترين مشڪلاتن جو مقابلو ڪرڻو پوندو هو، جن مان مکيه مشڪلاتون هيٺين قسمن جون هيون:-

### (١) سماوي آفتون:

جن مان مکيه سرديون، گرميون، طوفان، سخت بارشون، سيلاب، ڏڪار، ڌرتين جو ڌڙڻ ۽ باهين جو لڳڻ، هيون.

مٿي ذڪر ڪيل عالمگير مذهبن مان هرهڪ جي دعويٰ اها پئي رهي آهي ته ولن انسانذات جي جملي مسائل جي حل لاءِ طريقهءِ حيات جو مڪمل نمونو يا دستور موجود آهي، ۽ ان مان ئي ماڻهن جي نجات ۽ ڇوٽڪارو حاصل ٿيڻ وارو آهي. تازو انهن نظرياتي سامراجن ۾ هڪ نئون اضافو ٿيو آهي، جنهن کي ڪميونزم جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. دعويٰ آن جي به ساڳي آهي ته انسانذات جي جملي مسئلن جو حل سندس ڏسيل طريقي مان حاصل ٿيڻ وارو آهي. تفاوت صرف اهو آهي ته هن جو بنياد ڪنهن فوق العقل الهامي اختياريءَ جي عيوض، مارڪس ۽ لينن جي ٻڌايل طريقن موجب، عقل ۽ تاريخي ارتقا جي مادي قانونن تي ٻڌو وڃي ٿو. مذهبن مان به ڪيترن جو طريقو ماڻهن کي تسلط ۾ آڻڻ لاءِ جهاد ۽ تبليغ آهي، ڪميونزم جو هڪ گروهه به اِنهيءَ جهاد جي عقيدي ۾ اعتقاد رکي ٿو.

اوهان جيڪڏهن مذهبن جي ڇنڊڇاڻ ڪندا، ته سندن مدار اوهان کي هيٺين ٽئن صيغن يا ترڪيبي جزن تي ڏسڻ ۾ ايندو:

**(١) الاهيات يا روحانيت:**

هن صيغي جي وسيلي ڪائنات جي پيدائش، ان جي ڪارڻن، رٿا، مقصدن جي کوجنا، روحن جي وجود، ابتدا ۽ آخرت، ۽ ٻين اهڙن قسمن جي رموزِالاهيءَ جو علم حاصل ڪيو وڃي ٿو، جو ڪم اصل کان راسخ العلم، صاحب فڪر، ولين، آچارين، سنتن (سينٽن) ۽ فيلسوفن جي حوالي پئي رهيو آهي.

**(٢) طريقت:**

هن صيغي جو واسطو ماڻهن جي نفسياتي، اخلاقي ۽ ذهني خامين کي دور ڪري، سندن نفسي اصلاح، اخلاقي درستيءَ، حق جي تعليم ۽ تربيت ڏيڻ سان پئي رهيو آهي. انساني اتحاد، امن، تهذيب ۽ تمدن انهيءَ جي وسيلي حاصل ٿين ٿا. اهو ڪم هميشه ۽ هرهنڌ مصلحن، صوفين ۽ ثقافت جي دائري ۾ ڪم ڪندڙ انسان دوستن ۽ سڌارڪن ذريعي ٿيندو رهيو آهي.

ٿو. اسانکي پاڻ صوفي، ثقيف يا ڪلچرسٽ سڏائي سگهون ٿا. اسانجي ڪم جو دائرو مخصوص ۽ محدود آهي. اسان ڪنهن جي خلاف نہ آهيون، نہ ڪنهنجا پوئلڳ ٿي رهڻ گهرون ٿا. اسانجو نہ صاحب شريعت مذهبي ماڻهن سان اختلاف آهي، نہ ڪميونسٽ ڌر سان. اسان حڪومت جي ڪمن يا پاليسيءَ ۾ ڪابہ دست اندازي يا دخل ڪرڻ نٿا گهرون. "رموز مملڪت خود خسروان دانند" مان سبق وٺي چئون ٿا تہ "حاڪم ڄاڻن سندن ڪم ڄاڻي!" تنهنڪري سياسي معاملا سياستدانن جي حوالي ۾ ڇڏيون ٿا. اسان، "لڪم دينڪم ولي دين" — يعني "اسان کي پنهنجا رايا ۽ اعتقاد آهن، اوهان پلي پنهنجا رکو" — ۾ اعتقاد رکون ٿا. اڄ ڪلهہ ان اصول کي "ڪو اگزسٽنس" (Co-exictenee) يعني "باهمي رواداريءَ سان گڏجي رهڻ" جي نالي سان دنيا جا گهڻا ماڻهو قبولي چڪا آهن. اسان پنهنجي سمجهہ آهرچپ چاپ، خدمت خلق ڪرڻ گهرون ٿا، ۽ اُن لاءِ اسان جي گروه ۾ ڪم ڪرڻ وارن کي هيٺين ڳالهين بابت ذهن صاف ڪرڻا پوندا.

(١) ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت کي ميڃي، مذهبن جي نالن ۾ انسانذات جي وچ ۾ ڪڙي ڪيل ديوارن کي ٽوڙڻو اٿئون. شيخ سعدي عليه الرحمة فرمايو آهي:

بني آدم اعضائي يڪديگراند، ڪہ در آفرينش زيڪ جوهراند،
چون يڪ عضو بدرد آورد روزگار، همہ عضوهارا نہ ماند قرار.

معنيٰ تہ "سڀيئي ماڻهو هڪ ئي بدن جا جزا آهن، جو اهي تہ خلقت ۾ هڪ ئي جوهر مان پيدا ٿيل آهن. بدن جي هڪڙي عضوي کي درد رسي ٿو، تہ سڀئي عضوا بيقرار ٿي وڃن ٿا."

(٢) هر اها ڳالهہ، جا انسانذات ۾ نفاق ۽ نفرت پيدا ڪري ٿي، پوءِ چو نہ اُها اسلام، خدا، رسول، ملڪ، وغيره جهڙن دلڪش نالن ۾ ظاهر ڪئي وڃي، اُن کان اسان کي پري رهڻو آهي، ڇاڪاڻ تہ اها ڳالهہ اسان جي اسلام (دين امن) جي بنيادي مقصد خلاف

آهي. مولانا رومي فرمايو آهي ته:

”تو براءِ وصل ڪردن آمدي، ني براءِ فصل ڪردن آمدي.“

معنيٰ ته – ”ماڻهو دنيا ۾ اتحاد ۽ محبت لاءِ آيل آهي ۽ نه جدائيءَ ۽ نفاق لاءِ.“

انهيءَ ڳالهه کي مدنظر رکي، اسان ڪي وحدت انسانيءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻي آهي ۽ نه، وحدت مسلمانيءَ لاءِ. اسان جو ايمان ربالعالمين ۾ آهي.

(۳) اسان سمجهون ٿا ته انساني معاشرو تاريخي ارتقا جي انهيءَ درجي تي پهتو آهي، جتي حڪومتي ڪاروبار، ملڪي نظام، معاشي ۽ سماجي مفاد جا ڪم ترقيءَ تي تجويزون، ملڪ جو امن امان ۽ انصاف ملڪي حڪومتن جي هٿن ۾ هئڻ گهرجن. مذهبي شريعتن کي اهڙي ملڪي ڪاروبار ۾ ڪوبه دخل نه هئڻ گهرجي. پڻتي پيل ملڪن ۾ ملڪي حاڪم، سياسي مصلحتن خاطر مذهبي ڪارڪنن کي زباني طرح خوش رکڻ لاءِ چيا به، چون، پر اسان جي ڪارڪنن جا ذهن انهيءَ معاملي ۾ صاف هئڻ گهرجن ته مذهبي شريعت جو سياسي معاملن سان واسطو ملڪي مفاد وٽان نه آهي.

(۴) اسان عقيدي ۽ خيال جي آزاديءَ جا حامي آهيون، ۽ ان کي پنهنجي جنم جو حق سمجهون ٿا، تنهنڪري ڏارين دستاندازيءَ يا اثر ڪري، ان حق تان دست بردار نه، ٿينداسون. اهڙيءَ طرح اسان ٻين جي عقيدن ۽ خيالن ۾ دستاندازي ۽ دخل نٿا ڪرڻ گهرون. ساڳي اميد پنهنجي لاءِ ٻين مان به رکون ٿا.

(۵) اسان عدم تشدد ۽ اهنسا جا حامي آهيون. پنهنجي خيال ۽ عقيدي جو اظهار محدود دائري ۾، تاليف قلوب ۽ محبتي مام ذريعي ڪرڻ گهرون ٿا. زور زبردستيءَ ۽ ظاهري پروپيگنڊا ۾ اسان جو اعتبار نه آهي. مذهبي جهاد جا مخالف آهيون. نفس کي مارڻ کي جهاد اڪبر سمجهون ٿا.

(۶) اسان جو اعتماد آهي ته سرزمين سنڌ ۽ ان جي صوفيائي ڪرام کي اتحاد انساني، امن عالم، ۽ دنيا جي آباديءَ لاءِ خاص

ڪجهه اڳ آيو، اسان جا ڪلاسيڪي شاعر مشاعري باز نہ ٿيا، ڇو تہ آهي بيحد خوددار انسان هئا، ۽ هو ڪنهن جي آسڻ تي نہ ويندا هئا، پر ڪوڙئين انهن جي آسڻ تي اچي سلام ڪندا هئا، ڇو تہ هو نہ فقط شاعر هئا، پر پيغامبر بہ هئا. هو ڪنهن طبقي جا محتاج نہ هئا، پر پنهنجي ذات ۽ ذاتئہ عوام کي آڇيو هئائون. هو ڪنهن جا قصيده گو نہ هئا، سواءِ سنڌ جي عوام جي، جنهنجي محبت هنن جي فن جو سرچشمو هئي، ۽ سنڌ جي عوام انهن کي بي مثال سنجيدگيءَ سان داد ڏنو، انهن جي سٽ سٽ ياد رکي ۽ انهن جي پيغام کي پنهنجي زندگيءَ جي نظرئي ۾ شامل ڪري ڇڏيو. اسان، جي اڄ سنڌي ثقافت جي تحفظ ۽ تجديد لاءِ ڪنا ٿيا آهيون، انهن شاعرن جا وارث آهيون ۽ جن انسان ذات کي هڪ لازوال پيغام ڏنو آهي. امن ۽ انسانيت جو پيغام، سپردگيءَ ۽ سرفروشيءَ جو پيغام، مذهبي تفرقي بازيءَ ۽ تعصب کان پرهيز جو پيغام، حب الوطنيءَ ۽ بين الاقوامي رواداريءَ جو پيغام. اسان پٽائيءَ ۽ درازيءَ جي روايت جا وارث آهيون، ۽ مشاعري جو مسخر پيٺو اسان لاءِ ڪائي اهميت نٿو رکي. هيءَ ڌرتي، جنهن ۾ اسان جي جڙ آهي، هيءَ ڌرتي، جا اسان جي ماءُ آهي، هيءَ ڌرتي جنهن سان سوين فن ۽ ادب جا رنگين گل آسريا آهن نهيءَ ڌرتيءَ جي، فقط انهيءَ ڌرتيءَ جي روايت اسان جي ثقافت جو حصو آهي، ۽ انهيءَ روايت جي حفاظت ئي اسان جي تخليقي ادب کي پنهنجي لازوال انفراديت ڏيئي سگهي ٿي.

اها پنهنجي ثقافت سان محبت قدامت پسندي نہ آهي، ۽ نہ جنبي روايت سان بغاوت تنگ نظريءَ جي نشاني آهي. جا بہ اجنبي روايت اسان جي ثقافت جي مزاج سان ٺهڪي نہ اچي، اُن سان لڳاءُ ۽ ان جو ڦهلاءُ انهيءَ وڻ ويڙهيءَ وانگر آهي، جا سائي وڻ کي ڪائي ڇڏيندي. ثقافت هڪ جامد حقيقت نہ آهي، پر ان جي اوسر ن جي جڙ سان ٿيندي آهي، ۽ ڌاريءَ ڌرتيءَ ۾ اها ڪومائجي يندي آهي. اسان جي زرعي پيداوار واري سماج تي جڏهن صنعتي

ڪارونجھر تائين پکڙي پيئي آهي. جا موهن جي دڙي ۽ اروڙ جي اتهاس ۾ جرڪي رهي آهي، ۽ جنهن پوري برصغير جي تهذيب تي پنهنجا ترورا ڦهلائي ان کي زندگي بخشي آهي. اها ثقافت اسان پنهنجي جند جان کان عزيز رکنداسين، ۽ اهو عظيم پيغام، جو اسان کي پنهنجا پيغمبر، شاعر ڏيئي ويا، ڪڏهن نه وساريندا سين، ۽ ان کي هن اونداهي ڪنڊ ۾ مشعل راه ڪري بلند رکنداسين.

— شيخ اياز

# چوٿين ڪل سنڌ ثقافتي ڪانفرنس
## ڀٽ شاهہ.
## (٢٩- سپٽمبر ١٩٦٦ع)

(بزم صوفيائي سنڌ جي سهاري هيٺ، ڀٽ شاهہ تي گڏ ٿيل چوٿين ڪل سنڌ ثقافتي ڪانفرنس ۾، محترم جي- ايم- سيد صاحب جو پڙهيل افتتاحي خطبو ـــ)

ـــــ

عزيز ڀائرو!

جون مهيني کان پوءِ، هيءَ بزم صوفيائي سنڌ جي چوٿين ڪانفرنس آهي، جنهن کي خطاب ڪري رهيو آهيان. ٽني ۾، داد شهيد تي ۽ ميرپور ٻٺوري ۾ اڳيون ڪانفرنسون گڏ ٿيون هيون. اڄ سونهاري سيد جي ڀلاريءَ ڀٽ تي گڏ ٿيا آهيون!

جن صاحبن منهنجي اڳين خطبن کي پڙهيو يا ٻڌو هوندو، تن کي معلوم آهي تہ انهن ۾ صاف ظاهر ڪيل هو تہ سياست کان ڪناري ڪشي ڪري، طريقت يا ڪلچرل تحريڪ کي، ڪن خاص مقصدن ۽ مرادن سان، هٿ ۾ کنيو اٿم، جن مان مکيہ مقصد اسان جي قومي شيرازي جي هيٺ بيان ڪيل ڪمزورين کي دور ڪرڻ آهي:

(١) خود مطلبي، (٢) قومي شعور جي عدم موجودگي، (٣) نفرت ۽ نفاق جو وجود، ۽ (٤) بزدليءَ ۽ بي همتيءَ جي موجودگي.

جي قبضي لاءِ هڪ ٻئي سان چٽاڀيٽي ڪرڻ ۽ هن جي هڪ خواهش آهي. اها خواهش ماڻهوءَ ۾ فطري طور داخل ٿيل آهي، جنهن کي اهل تصوف نفس اماره ( Animal instinct ) جي نالي سان سڏيو آهي.

دنيا جي جملي صالحن، درويشن ۽ اهل طريقت بزرگن جي گهڻي وقت کان اها ڪوشش پئي رهي آهي ته صحيح تعليم ۽ تربيت وسيلي ماڻهن مان حيواني خواهشن کي ڪڍي، سندن نفس جي اصلاح ڪري، انهن کي خليق ۽ شفيق بنايو وڃي. ان لاءِ هو پهرين انهن ۾ صحيح ۽ غلط، مفيد ۽ غير مفيد ڳالهين جي تميز پيدا ڪن ٿا، جنهن جي پيدا ٿيڻ بعد، انساني نفس، اماره جي حالت مان نڪري لوامه جي صورت اختيار ڪري ٿو. انهيءَ بعد، هنن ۾ قوت ارادي پيدا ڪري، ڪانئن چڱي شيءِ کي قبول ڪرائين ٿا ۽ بري شيءِ کان پاسو ڪرڻ جي ڪين تلقين ڪن ٿا. ان درجي تي پهچڻ تي نفس مطمئنه جو درجو اختيار ڪري ٿو. ڪلچر ۽ ثقافت جو مقصد به ساڳيو اهو ئي آهي. جڏهين ماڻهو اهڙيءَ طرح آهستي آهستي ترقي ڪري ٿو، ته وحشاني خواهشن کان آزاد ٿي، خود مطلبيءَ ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ نتيجي يعني نفاق، کي ترڪ ڪري، هو قومي ۽ ملڪي مفاد کي ترجيح ڏيڻ لڳي ٿو، ۽ مهذب بنجي ٿو.

مغربي ملڪ، باوجود ڪيترين ڪوتاهين جي، تهذيب ۽ تمدن ۾ اسان کان وڏيڪ ترقي يافته ٿي ويا آهن، جنهن ڪري منجهن قومي شعور پيدا ٿيو آهي ۽ شخصي چٽاڀيٽين کي هو گهٽائيندا وڃن ٿا. اسان اڃا خودمطلبيءَ جي چار ۾ ڦاٿا پيا آهيون. نه قومي شعور پيدا ڪري سگهيا آهيون، نه مجموعي مفاد لاءِ شخصي ايثار ۽ قربانيءَ جو مادو پيدا ٿيو اٿون. ان جو پهريون ڪارڻ اها "قبضي جي خواهش" آهي.

## ٻيو ڪارڻ- خوديءَ جي تعليم:

ڪن عالمن، حڪيمن ۽ ليڊرن طرفان ماڻهن کي خوديءَ جي

مخالفت ڪئي آهي، آنهن کي آن مان دوئيءَ جي بوءِ آئي آهي.
آن کي هنن نفرت ۽ نفاق جو ڪارڻ ٿي سمجهيو. تنهن ڪري آءٌ
مناسب ٿو سمجهان ته پنهن جي گروه جي ڪارڪنن آڏو، اِن مسئلي
تي پنهن جي سمجهه آهر ڪجهه روشني وجهان.

مسئلي خوديءَ جي تلقين آخري طرح هتان جي مسلمانن جي
اڳيان علامه شيخ محمد اقبال ڪئي آهي. سندس چوڻ آهي ته

خودي کو کر بلند اتنا که هر تقدير سے پهلے،
خدا بندے سے خود پوچهے بتا تيري رضا کيا هے،

انهيءَ جي تشريح ڪندي، اسان کي ٻڌايو وڃي ٿو ته شخصن ۽ قومن
جي بقا ۽ ترقيءَ لاءِ سنجهن خوديءَ جو احساس پيدا ڪرڻ نهايت
ضروري آهي؛ خوديءَ جي ڪائڻ جي تعليم شخصن ۽ قومن ۾ سستي،
ٻزدلي ۽ تنزل آڻي ٿي؛ شخصن ۽ قومن ۾ خوديءَ جو احساس منجهن
خود شناسي ۽ اولي العزمي پيدا ڪري ٿو. مطلب ته خوديءَ ۽
خود شناسيءَ کي هم معنيٰ ڪري پيش ڪيو وڃي ٿو.

اِنهيءَ مسئلي تي گهرو غور ڪبو ته اهو ٻن قديم فيلسوفي
مسئلن جو جزو بنجي پوي ٿو، جن کي **"جبر ۽ قدر"** جي نالي
سان سڏيو ويو آهي. آن ڪري اِنهن ٻن مسئلن تي ڪجهه روشني
وجهڻ بعد، پنهن جي نقطي جي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندس.

۱ - **مسئلي قدر :-** هن مسئلي جي حامين جو چوڻ آهي
ته ماڻهو اشرف المخلوقات آهي، آن ۾ خدا جو نور آهي. تنهن ڪري
هو ڪائنات جي هر شيءِ تي حاوي ٿيڻ جو لائق آهي، ۽ جيڪڏهن
بلند پروازيءَ ۽ اعليٰ همتيءَ کان ڪم وٺندو ته، دنيا جي هر شي
کي جيتي سگهي ٿو ۽ پنهن جي تابع ڪري سگهي ٿو.

يزدان ٻه ڪمند آور اي همت مردانه !

هو قومن جي ترقيءَ جو راز انهيءَ نظرئي جي مڃڻ ۾ مضمر سمجهن
ٿا. يورپ جي موجوده علمي، ۽ سائنسي ترقي، هو انهيءَ نظرئي جي

وقت ۾ انهن تنهي درجن مان لنگهڻ ضروري آهي. ليڪن هن زماني ۾، ماڻهن جي سمجهه، ۽ حالات جي تقاضا موجب، انهن لفظن جي جديد طرز بيان ۾ نئين معنيٰ ڪيڏي آهي. انهن لفظن جي معنيٰ جيڪا مون سمجهي آهي، اها اوهان جي اڳيان پيش ڪريان ٿو:

**فنا في الشيخ:** شيخ سڏيو ويو آهي مرشد کي، ليڊر يا مدارالمهام کي. اهي بزرگ پنهن جن پوئلڳن يا گروهن جي صحيح تعليم ۽ تربيت جو ڪم سر انجام ڪندا هئا. هو ماڻهن جي نفسي اصلاح ۽ اخلاقي درستيءَ لاءِ ڪوشش ڪندا هئا. سندن بنيادي متا هي هوندا هئا ته:

١- شخصن مان خود مطلبي ڪڍي، منجهن قومي مفاد لاءِ ايثار جو مادو پيدا ڪن.

٢- ماڻهن مان نفرت ۽ نفاق دور ڪري، منجهن قومي محبت ۽ اتحاد قائم ڪرائين، ۽

٣- بدامنيءَ جا ڪارڻ ڪڍائي، امن ۽ سلامتي پيدا ڪن.

آهي ماڻهن کي، قومي مفاد لاءِ شخصي مفاد کي ايثار ڪرڻ جي تلقين ڪندا هئا. ماڻهن ۾ قومي شعار پيدا ڪندا هئا. ماڻهن کان خود مطلبي ترڪ ڪرائي، آنهن کي ايثار ۽ اخلاق جي مجسمن بنائڻ جو ڪم ڪندا هئا. جديد زبان ۾ "فنا في الشيخ" جي معنيٰ "فنا في القوم" ٿي سگهي ٿي، ڇاڪاڻ ته اهي بزرگ ملڪ ۽ قوم جا پيغام رسان هئا، انهن کي "مصلح قوم" سڏجي ته زياده موزون ٿيندو. اها پير پرستي نه هئي، پر قوم پرستي هئي. محض پير پرستي جيڪا شخص پرستيءَ جو پيو نالو هجي، آها ته شرڪ جي صورت آهي. اڄڪلهه مهذب ملڪن ۾ انهيءَ شخصي ليڊر شپ جي عيوض مجموعي ليڊر شپ کي ترجيح ڏني وڃي ٿي، جا ڳالهه هيرو ورشپ يا شخص پرستيءَ کي مقصد سمجهي، ان ۾ گمراه ٿيڻ کان بچڻ لاءِ ايجاد ڪئي ويئي آهي.

**فنا في الرسول:** اهل تصوف رسول اڪرم صلعم کي

اي بر تر از خيال و قياس و گمان وهم،
و ز هرچه گفته اند - شنيديم، خوانده ايم.
مجلس تمام گشت و به‌آخر رسيد عمر،
ما همچنان در اول وصف تو مانده ايم.

آخر ۾ خوديءَ کي مارڻ لاءِ سند طور هيٺين بزرگن جا اقوال پيش ڪريان ٿو:

## شمس تبريز عليه الرحمة:

عقل گويد پا منه کاندر فنا جز خار نيست،
عشق گويد هست در تو مايه آن خار ها.
حرف مرا گوش کن، باده دل نوش کن،
بيخود و بيهوش کن، خاطر طرار را.

---

پاک شو ز خويش و همه خاک شو،
تاکه ز خاک تو برويد گياه

---

آن روح را که عشق حقيقي شعار نيست،
تا بوده به کے بودن او غير عار نيست،

---

پر سند عشق چيست بگو ترک اختيار،
هر کو ز اختيار ترست اختيار نيست.

---

بس صدفهائي چو نقره زير سنگي کوفتيم،
تا بوئي گنجهائي در مکنون تاختيم

## (١) مولانا جلال الدين رومي عليه الرحمة:

گفت: ليلي را خليفه کان توئي
کز تو مجنون شد پريشان وغوي
از دگر خوبان تو افزون نيستي
گفت خامش چون تو مجنون نيستي

دیده مجنون اگر بودي ترا — درد عالم بیخطر بودي ترا
باخودي تولیک مجنون بیخوداست — در طریق عشق بیداري بداست
هر که بیدا رست او در خواب تر — هست بیدا ریش از خوابش بتر
چون بحق بیدار نبود جان ما — هست بیداري چو در بندان ما

## (۳) عبدالقادر محي الدین علیه الرحمة :

نیک مردان جهان گر جنگ در طاعت زند،
'محي الدین' مفلس ترا جزفضل حق درجنگ نیست

---

"محي" با این زندگاني گر گمان داري که تو
راه حق رفتي یقین مي دان که فکر باطل است

---

شراب عشق چندان خور که سر از پائي نشناسي
که سرمستان حضرتِ را زهشیاري بسي عارست

---

خلاصي گر زهستي بایدت عاشق اي "محي"،
که اول کام در عشق پریرویان عدم باشد.

## (۴) خواجه معین الدین اجمیري علیه الرحمة :

دلا بحلقهٔ رندان بزم عشق درا،
که جرعه ز شراب بقا دهند ترا.

---

بیا و هر دو جهانرا بششدر اندر نه
درین قمار بیک داد هر چه هست ترا.

---

اگر بقا طلبي اولت فنا باید،
که تا فنا نشوي ره نمي بري ببقا.

---

نقاب هستي خود را تو از ميان بردار،
دگر ببين ڪ، جمال تو مي شود پيدا .

**سلطان باهو عليہ الرحمۃ :**

دم زدن در راه عشق يار نيست، پاره شو در راه او صد پاره ها .
تا زمين دل نگردد لا نقوش، ڪي برويد از گل گزارها .
يار بايد جان فداخود ڪردنيست، غير جان دادن نديدم چارها .

**(٦) شاهہ عبداللطيف ڀٽائي عليہ الرحمۃ :**

عين شرڪ اي‎ٴ، جيئن بي شرڪ ڀانئين پاڻ ڪي،
وڃائـي وجـود ڪــــي، پـاڻـان ٻاسي تـيءَ،
هڏهن ڪونهي هيءَ، هو پڻ ڪونهي هن ري .

---

جان جان ڀسين پاڻ ڪي، تان تان ناهہ سجود،
وڃائـــــي وجود، تهان پـوءِ تڪبير چئو.

---

نا بوديءَ نيئي، عبد ڪـي اعلـيٰ ڪيو،
مورت ۾ مخفي ٿيـا، صورت پـڻ سيئي،
ڪبي آت ڪيهي، ڳالهہ پريان جي ڳجهہ جي!

---

خـودي ۽ خداءِ، ڪين ماڻندا من ۾،
پـن ترار يـن جاءِ، ڪانهي هڪ مياڻ ۾ !

**(٧) سچل سرمست :**

يـار تو سان منهن جي زاري، سو لک واري .

---

ڀانهي ڀاروچل جي، آهيان وي آهيان.

---

جڏان ميان موج مستي دي آئي، بيخودي ٿئي جسم ڪيا .

**(٨) بيدل فقير :**

**سڪ رمز وجود وڃاوڻ دي، ڪانهي حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي!**

اسان جي ڪارڪنن کي هيٺين سوالن تي ذهن صاف رکڻو آهي.

١- خودي دوئيءَ جو ڪارڻ بنجي ٿي.

٢- خودي تشدد جو رجحان پيدا ڪري، اڳرائيءَ ۽ سامراجيت جو بنياد بنجي ٿي.

٣- شخصي يا قومي خودي، نفاق ۽ نفرت پيدا ڪري، بدامنيءَ جو ڪارڻ بنجي ٿي.

٤- خودي جي تعليم اسان جي سنڌي درويشن جي تعليم ۽ قديم روايات جي خلاف آهي.
اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو کائي.

٥- جيڪڏهن اسان قوم مان نفرت ۽ نفاق دور ڪري، اتحاد، محبت ۽ ايثار جو مادو پيدا ڪرڻ گهرون ٿا ته خوديءَ کي ختم ڪرڻو پوندوسون.

غلام مرتضيٰ

—:o:—

# پنجين سنڌ ثقافتي ڪانفرنس

## ڀڏڙو (سانگهڙ)

## ٢٣- آڪٽوبر ١٩٦٦ع

(بزم صوفيائي سنڌ جي سهاري هيٺ، ڀڏڙي، ضلعي سانگهڙ ۾، سيد حسن بخش شاهه عليہ الرحمۃ جي ميلي تي ڪُڏ ٿيل، پنجين سنڌ ثقافتي ڪانفرنس).

١- آجيان جو خطبو - محترم پيرشاهنواز شاهه "عرف المولي" صاحب
٢- افتتاحي خطبو - سيد اعظم محترم جي-ايم سيد صاحب

(١)

عزيز ڀاڳرو!

اوهان سڀني جي هن درگاهه جي ساليانې ميلي جي موقعي تي تشريف آوريءَ جو تهدل سان شڪريو ادا ڪريان ٿو.

مون کي خبر آهي ته اوهان دور دراز پنڌ تان تڪليف وٺي، بزم صوفيائي سنڌ جي هن پنجينءَ سنڌ ثقافتي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ تشريف فرما ٿيا آهيو. ان مان تصوف جي مسئلي سان اوهان جي دلچسپيءَ جو پتو پوي ٿو.

هتي پير صاحب سائين حسن بخش شاهه عليہ الرحمۃ جي درگاهه تي هر سال ميلو ٿيندڙ آهي، جتي ماڻهن جي تفريح طبع لاءِ ملاکڙا، راڳ، ناٽڪ وغيره هميشه ٿيندڙ آهن. هن دفعي اسان مناسب سمجهيو ته درويشن جي اصل مقصد- اتحاد انساني، امن عالم، ترقي بني آدم- جي ذيل سبق بابت ماڻهن کي سنڌ جي بهترين اديبن،

شاعرن ۽ عالمن جي خيالن مان واقف ڪرايون.

ان لاءِ هيءَ ڪانفرنس گڏ ٿي آهي ۽ ساري سنڌ مان مکيه حضرات تڪليف وٺي آيا آهن.

اول ۾ افتتاحي تقرير محب سنڌ محترم جناب جي - ايم - سيد صاحب ڪرڻ فرمائيندو. ڪانئس پوءِ ٻيا آيل حضرات پنهن جن پنهن جن خيالن جو اظهار ڪندا. ازان سواءِ شعراءِ ڪرام سندن شعر چوندا، ۽ ان ڪان پوءِ جدا جدا فنڪار پنهن جي پنهن جي فن جو مظاهرو ڪندا.

آءٌ اوهان صاحبن جا دل وجان سان ٿورا مڃان ٿو، جو اوهان پنهن جو قيمتي وقت سيڙائي، هن موقعي تي هتي تشريف فرما ٿيا آهيو، آءٌ بزم صوفياءِ سنڌ جو مجموعي طور ۽ ان جي لائق ڪار پردازن ۽ خاص طرح ان جي روح روان جناب محترم جي-ايم-سيد صاحب جو احسانمند آهيان، جو هنن بزم طرفان هيءَ پنجين سنڌ ثقافتي ڪانفرنس هتي اسان وٽ، حضرت پير سائين حسن بخش شاهه عليه الرحمت جي عرس مبارڪ جي موقعي تي، منعقد ڪئي آهي. مون کي اميد آهي ته سنڌ جي انسان دوستيءَ جي پيغام کي عالم آشڪار ڪرڻ ۾ هيءَ ڪانفرنس اسان جي طرفان هڪ قدم اڳتي ثابت ٿيندي.

عارف المولا

## (۲)

## خطبه افتتاحيه محترم جي - ايم - سيد صاحب

عزيز ڀائرو،

مون کي شڪايت ملي آهي ته اڳين ڪانفرنسن جا خطبا عام ماڻهن جي سمجهه ۾ نه آيا هئا. جيڪڏهن منهنجو هي خطبو عام فهم ڪان مٿي هجي ته معافي ڏيندا. اهڙن خطبن ڏيڻ جو ڪارڻ پڙرو آهي. اسان جي ملڪ جي مکيه خرابين جو ڪارڻ پڙهيل ۽

وڏا ماڻهو رهيا آهن. غريب عوام سادگيءَ ۽ صاف دليءَ سان، هميشه سندن پوئلڳي پئي ڪئي آهي؛ تنهن ڪري منهنجو زياده تر خطاب انهن ئي ماڻهن طرف آهي، جي پنهن جن خيالن ۽ عملن جي خامين ڪري عوام جي گمراهيءَ جو ڪارڻ بنجن ٿا.

هيءَ پنجين ڪانفرنس آهي، جنهن ۾ گڏ ٿي رهيا آهيون. هنن ڪانفرنسن ۾ جن مقصدن لاءِ گڏجون ٿا، انهن بابت آهستي آهستي ڪري مون ۽ ٻين دوستن وقت بوقت پنهن جن خيالن جو اظهار پئي ڪيو آهي. جيڪڏهن انهن کي مختصر لفظن ۾ بيان ڪبو ته بنيادي مطلب هيءُ نڪرندو ته "سر زمين سنڌ کي اتحاد انساني، امن عالم ۽ ماڻهن جي مادياتي ۽ روحاني ترقي لاءِ هڪ خاص پيغام آهي". جنهن پيغام جي اسان جي ولين ۽ درويشن هر ممڪن نموني تشريح ڪري، ماڻهن جي تعليم ۽ تربيت لاءِ ڪوشش پئي ڪئي آهي. اسان پنهن جي سمجهه آهر انهيءَ پيغام جي هنن ڪانفرنسن ذريعي جديد زبان ۾ ترجماني ڪرڻ چاهيون ٿا.

وقتي است ڪه آوازه منصور ڪهن شد،
من از سر نو جلوه دهم دار و رسن را.

معنيٰ- (زمانو گذري ويو آهي جو منصوري آوازوسري ويو آهي آئون نئين سر سوريءَ کي سينگارڻ وارو آواز ڪيان ٿو.)

"ائين ته هر ملڪ ۽ قوم کي پنهنجو پيغام ٿئي ٿو، ليڪن ڪن مخصوص جاگرافيائي ۽ تاريخي اسبابن ۽ مختلف ڪلچرن ۽ مذهبي عقيدن جي ميلاپ ڪري، سنڌ جي پيغام جون ڪي خاص خصوصيتون آهن." جن کي نظر ۾ رکندي شاه عبداللطيف عليه الرحمة ان کي "نئين نياپي" سان تشبيهه ڏني آهي. چوي ٿو ته:

نئون نياپو آئيو، راڻي وٽان رات،
لڌيسون "لطيف" چئي، ڪنان ڏاتر ڏات،
ڪانه پڇي ٿو ذات، جي آئيا سي اگهيا! (شاهه)

بنياد تي گذريل ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کان اڳ اٽليءَ جي ڊڪٽيٽر (حاڪم اعليٰ) مسوليني‌ءَ، اٽليءَ ۾ اڀرائيءَ واري خيال جي قوم پرستن جي هڪ جنگباز جماعت ٺاهي، ان جو نالو **"فاسسٽ پارٽي"** رکيو هو، ۽ ساڳئي نموني تي جرمنيءَ ۾ هٽلر **"نازي پارٽي"** ٺاهي هئي.

مسوليني ۽ هٽلر جو فسطائيت وارو نظريو جرمن فيلسوف هيگل جي جدلياتي اصولن (Dialectics)، شاپنهيئر جي نراشائي (Psesimist) روحانيت واري نظرئي (جو در اصل هڪ مشرقي نظريو هو) برگسن جي انتخابيت (Eclectics) (مختلف فلسفن مان مرضيءَ موجب انتخاب) ۽ نطشي جي فوق البشر (Superman) جي تخيل جي الڳ الڳ خيالن تي مشتمل هو، جن خيالن کي آخر ۾ اٽليءَ جي جديد فيلسوف، گياواني جينٽائل هڪ نئينءَ ۽ رٿائتيءَ صورت ۾ پيش ڪيو.

جيڪڏهن اسان نظرياتي ۽ مذهبي تاريخ جو گهريءَ نظر سان مطالعو ڪنداسون، ته دنيا ۾ قديم مهذب ملڪن- مصر، ايران، يونان، انڊيا، وغيره- ۾ پڻ هن فسطائيت جي نظرئي جا ابتدائي ۽ اڻ- گهڙيا آثار ڏسي سگهنداسون. انهن ملڪن ۾ بادشاهن يا مذهبي مهندارن کي خدا يا اوتار جي درجي تي پهچايو ويو هو، ته ڪن کي اڇوت يا غلام ڪري ڇڏيو ويو هو.

انهيءَ مسئلي جي تهه ۾ وڃي، جيڪڏهن غور سان ڏسبو ته نفس اماره (خودي) (Animal Instinct)، جنهن جي هڪ صفت مال ۽ اقتدار جي حصول جي خواهش آهي، ۽ جنهن کي اخلاقيات (Ethics) جي اصطلاح ۾ خود مطلبي سڏجي ٿو، تنهن مختلف شڪلين ۽ نمونن ۾ هر مذهب، هر فلسفي ۽ هر قوم جي چند گروهن ۾ داخل ٿي، فسطائيت جي صورت پئي اختيار ڪئي آهي.

فسطائيت جو بنياد هن ڳالهه تي رکيل آهي ته "ماڻهن کي وڏ- ننڍائيءَ، صحيح ۽ غلط، مضبوط ۽ ڪمزور، صالح ۽ غير صالح جي گروهن ۾ ورهائي، ٿورن مخصوص ماڻهن جو ڪثير

عوام مٿان، زور زبردستيءَ سان تسلط قائم ڪيو وڃي.“ دنيا جا موجوده سرمايه‌داري نظام، نوان ۽ پراڻا سامراج، مذهب جون غلط تشريحون، آمرانه حڪومتون، عوام جي استحصال غرضي (Exploitation) سڀ انهيءَ نظريي جي پيداوار آهن.

هيٺ آءٌ مثال طور مٿي ذڪر ڪيل ٽن دائرن، يعني مذهب، فلسفي ۽ قوم، مان هرهڪ تي فسطائيت جي اثر بابت روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪندس.

## (١) مذهبن تي فسطائي نظريي جو اثر:

مذهب، قديم زماني کان وٺي، ماڻهن جي اعتقاد ۽ عمل لاءِ ڪي دستور مقرر ڪري، سندن رهبري ۽ هدايت ڪندا آيا آهن. نفس امارو (خودي) ماڻهن جي طبيعتن ۾ موجود هئڻ سبب ڪيترا مذهبي گروه ٻه، پنهن جن اعليٰ دعوائن جي باوجود، وڏي ۽ ننڍي، مضبوط ۽ ڪمزور، صالح ۽ غير صالح، صحيح ۽ غلط جي تفاوتن جي چار کان پاڻ ڇڏائي، پنهنجي پوئلڳن جي صحيح رهبري ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيا آهن.

مذهبن جا ٻه مکيه صيغا رهيا آهن، جن کي ”طريقت ۽ شريعت“ جي نالن سان سڏيو وڃي ٿو. اهل طريقت جو واسطو ماڻهن جي صحيح تعليم، تربيت، اصلاح نفس ۽ اخلاقن جي درستيءَ سان پئي رهيو آهي جنهن جي واڳ پيران طريقت، ساڌن، سينٽن (راهبن) جي هٿ ۾ رهي آهي. اهل شريعت جو واسطو ماڻهن جي روزمره جي ڪاروبار زندگي وغيره سان پئي رهيو آهي، جنهن جي واڳ شيخ الاسلامن، پوپن پادرين، برهمڻن ۽ کشتري راجائن جي هٿ ۾ رهي آهي.

انهن ٻنهي گروهن جي ڪيترن ڪارڪنن ۾ مٿي ذڪر ڪيل فسطائي خيال اثر انداز ڏسڻ ۾ اچن ٿا. امامن، خليفن، پوپن، آچارين مرشدن، ساڌن، سينٽن (راهبن) کي ڪيترن ماڻهن فوق البشر تسليم

عيسائين ۾ پوپ، بشپ نہ رڳو معصوم هئا، پر پڻ جي گناهن جو ڇوٽڪارو ۽ شفاعت ڪري سگهيا ٿي.

انهن عقيدن ڇونڊيل گروه پيدا ڪيا ۽ ماڻهن ۾ وڏن ماڻهن ۽ ننڍن ماڻهن، پهتل ماڻهن ۽ پوئتي رهيل ماڻهن، صالحن ۽ اڻ صالحن جا تفاوت پيدا ڪيا.

مذهبن تي فسطائي خيالن جي اثرن جي مختصر اپٽار ڪرڻ بعد، هيٺ فلسفي تي انهن جي اثر جو ذڪر ڪندس.

## (٣) فلسفي تي فسطائي نظرئي جو اثر

ڪي عالم چون ٿا تہ فسطائيت جدا فلسفو نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ دنيا ۾ صرف ٻہ مکيہ فلسفا هن وقت مروج آهن:

(١) آئيڊيلزم (عينيت) جو فلسفو، جنهن تي ٻي روحانيت جي سموري فڪر جو بنياد ٻڌل آهي.

(٢) مٽيريلزم (ماديت) جو فلسفو.

ليڪن ڪيترن عالمن جو چوڻ آهي تہ فسطائيت جدا فلسفو آهي، جو موجوده دور ۾ جرمنيءَ جي مشهور فيلسوف هيگل جي جدلياتي عينيت (Dialectic Idealism) جي فلسفي کان سواءِ، نام نهاد سائنسي اثباتيت (Pseudo-Scientific Positivism)، نو مادياتي واقعيت (Neo-realism) ۽ فلسفهء تجربيت (Empericism) مان اخذ ڪيل آهي - جن ٽنهي پوئين مادياتي فلسفن هڪ طرف آئيڊيلزم کي رد ڪيو ٿي، ۽ ٻئي طرف مافوق الطبيعت علم باطن (Metaphysical mysticism) پيدا ڪيو ٿي، جو پرئگميٽزم (عملي واقعيت Pragmetism جي اصولن تي قائم ڪيل هو. تنهنڪري فسطائيت جا قائل مٿي ذڪر ڪيل ٽن مادياتي مسلڪن مان استفادي ڪرڻ جي باوجود علم باطن جو استعمال ڪرڻ ضروري ٿا ڄاڻن.

اطالوي فسطائيت جي آفيشل فيلسوف، گياواني جينٽائيل، جو چوڻ آهي تہ 'انسان فطري طور مذهبي آهي؛ مذهب جو مقصد خدا

ٿو ذات"، "جنين پانيو پاڻ، ڪيئين توانئي تن کي"- جي خلاف هو. هنن ماڻهن جي صلاحيت کي صحيح علم، اصلاح نفس ۽ اخلاق جي درستيءَ تي ٻڌڻ ٿي چاهيو، ۽ نہ ڪن فردن يا گروهن جي فطري برگزيدگيءَ تي اُن کي قائم ڪرڻ ٿي گهريو.

فسطائيت جو مکيہ اُصول سپرمئن (فوق البشر) جو مسلڪ آهي، جنهن جو موجد شاپنهيئر جو پوئلڳ نطشي آهي. شاپنهيئر هندن جي اپنشدن کان سبق حاصل ڪيو هو، جن ماڻهن جي مادياتي فلاح ۽ بهبوديءَ لاءِ جاتين جو قيام ضروري ٿي ڄاتو، بلڪ اُن کي مذهب جو مکيہ متو ٿي سمجهيو، تنهنڪري ڪن فلسفي جي ڄاڻن جو چوڻ آهي تہ چاڪاڻ تہ عامي يا چالو ماديت (Vulgarmaterialism) ۽ هندن جي روحاني نظرئي جي وچ ۾ هڪ خاص لاڳاپو آهي، تنهنڪريئي شاپنهيئر ۽ نطشي جي فڪر تي ٻڌل فسطائي نظرئي جي قوم پرستاريءَ ۽ قومي برتريءَ جي محرڪ جذبي کي هڪ قسم جي "احياي دين" جي جذبي جي حيثيت ڏني ويئي آهي. شاپنهيئر جيتوڻيڪ پيسيمسٽ (نراُشائي) هو ۽ هن ساري عمر هيگل جي انقلابي فلسفي جي خلاف جدوجهد ڪئي، تنهن هوندي بہ سندس فلسفي مان يهودين خلاف نفرت جو پتو ڪولي سگهجي ٿو.

شاپنهيئر زندگيءَ جي وجود کي گناهہ سمجهيو ٿي. اِنهيءَ جو سبب جرمن جو سنہ ١٨٤٨ع جي انقلاب ۾ شڪست کائڻ هو- جهڙيءَ طرح مغلن جي تنزل جي وقت "غالب" چيو هو تہ

قيد حيات و بند غم اصل ميں دونون ايڪ هيں-

ليڪن جڏهن بسمارڪ وري جرمن قوم کي منظم ڪري، طاقتور بنايو، تہ شاپنهيئر جي شاگرد نطشي استاد جي تعليم کي پيسيمزم (نراُشائي نظرئي) مان بدلائي، سنيسزم (ڪلبيت- شين کي حقارت سان ڏسڻ) ڪري ڇڏيو. هن اها تشريح ڪئي تہ سختي ۽ بيرحمي زندگيءَ جا حصو هيون، تنهنڪري حصول مال ۽ اقتدار جي نقط نگاهہ کان ڌاريں ۽ ڪمزورن کي قبضي ۾ آڻي، پنهنجي غرض لاءِ استعمال (ايڪسپلائٽ

ڪرڻ جائز هو. هن آن ڪري متانهين طبقي ۽ ملٽري ڪلاس جي برتريءَ جي هام هڻڻ شروع ڪئي.

هندن ۾ سوامي رام ڪرشن جي مکيہ پوئلڳ سوامي وويڪانند، هندن ۾ نئين سر جان وجهڻ لاءِ، هندو فلسفي ۾ خوديءَ کي داخل ڪندي، مثال ڏنو تہ "زندگي منهنجي متان حاوي نہ آهي، بلڪ آءٌ ان جو مالڪ آهيان." اهڙيءَ طرح، جرمن قوم ۾ زندگي پيدا ڪرڻ لاءِ، نطشي، آن جي تتبع تي، چيو تہ "شراب کي آءٌ پيئان ٿو، شراب مونکي نٿو پيئي." ساڳيءَ طرح علامہ اقبال، مسلمانن ۾ روح ڦوڪڻ لاءِ، آنهن جي ايجاد ڪيل نظرين کي ڪتب آندو.

مطلب تہ هنن سڀني، مذهبي پشتيءَ ذريعي، قومن جي ترقي ڪرائڻ گهري ٿي، جنهن جو بنياد خوديءَ تي رکيو هئائون، جنهن ڦري فسطائيت جي صورت اختيار ٿي ڪئي. سندن راءِ موجب، جڏهن کي قومون پاڻ ۾ خودي پيدا ڪري، پنهنجي راءِ جون مالڪ ٿين ٿيون، تہ آهي چونڊيل ۽ اعليٰ بنجيو پون، جنهنڪري کين دنيا جي رهبريءَ ۽ امامت جو حق حاصل ٿيو وڃي.

هندن، اٽالين ۽ جرمنن، ۽ علامہ اقبال جي انهن نظرين ۾ تفاوت صرف هيءُ هو تہ پهرين ٽن جو مدار آرين نسل جي برتريءَ تي ٻڌو ٿي ويو، ۽ پوئين مسلمان "قوم" جي برگزيدگيءَ ۽ آن جي فڪر ۽ عمل جي وحدت تي آن جو بنياد ٿي بيهاريو.

جيڪڏهن گهريءَ نظر سان ڏسبو، تہ حقائق دهر موجب، نہ متي ذڪر ڪيل ٿي قومون چند آرين نسل مان هيون ۽ نہ سڀ مسلمان برگزيده، فڪر ۽ عمل ۾ يڪسان هئا. آهي نظريا جذباتي بنيادن تي قائم ڪيا ويا هئا، جن جو حقيقي دنيا ۾ وجود ئي ڪونہ هو، جن جو بنياد فسطائيت جي فلسفي تي ٻڌو ويو هو.

اوهان جيڪڏهن غور سان نگاهہ ڪندا، تہ اوهان کي معلوم ٿيندو تہ فسطائيت جو نظريو هيٺين مکيہ اصولن تي ٻڌل هو:

(١) مال ۽ اقتدار جي حصول لاءِ خودمطلبيءَ جو جذبو:

(٢) ماڻهن ۾ نند وڏائيءَ جو فطري، مستقل ۽ اٽل وجود تسليم ڪرڻ، ۽
(٣) ڏاڍي ۽ هيڻي ۾ زندگيءَ ڪي ورهائـي، تنازع للبقا لاءِ تصادم کي لازمي قرار ڏيڻ.

آنهن اصولن جي وڌيڪ تشريح هيٺينءَ طرح ٿيندي ــ

**(١) فسطائيت جو بنياد خودمطلبيءَ تي ٻڌل هو:**

آءٌ پٺتي شاهه واري خطبي ۾ ٻڌائي آيو آهيان ته انسان ۾ ڪي حيواني خواهشون فطري طور وديعت ڪيل آهن، جن مان حصول مال ۽ اقتدار جي خواهش مکيه آهي، جنهن جو بنياد نفس ”اماره“ (خوديءَ) تي ٻڌل هو، ۽ انهيءَ حالت ۾ ماڻهوءَ کي، سواءِ شخصي نفعي جي، مجموعي نفعي ۽ نقصان جي تميز ڪانه ٿي رهي. پوءِ جڏهن ماڻهوءَ ۾ آهستي آهستي ٿي، تجربي بعد، آن مجموعي نفعي ۽ نقصان جي تميز پيدا ٿئي ٿي، ته هن جو نفس ترقي ڪري ”لوامه“ جي درجي تي پهچي ٿو. ان کان پوءِ جڏهن منجهس، قوت ارادي پيدا ٿي، مجموعي مفاد لاءِ ايثار ۽ قربانيءَ جو مادو پيدا ٿئي ٿو، ته سندس نفس ”مطمئنه“ جي حالت کي پهچي ٿو.

اهل تصوف جو چوڻ آهي ته ماڻهوءَ ۾ حيواني (شيطاني) ۽ انساني (ملڪوتي) لاڙا ساڳئي وقت ڪم ڪندا رهن ٿا. هنن، حيواني لاڙن کي نفس امارو سڏيو آهي، جو ماڻهوءَ کي خوديءَ ۽ خودمطلبيءَ ڏي نيئي، مجموعي مفاد جي خلاف هلڻ لاءِ ترغيب ڏئي ٿو، ۽ هنن، انساني لاڙن کي نفس مطمئنه سڏيو آهي، جو ماڻهوءَ کي مجموعي مفاد لاءِ ايثار ۽ قرباني ڪرڻ لاءِ تيار ڪري ٿو. پهرين لاڙن مان نفرت ۽ نفاق، ۽ ٻين مان محبت ۽ اتحاد پيدا ٿئي ٿو.

محبت ۽ نفرت جي جديد زبان ۾ هيٺين تشريح ٿيندي:

محبت کي آٽرئڪشن (ڪشش) يا انٽيگريشن (تڪميل) جي قوت سڏي سگهجي ٿو. نفرت کي رپلشن (تڪار) يا ڊس انٽيگريشن (انتشار) جي قوت سڏي سگهبو.

خيال مان نڪتل آهي. موجوده دور ۾ انهي نقطي نگاه، جي تشريح عالمانه ۽ فلسفيانه انداز ۾ علامه اقبال ڪئي آهي.

ليڪن سنڌ جي ڪثرت تعداد درويشن ۽ سنڌن همخيال عالمن جو انهيءَ نظرئي ۽ تشريح ۾ منڍ کان وٺي اعتقاد ڪونه رهيو آهي. هو وحدت‌الوجود جي نظرئي ۾ اعتقاد رکڻ ڪري، ابتدا کان وٺي "تعاون للبقا ۽ امن برائي ترقي" جي مسلڪ کي مڃيندا رهيا آهن. تصادم کي حيواني صفت سمجهي، ان کي رد ڪيو اٿن، آن ڪري هنن اتحاد انساني، امن عالم ۽ بني آدم جي ترقيءَ کي جملي مذهبن جو بنيادي متو سمجهي، وحدت مذاهب جو پرچار پئي ڪيو آهي. هنن جملي ماڻهن کي هڪ وڻ جون ٽاريون يا هڪ بدن جا عضوا پئي سمجهيو آهي.

بني آدم اعضاءِ يڪديگراند، ڪه در آفرينش يڪ جوهراند،
چو يڪ عضوه بدرد آورد روزگار، هم عضو ها رانماند قرار.
(سعدي)

......

مون کي اڪڙين، وڏا تورا لائيا،
ته پڻ پرين پسن، ڪٺان جي ڪر سامهون!
(شاهه)

......

سائينم، سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين!
(شاهه)

وغيره مثال اِنهيءَ ڳالهه، جو ثبوت ڏين ٿا، سنڌن چوڻ آهي ته جنهن اسلام دنيا ۾ محبت ۽ اتحاد، مساوات ۽ اخوت، امن ۽ سلامتيءَ جو پيغام آندو، سو ڪهڙيءَ طرح نفرت ۽ نفاق، ڏاڍي ۽ هيٺي، تنازع ۽ فساد جي خيالن ۽ روين جي اجازت ڏيندو! آنهن اِنهن نظرين کي صحيح اسلامي تعليم جي خلاف ٿي ڄاتو.

ان ڪري هنن وحدت مذاهب، وحدت انساني ۽ تعاون برائي

۾ ڪو اگزسٽنس ( گڏجي رهڻ ) يـا ” بـاوجود اختلافن جي هڪٻئي کي برداشت ڪرڻ ۽ گڏجي رهڻ“ جي سبق کي يـاد ڪرائو ائيون. فسطائيت ڪهڙيءَ به صورت ۾ اسان جي سامهون گذري، ته آن کي هر کي وجهڻ جي نظر ڏارٽي اِئيون. ڇهڙيءَ طرح هڪ شاعر چيو آهي:

بهر رنگي ڪه خواهي جامه مي پوش،
مـن ز انـــداز قـدت مي شناسم.

— غلام مرتضيٰ

# ڇهين سنڌ ثقافتي ڪانفرنس، سن

## (سن ضلعو دادو، ١٨-١٩ نومبر ١٩٦٦ع)

١. آجيان جو خطبو          محترم رسول بخش صاحب پليجو
٢. افتتاحي خطبو          محب سنڌ، محترم جناب جي. ايم. سيد

بزم صوفياءِ سنڌ جي سهاري هيٺ، ١٨ ۽ ١٩ نومبر ١٩٦٦ع تي، سن ۾ گڏ ٿيل ڇهين ڪل سنڌ ثقافتي ڪانفرنس ۾، بزم جي سيڪريٽريءَ ميان رسول بخش پليجي صاحب جو پڙهيل استقباليه خطبو.

—

برادران عزيز!

بزم صوفياءِ سنڌ، ۽ هن تاريخي شهر، سن، جي شهرواسين طرفان اوهان سڀني اَيل صاحبن جو تهدل سان شڪريو ادا ڪندي، اوهان جي مرحبا ڪريان ٿو.

هيءَ، بزم صوفياءِ سنڌ جي ڇهين ڪانفرنس آهي. هن کان اڳ ٺٽي، داد شهيد، مير پور بٺوري، ڀٽ شاهه ۽ ڏنڙي ۾ ڪانفرنسون ٿي گذريون آهن. اڄ هتي سن ۾ شاهه حيدر عليه الرحمة جي ميلي جي موقعي تي گڏ ٿي رهيا آهيون.

هن ڪانفرنسن جي مقصدن ۽ مرادن جي ڄاڻ مختلف ڪانفرنسن ۾ ڪيل تقريرن ۽ تحريرن مان پئجي سگهي ٿي. هيءَ، هڪ انسان دوستيءَ جي، "سنڌ جي سڪار ۽ عالم جي آباديءَ" جي تحريڪ آهي. هن موقعي تي آءٌ هن تحريڪ جي تاريخ جو ڪجهه ذڪر ڪندس.

هلندڙ سال ۾، ٢٣-مارچ ١٩٦٦ع تي، جڏهن پاڪستان سرڪار محب سنڌ، سيد اعظم، محترم جناب جي. ايم. سيد صاحب

ٿان نظربنديءَ جو حڪم موٽائي ورتو، ته هن، غور ۽ فڪر ڪرڻ بعد، عملي سياست کان ڪناره ڪشي ڪرڻ جو هيٺين سببن ڪري، فيصلو ڪيو:

(١) گذريل ڇائيتاليهه سال سياست ۾ بي لوث خدمت ڪرڻ جي باوجود هو حسب خواهش عوام ۾ سياسي شعور پيدا نه ڪري سگهيو هو.

(٢) متانهين طبقي جا ماڻهو، جن کي ٿوري گهڻي سياست سان دلچسپي هئي، شخصي اقتدار ۽ حصول مال لاءِ، خود مطلبين ۽ باهمي ڇنا ڇپٽين ۾ مشغول هئڻ ڪري، قوم ۽ ملڪ جي مجموعي مفاد لاءِ ڪم ڪرڻ واسطي تيار نه هئا.

(٣) مختلف سببن ڪري، ملڪ جي سياست اهڙيءَ حالت کي پهتل هئي، جنهن ۾ عوام-دوست سياست جو دائرو محدود هو، ۽ اُن صورتحال ۾ گهڻو ڪجهه ٿي نه ٿي سگهيو.

هر ملڪ ۽ قوم کي هيٺيان ورثا ٿين ٿا:

(١) سياسي آزادي ۽ ملڪي انتظام،

(٢) اقتصادي خوشحالي،

(٣) ڪلچر، ۽

(٤) زبان.

سياڻن جو چوڻ آهي ته، جيڪڏهن ڪم ڪرڻ جون ڪي راهون بند ٿي وڃن، ته اُنهن کان توجه ڦيرائي، ٻيون راهون ڳولجن. اسان جي محترم ۽ مڪرم اڳواڻ، جناب شاهه صاحب جن پڻ ائين ڪيو، ۽ سياست جي ميدان کي ڇڏي، ملڪ ۽ قوم جي خدمت لاءِ اُن جي ڪلچر جي حفاظت ۽ ترقيءَ جي ڪم کي هٿ ۾ ڪنيو. اُنهيءَ لاءِ پاڻ ساريءَ سنڌ جي مکيه درگاهن جو طوفاني دورو ڪري، صورتحال جي جائزي کان پوءِ هن نتيجي تي پهتو ته بزرگن جي درگاهن تي سال بسال گڏ ٿيندڙ لکين ماڻهن کي منظم ڪرڻ مان،

سنڌي ثقافت (ڪلچر) جي حفاظت ۽ ترقيءَ لاءِ آنهن موقعن کي ڪارآمد بنائي سگهجي ٿو.

سنڌ اندر ١٥٠ کن اهڙيون درگاهون آهن، جن تي سال جي مختلف ڏينهن تي ننڍا وڏا ميلا لڳن ٿا، جن تي سون ڪان وٺي لکن زائرين ڪٺا ٿين ٿا. اهڙن گڏ ٿيندڙ ماڻهن جو مجموعي تعداد پنجن ڪان ڏهن لکن جي اندر ٿي وڃي ٿو. آنهن ميلن تي مڪاني ماڻهن کي خيالن جي ڏي وٺ، ملاقاتن، خريد فروخت، بزرگن جي زيارت، ملا ڪڙن، آٺن ۽ گهوڙن جي ريسن، راڳ سرود ٻڌڻ، ناٽڪ ۽ سرڪس ڏسڻ وغيره جا موقعا ملن ٿا. ٻهراڙيءَ جي ماڻهن جي زندگي سارو وقت گذر معاش جي ڪمن ۾ اهڙي مشغول رهي ٿي، جو اهي ئي موقعا آهن، جن تي وڃي هو پنهنجي دل وندرائي سگهن ٿا. وڏن شهرن ۾ ماڻهن جي تفريح لاءِ ناٽڪ، سئنيمائون، راندين جا مشغلا، گهوڙن جون ريسون، ليڪچر، ميٽنگون وغيره مشغوليون روزمره ميسر آهن، ۽ آهي سندن معلومات، ڪلچرل ترقيءَ ۽ وندر جو باعث بڻجن ٿيون. ليڪن ڳوٺاڻن کي آهي موقعا سال ۾ هڪ ٻه دفعا مس ملن ٿا. راڳ سرود، رانديون، ناٽڪ، گهوڙن ۽ آٺن جون ريسون، ميٽنگن ذريعي تعليم ۽ تربيت جا ڪم ـــ آهي سڀ ملڪي ڪلچر کي زرخيز ڪرڻ جا ذريعا آهن. ڪلچر ماڻهن کي بهترين شهري ۽ مهذب انسان بنائي ٿو. آنهن ذريعن وسيلي ماڻهن جي صحيح تعليم، تربيت، اصلاح نفس ۽ اخلاق جي درستيءَ جو ڪم به سرانجام ٿي سگهي ٿو. اهو ضروري نه آهي ته سڀئي قومي ڪارڪن رڳو سياست ۾ مشغول رهن. مقصدن جي سرانجاميءَ لاءِ طريقه ڪار جي ورهاست نهايت موثر رستو ثابت ٿي سگهي ٿو.

محترم جناب سيد صاحب جن کي نئين طريقي سان ڪم ڪرڻ جي فيصلي ڪرڻ وقت هيٺين ڳالهين تي غور ڪرڻو پيو هو:

(١) ساري زندگي سياست ذريعي خدمت ڪرڻ بعد، هاڻ ان کان ڪناره ڪشي ڪري، قومي ڪارڪنن ۾ شڪسته دليءَ ۽ نا اميديءَ جي ڪيفيت پيدا ٿيڻ جو امڪان هو.

(١) بزم صوفيائي سنڌ (يا سنڌ ڪلچرل سوسائٽي) جا مقصد ۽ مرادون مقرر ڪري، دستورالعمل لاهي، انجو نظام قائم ڪرڻ.
(٢) بزم جو مرڪز قائم ڪري، اتي وقت بوقت ملي، مقصدن جي حصول لاءِ خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ ۽ تجويزون سوچڻ.
(٣) ضلعي اندر بزم جون برانچون قائم ڪري، انهن کي مخلص ڪارڪنن جي چارج ۾ ڏنو وڃي.
(٤) سنڌ جي ڪلچرل پيغام پکيڙڻ لاءِ موثر طريقا ڪتب آنداوڃن.
(٥) سنڌ جي راڳ سرود، راندين، ادب، زبان ۽ معاشرتي ترقيءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ.

ڪانفرنس جي مقصدن بابت، هن مختصر وضاحت ڪرڻ بعد، هاڻ آءٌ، استقباليه خطبن جي دستور مطابق، سن شهر ۽ درگاه شاه حيدر عليه الرحمت بابت ڪجهه حقيقتون پيش ڪندس.

سن جو ڪوٽ، معلوم ائين ٿئي ٿو ته سنڌ جي قديم شهرن مان هڪ آهي. جيتوڻيڪ تاريخ مان ان جو پتو سما گهراڻي جي ڏينهن کان پوي ٿو، پر ڪوٽ جي پڊ ۾ قديم جاين جي زمين دوز ديوارن جا نشان ۽ پڪين سرن ۽ ٺڪرن جي موجودگي ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته هي ڪوٽ ڪنهن قديم شهر جي کنڊرن تي ٻڌل آهي.

سيد حيدر عليه الرحمة جي ڏاڏي سيد بدرالدين، نائين صدي هجريءَ جي آخر ۾، هتي سڪونت اختيار ڪئي، جنهن کان پوءِ شاه صاحب جو خاندان هن ڪوٽ ۾ رهڻ لڳو ۽ آهستي آهستي اتان ٻين ڳوٺن ۾ پکڙيو.- جهڙوڪ هالا پراڻا، خانوٽ (ڪوٽڙي)، ٽنڊو آدم، شهدادپور، نوابشاه، مورو، پريا، ڏيرو، ڪوٽڙي، لس ٻيلو، وغيره.

سيد بدرالدين متياري سيدن جي ميان پوٽي پاڙي مان سخي ابراهيم شاه (مدفن خانوٽ) جو فرزند هو. هن کي ست فرزند ٿيا:

١- سيد ضياءَالدين عرف جيو شاه- سائين جي- ايم- سيد ۽ سندن عزيزن جو ڏاڏو.

٢- سيد معروف شاه- معروفائين سيدن جو ڏاڏو.

٣- سيد معزالدين شاه عرف موج شاه- موري وارن سيدن جو ڏاڏو.

# ڇهين ڪل سنڌ ثقافتي ڪانفرنس

## سن ۾ محترم جناب جي- ايم- سيد صاحب
## جو پڙهيل افتتاحي خطبو

عزيز ڀائرو!

ڏنڙي، ضلعي سانگهڙ ۾، پير حسن بخش شاهه جي ميلي تي ڪوٺايل ڪانفرنس جي موقعي تي پڙهيل خطبي ۾ مون چيو هو ته:

"سر زمين سنڌ ڪي اتحاد انساني، امن عالم ۽ ماڻهن جي ماديانتي ۽ روحاني ترقيءَ لاءِ هڪ خاص پيغام آهي. اُن پيغام جي اسان جي ولين ۽ درويشن حتي الامڪان تشريح ڪري، ماڻهن جي تعليم ۽ تربيت لاءِ پڻ ڪوشش ڪئي آهي."

وڌيڪ چيو هوم ته:

"ائين ته هر ملڪ ۽ قوم کي پنهنجو پيغام ٿئي ٿو، ليڪن سنڌ کي جاگرافيائي ۽ تاريخي طرح مختلف ڪلچرن ۽ مذهبي عقيدن جي ميلاپ ڪري، خاص خصوصيتون هيون."

انهيءَ مان هيٺان ٻه سوال پيدا ٿين ٿا:

١- سر زمين سنڌ جون ڪهڙيون تاريخي ۽ جاگرافيائي خصوصيتون هيون ؟

٢- ان جي خاص پيغام جا ڪهڙا مکيه متا هئا؟

پهرين سنڌ جي خصوصيتن جو ذڪر ڪري، پوءِ اُن جي پيغام جي متن جو ذڪر ڪندس.

### سر زمين سنڌ جون خاص خصوصيتون:

اُنهن جي ذڪر ڪرڻ لاءِ آءٌ پنهنجي هڪ پراڻي خطبي ۾ ذڪر ڪيل خيالات کي وري هتي دهرايان ٿو. اهي خيالات مون

٢٤ ڊسمبر ١٩٤٣ع تي ڪراچيءَ واري آل انڊيا مسلم ليگ جي ساليانه اجلاس ۾، جو قائداعظم محمد علي جناح جي صدارت ۾ ڪٺو ٿيو هو، استقباليه ڪميٽيءَ جي صدارتي خطبيءَ ۾ ظاهر ڪيا هئا. ان خطبي جا ڪجهه اقتباس هي هئا:

"دوستو، فطرت هن زمين جو ماضي نهايت شاندار ڪيو هو، ۽ مون کي اميد آهي ته آن جو مستقبل به اهڙوئي روشن ٿيندو.

ڪيترين ڳالهين ڪري، هن زمين جي تاريخ نهايت بي نظير رهي آهي. اها قديم تهذيبن جو آشيانو هئي. جنهن جي ثابتي مو هن جي دڙي جي آثار قديمه مان ملي سگهي ٿي.

هيءَ ئي سرزمين آهي، جتي دنيا جا ڪيئي نسل گڏجي ملي جلي ويا. دراوڙ، آريا، سامي ۽ منگول نسلن جا نشان هتي آسانيءَ سان ڳولي سگهبا.

نه صرف نسلن جو ميل جول هن زمين ۾ ٿيو، ليڪن مختلف مذهبن ۽ فلسفن جو هڪٻئي تي اثر ۽ ميلاپ پڻ جهڙو هتي ٿيو، اهڙو ٻيءَ جاءِ تي گهٽ ٿيو هوندو. ٻڌ ڌرم جيتوڻيڪ وچ هندوستان ۾ پيدا ٿيو، ليڪن اهو هن زمين تي وڌيو ۽ ويجهيو. اسلام جڏهن هن زمين تي پير پاتو، ته ٻڌ ڌرم اڃا مروج هو ۽ هتي جي رهاڪن مهاتما گوتم جو نفيءَ وارو سبق اڃا نه وساريو هو. اسلام صرف اڳينءَ تعليم ۾ اثبات جو اضافو ڪيو. ويدانت ۽ وحدانيت جا فلسفا ۽ متا هتي ئي هڪٻئي تي اثرانداز ٿيا. هڪ طرف وحدانيت هندو ويو گيءَ تي اثر وجهي، بت پرستيءَ کي گهٽايو، ته ٻئي طرف مسلم درويشن سنياس مان سبق ورتا ۽ راڳ کي تصوف جو جزو بنايو. هندو- مسلم عقيدا باهمي سمجهوتي ۽ رواداريءَ سان هڪٻئي جي نزديڪ اچڻ لڳا. گرونانڪ جي تعليم انهيءَ ميل جول جي نچوڙ جو مکيه مثال ۽ نتيجو آهي. مسلم صوفين هن ملڪ ۾ شاه عبداللطيف جي سرڪردگي هيٺ مذهبن جي بنيادي وحدت جو پرچار ڪري، مختلف مذهبن جي پوئلڳن ۾ محبت ۽ رواداري پيدا ڪئي. جنهن جو عملي ثبوت هتي

جي هندو مسلم رهاڪن جي باهمي خوشگوار تعلقات مان ملي سگهندو. هندوستان جي ٻين حصن وانگر ڇوت ڇات جو مرض سنڌ ۾ گهوليو به نه ليندو.

قدرت هن ملڪ کي واپار جي ذريعي، جنهن جو مرڪز ساموندي رستي ديبل بندر هو، ۽ خشڪيءَ رستي بخارا ۽ سمرقند هئا، دنيا جي گهڻي حصي کي ڳنڍي ڇڏيو هو. جنهن ڪري واپار سان گڏ مختلف ملڪن جون تهذيبون هن ملڪ ۾ هڪٻئي تي اثرانداز ٿيون.

هن ملڪ جي زرخيزيءَ گهڻن ئي نسلن کي هتي لڏي اچڻ لاءِ ترغيب ڏني، جن اچي آن کي پنهنجو وطن بنايو. جنهن بابت آثار قديم ۽ تاريخي ڪتاب ڪافي معلومات ميسر ڪن ٿا.

سياسي نقطي نگاهه کان هيءَ زمين ڪيترين ئي ڌرين جي مٿس قبضي حاصل ڪرڻ لاءِ ميدان ڪارزار پئي رهي آهي. هن سرزمين جي شادابي ڪيترن ئي طاقتور قبيلن کي هن طرف اچڻ لاءِ حرصايو. پوءِ ڪي آن کي لٽي ڦري، موٽي ويا ته، ته ڪي وري هتي رهي پيا ته ۽ موٽي وڃڻ تي دل نه ٿي ٿين. اهڙيءَ طرح هر دور ۾ نوان نسل، تازي رت ۽ نئين ولولي سان، هتي آباد ٿيندا پئي رهيا آهن. گهري نظر وجهڻ سان هتي بابل، مصر، ايران، يونان، عرب ۽ افغانستان جا سياسي ۽ ڪلچرل اثر نمايان صورت ۾ ڏسڻ ۾ ايندا.

مون هن زمين جي قديم شان شوڪت جو ذڪر صرف معزز مهمانن جي حافظي تازي ڪرڻ جي ارادي سان نه ڪيو آهي. پر منهنجو اصلي مقصد هن سرزمين جي روشن مستقبل بابت چند تجويزون پيش ڪرڻ جو آهي.

انسانذات ابتدائي زماني کان وٺي مختلف ارتقائي دور طي ڪندي، پنهنجي آخري مقصد يعني انساني وحدت خيال ۽ عمل طرف وڌي رهي آهي. انهيءَ لاءِ مختلف گروهن جي مذهبي، سياسي ۽ اقتصادي تحريڪن ۽ ڪوششن، منزل مقصود تي پهچڻ لاءِ، جداجدا طريقن ۽ واٽن جو ڪم پئي ڏنو آهي. تاريخ جو هر ورق آن ارتقائي

جدوجهد جي مثالن سان ڀرپور آهي. شروعات ۾ ماڻهو ننڍن ننڍن ڪٽنبن ۾ ورهايل هئا. ٿوري وقت گذرڻ بعد آهي ڪٽنب، وڏي ويجهي، قبيلن جي صورت اختيار ڪري ويا. آخر ۾ آهي قبيلا ملي، قومون بڻيون.

ماڻهن جي وچ ۾ باهمي اتفاق ۽ ميلاپ جا مختلف بنياد ٿي رهيا آهن. جاءِ رهائش (وطن) زبان، زندگيءَ جو طريقو ۽ خيالات انهن مان مکيه آهن. اڄڪلهه نظريا (isms) چوطرف فيشن بڻيا وڃن، پر انهن به امن آڻڻ جي عيوض مورڳو زياده فساد پيدا ڪيا آهن. جزوي حل، جدا جدا نالن ۾، عارضي عرصي لاءِ مستعمل رهڻ ڪانپوءِ، تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي پرکجڻ بعد ازخود بيڪار بڻجيو پون. جيستائين مختلف سياسي، اقتصادي ۽ مذهبي نظرين جي اختلاف ڪانئڻ لاءِ حل ڳولي نه ڪڍيو ويو آهي، دنيا ۾ دائمي اتحاد ۽ امن قائم ٿيڻ مشڪل پيو نظر اچي. انهيءَ حل ڳولي لهڻ لاءِ، خاص ماحول ۽ تاريخي روايتن هيٺ، ذهني تربيت جي حاصلات هڪ لازمي شرط آهي.

انهيءَ مشن جي سرانجاميءَ لاءِ سرزمين سنڌ جا رهاڪو زياده موزون آهن. قديم تاريخ جا دفتر ان جا گواهه آهن ته ڪيئن نه هتي مختلف نسل، تهذيبون، مذهبي فلسفا ۽ سياسي طريقا ملي جلي يڪرنگي اختيار ڪري سگهيا آهن. دنيا جي نئين تعمير لاءِ، جنهن ۾ مشرق ۽ مغرب جا ويڇا مٽجي، هڪ وحدت ۾ گڏجڻا آهن، سرزمين سنڌ ڪي خاص پيغام پيش ڪرڻو آهي. مونکي هن انڌوڪار جي زماني ۾ ڪي روشنيءَ جا ترورا نظر اچي رهيا آهن. جسماني ولوڙ بعد، مکڻ هتان ئي نڪرڻو آهي."

هي خيال، جي ان وقت ظاهر ڪيا هئم، سي صرف منهنجا نه هئا، بلڪ علامه آءِ - آءِ - قاضيءَ جي رهبريءَ هيٺ ظاهر ڪيل هئا.

ان ڳالهه کي ٣٠ سال گذري ويا آهن. منهنجو اڃا تائين انهن ۾ ويساهه آهي، بلڪ خواهش اٿم هر هڪ سنڌي انهيءَ رنگ ۾ رڱجي وڃي.

اهو مذهب، جو انسانذات مان ننڍ وڏائي، ذات پات، رنگ نسل جي فرقن کي متائڻ ۽ مختلف فرقن ۽ مذهبن جي نالي ۾ ماڻهن جي وچ ۾ کڙي ڪيل ديوارين کي ڊاهڻ لاءِ آيو هو، جو مساوات اخوت، وحدت مذاهب، اتحاد انساني، امن عالم ۽ بني آدم کي ترقي جو سبق ڏيڻ آيو هو، آن کي هنن جدا گروه بنائي، فسطائي نظرئي موجب، قومي تفوق جي بنياد تي اڳرائـيءَ ۽ تشدد جـي تعليم جو حامي ڪٽي بنايو آهي.

اسان جي درويشن جو متو وحدت مذاهب هو. هنن جو چوڻ هو ته:

ايڪ قصر درلک، ڪوڙئين منجهس ڳڙ ڪيون،
جيڏانهن ڪر پـرک، تيڏانهن سڄڻ سامهون! (شاهه)

---

ڪفر ۽ اسلام ۾، تـــا پـرن آبتا پير،
هڪ هندو ٻيا مسلمان، تيون وچ وڏائون وير،
انڌن اونده نه لهي، تن کي سچ چوندو ڪير!
"روحل" راه پرينءَ جي، جان گهڙي ڏٺوسين گهير،
ته رب، مڙني ۾ هيڪڙو، جنهن ۾ ڦند نه ڦير،
سا ڪاڏي ڪندي پير، جا ستي ڪعبة الله ۾!

---

## ٢- قومي تفوق ۽ خود مطلبيءَ کي ختم ڪرڻ —

اتحاد انسانيءَ لاءِ ٻيو پيغام، جـو سنڌي درويشن ڏنو آهي، سو فسطائي نظرئي جي قومي برتريءَ ۽ خود مطلبيءَ ڪـي انسانذات جي مجموعي مفاد لاءِ ايثار ۽ قربان ڪرڻ جو آهي. هنن قومن کي انسانذات جي جسم جا جزا ڄاتو هو. قرآن ۾ آهي ته:

يا آيهاالناس اِنا خلقنا کم من ذڪر و آنثيٰ و جعلنا کم
شعوباً و قبائل لتعارفوا، اِنَ اڪرمکم عندالله اتقاڪـم
اِن الله عليم بصيره

معنيٰ: ’انسانو، توهان کي زال مرد جي جوڙي سان پيدا ڪري، قومن ۽ قبيلن ۾ باهمي شناخت لاءِ ورهايو ويو آهي. ليڪن خدا وٽ آهوئي ڏڻيل آهي، جنهن جا ڪم چڱا آهن. بيشڪ الله اوهان کي چاڻي ٿو ۽ ڏسي ٿو.‘

### ۳- نظرياتي پوئلڳيءَ کان پاسي رهڻ —

اتحاد انسانيءَ لاءِ ٽيون سبق، جو صوفيائي سنڌ سيکارين ٿا، سو اهو آهي ته ڪنهن به مذهبي، اقتصادي، سياسي نظرئي کي مڪمل چاڻي، اُن جي مطلق انڌي پوئلڳيءَ کان پرهيز ڪرڻ گهرجي. نظريا ماڻهن جا پيدا ڪيل آهن ۽ ماڻهو سندن محتاج نه آهن. اسان کي هر شيءِ مان ”خذ ما صفا دع ماڪدر“- يعني چڱي شيءِ حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ خراب کي ڦٽو ڪري ڇڏجي — جي صلاح تي هلڻ گهرجي. شاهه صاحب چيو آهي ته:

صوفي لا ڪوفي، ڪونہ پانئيس ڪير،
سنجهائي منجهه وڙهي، ڇڏر نہ آهس ڀير،
جنين ساڻس ويرِ، هي تنين جو واهرو. (شاهه)

”لاڪوفي“ لفظ جي معنيٰ، جديد اصطلاح ۾ ”نان الائينڊ“ (Non-alligned) يا ”غيرجانبدار“ ڪجي، ته ٺيڪ ٿيندي.

### ۴- تشدد (هنسا) جي طريقي کي ترڪ ڪرڻ —

سنڌ جي درويشن اتحاد ۽ امن جي ڪنجي، اهنسائي طريقن کي سمجهيو هو. ان موجب هر فرد ۽ قوم کي راءِ جي آزاديءَ جو مڪمل حق هو. اختلافن جي حالت ۾ آنهن کي باهمي سمجهوتي ۽ رواداريءَ جي بنياد تي فيصلو ڪرڻو هو. سمجهوتي نہ ٿيڻ جي حالت ۾ ”لڪم دينڪم ولي دين“ — معنيٰ: توهان جي لاءِ توهان جا رايا هجن ۽ منهنجي لاءِ منهنجا رايا — تي عمل ڪرڻو آهي.

اڄڪلهه ان کي بين الاقوامي اصطلاح ۾ ڪو اِگزسٽنس يعني ”باهمي برداشت يا ”گڏجي رهڻ“ جي لفظ سان سڏيو وڃي

ٿو. پنهنجي نظرين ۽ رائن کي زوريءَ ٻين تي نه مڙهجي.

اُڪ اڱرائي جو ڪري، خطا سو ڪائي،
پاند ۾ پائي، وڃو ڪيني وارو ڪينڪي! (شاهه)

---

ڪشي ڪان ڪمان سان، سيان سار ۾ سون،
سون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي!
(شاهه)

## ٥- تنازع جي عيوض تعاون ذريعي ترقيءَ ۽ بچاءَ جي راهه تي هلجي —

دنيا ۾ هن وقت بچاءَ لاءِ تنازع ۽ ارتقا لاءِ مقابلي کي ضروري ڳالهه سمجهيو وڃي ٿو، جنهن جي بنياد تي هرڪو پنهنجي ترقيءَ ۽ بچاءَ جي ڪوشش ۾ مشغول آهي. ان ڪري غريب، شاهوڪار، ڏاڍي، هيڻي، حاڪم ۽ محڪوم، سڌريل ۽ اڻ سڌريل، جا مستقل مفاد بنجي پيا آهن، جنهن ڪري دنيا ۾ جهڳڙا ۽ فساد هليا اچن ٿا. اسان کي انهيءَ رويي کي ترڪ ڪري، بچاءَ ۽ ترقيءَ لاءِ تعاون جي راه اختيار ڪرڻي آهي، جا سواءِ ڪس ڪائڻ جي حاصل نه ٿيڻ واري آهي.

اهي سڀ طريقا ۽ رستا اسان کي سنڌي درويشن اتحاد، امن ۽ انساني ترقيءَ لاءِ ڏسيا آهن.

اهي ئي سنڌ جو پيغام آهن. آنهن لاءِ ئي اسان سان هرهڪ ڪارڪن کي مشنري ٿي ڪم ڪرڻو آهي، ۽ هن مشن جي ڪاميابي لاءِ سنڌ جي سياسي، اقتصادي ۽ ذهني آزادي لازمي ڳالهيون آهن. اِنهيءَ ۾ پاڪستان جي مضبوطيءَ ۽ حفاظت جي ضمانت مضمر آهي.

منهنجو ويساهه آهي ته ايشيا ۽ آفريقا جي پٺتي پيل قومن جي آزاديءَ، اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ، ڀارت ۽ پاڪستان جي باهمي

سمجهوتي ۽ تعاون جي ازحد ضرورت آهي. ايشيا ۽ آفريقا جي اتحاد امن ۽ ترقيءَ ۾ امن عالم جو راز سمايل آهي.

اِنهن ڪمن جي سرانجامي اسلام جي چوڏهن سون ورهين جي مشن جو مقصد آهي.

اُن مشن جي شروعات اسان کي هتان ئي ڪرڻي آهي.

— غلام مرتضيٰ

—:o:—

# سن ۾ آئيني ، ثقافتي ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ
# اڳيان جي. ايم. سيد صاحب جي ڪيل تقرير

(۱۸- نومبر ۱۹٦٦ع)

گذريل پنجن مهينن ۾ مختلف جاين تي ڪوٺايل ڪانفرنسن اڳيان ڪيل تقريرن ذريعي، اسان بزم صوفياءِ سنڌ جي تحريڪ شروع ڪرڻ لاءِ، زمين هموار ڪئي آهي. هاڻ تعميري ڪم ڪرڻ لاءِ غور ڪرڻ واسطي هتي گڏ ٿيا آهيون!

جيئن ته هن تحريڪ جو خيال مون پيش ڪيو آهي، جملي وستن مون ۾ اعتبار رکي، ڪانفرنسن کي ڪامياب بنائڻ لاءِ هرڪا مدد ڪئي آهي.

هن وقت جڏهن اسان تحريڪ کي مستقل بنيادن تي قائم ڪرڻ واسطي، غور ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون، آءُ ڪين محرم راز بنائي، بند ڳالهيون پڌرائڻ ضروري ٿو ڄاڻان، جن ڪري، هي نئون رستو ختيار ڪيو اٿم.

پهرين ڳالهه، اها پڌائيندس ته هيترو وقت سياست ۾ رهڻ بعد، هاڻ آن ڪان ڪناره ڪشي ڇو ٿو ڪرڻ گهران؟

ٻي ڳالهه، ته بزم صوفياءِ سنڌ جي قائم ڪرڻ لاءِ مونکي ڪهڙا ڪارڻ هئا، ۽ آن مان منهنجو ڪهڙو مقصد آهي؟

ٽيون، ته آنهن مقصدن کي سرانجام ڪرڻ لاءِ، ڪهڙا طريقا ڪار اختيار ڪرڻ گهرجن؟

## سياست عمليءَ کان ڪناره ڪشي ڪرڻ جا ڪارڻ:

آءُ اڄا ۱۵ سالن جو مس هوس ته ۱۹۱۹ع کان مون سياست

سنڌ ۾ ٻنهي گروهن جا ڪارڪن ٻئي رهيا آهن. منهنجي خيال ۾ ٻئي جدا جدا نقطہ نگاه کان ڪامياب ٿي نہ سگهيا آهن.

پهرئين گروهہ، شخصي ۽ گروهي اقتدار لاءِ ڇتاپيٽيون ڪري، نفاق پيدا ڪيو، جنهنڪري ڌارين کي دست اندازي ڪرڻ لاءِ وجهہ ملي ويو. اُن سلسلي ۾ اسان سان ڇا وهيو واپريو آهي، اُن جو ذڪر طوالت جو باعث سمجهي، هتي نٿو ڪريان. هتي ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو تہ اُن جو نتيجو آخر ۾ ون يونٽ جي قيام ۾ نڪتو.

آءٌ ٻئي گروه سان وابستہ هوس، اسان عوام ۾ سنڌي حقن جي حفاظت ۽ هارين کي زمينون ملڻ جي مسئلن، نيشنلزم ۽ سوشلزم جي بنياد تي عوام ۾ سياسي شعور پيدا ڪري، بيداري پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ٻئي ڪئي. ليڪن اسان کي ان ۾ ڪيترن سببن ڪري، ناڪاميءَ جو منهن ڏسڻو پيو آهي.

سنڌي عوام اڃا قبيلائي سياسي ماحول کان مٿي چڙهي نہ سگهيو هو. مٿانهين طبقي جو مٿن اثر هو. قوم جي مجموعي نفعي نقصان، اقتصادي ۽ سياسي مسئلن جي اهميت کان واقف نہ ٿيو هو. هنن جا مسئلا، ڏکي ڏور جي ورائڻ، ذاتي جهڳڙن جي فيصلن ڪرائڻ وغيره تائين محدود هئا.

اِئين بہ مسلم سياست جو گهڻي وقت کان روح روان، مسلمانن جو آفيشل طبقو ٻئي رهيو هو. نون سڌارن ملڻ ۽ آزاديءَ کان پوءِ حڪومت جون واڳون زميندار، پير، جاگيردار ۽ واپاريءَ جي هٿ ۾ آيون. منجهن سياسي شعور، اصول پرستي ۽ قومي مفاد جو خيال تقريباً عدم موجود هو. هنن جي سموري پاليسي، سياست عمل پٺاندر هلي ٿي.

سنڌ ۾ تہ اها حالت هئي تہ جڏهن مرڪزي حڪومتن ڪن سببن ڪري، هڪ گروه کي ڪيڏي، ٻئي گروه کي طاقت ۾ ٿي آندو تہ ميمبرن جي اڪثريت ڏيڏ جي ٻڪين وانگر سڪل سر ڇڏي، ساون ٺرن ڏي وڃڻ ۾، هڪٻين تي سبقت ٿي ڪئي. اُن ۾ ڪين نہ دوستيءَ

ڪري، وڏن صوبن جي مٿي ذڪر ڪيل پاليسيءَ سبب حاصل ڪري نٿا سگهون. غير آئيني طريقن لاءِ ڪم ازڪم اسان غير موزون آهيون. عوام خواب غفلت ۾ ستل آهي. ترت انهن جي بيدار ٿيڻ جو ڪوبه امڪان نظر نٿو اچي. اسان جو مٿانهون طبقو ذاتي مفاد لاءِ هر برو ڪم ڪرڻ واسطي تيار آهي. انهن حالتن هيٺ سياست عمل جي ڪارڪنن کي جيئن وٽي ٿو تيئن ڪن ٿا، اسان نظرياتي بنيادن تي سياسي ڪم ڪرڻ وارن لاءِ دائره سياست مسدود ٿي چڪو آهي. تنهنڪري يا ته اسان کي ماٺ ڪري باقي زندگي پنهنجي علمي، ادبي ۽ شخصي ڪمن ۾ گذارڻي آهي، يا نئون طريقي ڪار سوچي، پنهنجي قوتن کي، آن جي سرانجاميءَ لاءِ صرف ڪرڻ گهرجيئون. اسان نه عهدن جا طالبو رهيا آهيون، نه اقتدار جا.

مٿي ذڪر ڪيل حالتن هيٺ، پنهنجي سياسي حقوق جو حاصل ڪرڻ اسان جي طاقت کان ٻاهر آهي. انڪري آءٌ غور ۽ فڪر بعد انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان، ته جيسيتائين اسان پنهنجي سوسائٽيءَ مان هيٺيون خاميون دور نه ڪيون آهن، آن وقت تائين اسان جي هر سياسي ڪوشش اجائي ويندي. اهي خاميون، مون پنهنجي گذريل خطبن ۾، هيٺيون ڄاڻايون اهن:

(i) خود مطلبي (ii) قومي شعور جي عدم موجودگي
(iii) نفاق ۽ نفرت جو وجود (iv) بي همتي ۽ بزدلي.

گذريل خطبن ۾ مون نفاق ۽ نفرت جي ٿـن مکيه ڪارڻن ۽ انهن جي نقائص تي روشني وڌي آهي. ٽئي واري خطبي ۾ آنهن مرضن جي حل ۽ علاج ڪرڻ لاءِ هڪ تجويز پيش ڪئي هئي. جنهن ۾ چيو هوم ته اسان کي "سرونٽس آف انڊيا سوسائٽيءَ" جي نموني تي، هڪ مخلص ڪارڪنن جو گروه پيدا ڪري، ڪم ڪرڻ گهرجي؛ جي قومي اتحاد، نفسياتي اصلاح، اخلاقي درستيءَ، حب الوطنيءَ ۽ ۽ خودشناسائيءَ جي تعليم ۽ تربيت لاءِ زندگيون وقف ڪري ڇڏين. ان لاءِ بزم صوفياءِ سنڌ جي نالي سان هڪ گذيل پليٽفارم تيار ڪرڻ

جي تجويز ڏني هئم. جنهن تي مختلف مذهبي، سياسي، اقتصادي نظرين، سياسي گروه بندين ۽ طبقاتي مفاد جي ماڻهن کي پنهنجي راءِ تي قائم رهندي، سنڌ جي ڪلچر ۽ قومي مفاد لاءِ وقت بوقت صلاح ۽ مصلحت ۽ تبادلہ خيالات ڪرڻ گهرجن. ظاهر ۾ ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته اسان ۾ اهڙو باهمي تعاون پيدا ٿيڻ مشڪل مسئلو آهي. جيتوڻيڪ اسانکي تجربو آهي ته باوجود اختلافن جي وڪيل، رانديگر، ملهہ گڏجي، ڪائي پي، صلاح مصلحت ۽ ملاقاتون ڪن ٿا. جيڪڏهن بين الاقوامي سطح تي، آن جو مثال ڳولينداسون، ته به ليي پوندو. اقوام متحده ۾ اندر يا ٻاهر روس ۽ آمريڪا هڪٻئي سان سخت نظرياتي اختلافن هوندي به ملڻ ۽ ڳالهين ڪرڻ ۾ عيب نٿا سمجهن. هنن رواداريءَ جو اصول قبول ڪري ڇڏيو آهي، جنهن کي هو ”ڪو اگزسٽنس“ جي نالي سان سڏين ٿا.

ملڪ مان نفاق دور ڪرڻ لاءِ، اسان کي باهمي مشوري بعد، درويشان سنڌ جو پيغام ماڻهن تائين پهچائڻو آهي. ممڪن آهي ته ڪيترن ماڻهن تي، باهمي اختلافن ۾ قائل هئڻ ڪري، اسان جي آواز جو جلد اثر نہ پوي. پر اسان واڪا ڪنداسون، ڪڏهن نہ ڪڏهن، آهي هٺي وڃي هنڌ ڪندا. حافظ شيرازي فرمائي ٿو ته

دست از طلب ندارم، تاکام من بر آيد،
يا جان رسد بجا نان، يا جان من بر آيد.

معنيٰ- ڪم جي سرانجاميءَ تائين اسان ماٺ ڪري نہ ويهنداسون، پوءِ يا ته مقصد کي حاصل ڪنداسون، يا راهہ ۾ سر ڏئي سرها ٿينداسون.

سياستدانن کي ڇڏي، جيڪڏهن اسان اديبن ۽ قومي ڪارڪنن تي نظر ڪنداسون ته اتي اسان کي ٻن خيالن جا گروه ڪم ڪندي ڏسڻ ۾ ايندا.

هڪ گروه اهو آهي، جو مذهب جي غلط تشريح ۽ ان جي استعمال غرضيءَ ڪري، سنڌي مفاد کي نقصان پهچڻ جي رد عمل

طور، يا نظرياتي اختلاف ڪري مذهب جي نالي وٺڻ کان ڇرڪي ٿو. انهيءَ ڪري گفتگو وغيره ۾ اهڙو رويو اختيار ڪري ٿو، جنهن مان مذهبي خيال جي ڪارڪنن جي جذبات کي ٺيس لڳي ٿي.

ٻيو گروه اهو آهي، جو مذهبي مفلوج ٿي چڪو آهي. مٿن مذهب جو ايڏو اثر ويٺل آهي، جو هر ڳالهه جا مذهب جي نالي ۾ ڪئي وڃي ٿي، سا اکيون پوريون قبول ڪري، اُن جي پوئلڳي ڪرڻ لاءِ تيار آهي. پوءِ ڇو نه آها سنڌ جي قديم مذهبي روايات جي خلاف هجي!

دنيا ۾ اختلاف راءِ رهندو آيو آهي ۽ شايد هميشه رهي. ان جي نقصان دور ڪرڻ لاءِ اسان کي "لڪم دينڪم ولي دين" جو اڳيئي سبق مليل آهي. اسان جي سنڌي درويشن، انهن حالتن کي مدنظر رکي، رواداريءَ جي تعليم ڏني آهي. شاهه صاحب "صوفيءَ" کي "لاڪوفي" سڏيو آهي. جيڪو غيرجانبدار (نان الائينڊ) جي هم معنيٰ آهي.

اسان جي ڪارڪنن کي هڪٻئي جي جذبات جو احترام ضرور رکڻو پوندو. راءِ جي آزادي، اسان جو مکيه اصول هئڻ گهرجي.

جهڙيءَ طرح وڏا مذهب، باوجود سندن انهن دعوائن جي، ته ساري دنيا جي نجات صرف سندن تعليم وسيلي حاصل ٿي سگهڻ واري آهي، جملي ماڻهن کي پنهنجي راءِ تي آڻي نه سگهيا آهن. اهڙيءَ طرح نئين نظرئي دهريت وارا به ساري دنيا کي هم راءِ ڪري نه سگهندا.

اسان کي باهمي برداشت جو مادو پيدا ڪري، ملڪي مفاد ۽ ترقيءَ لاءِ ڪم ڪرڻ واسطي، ڪارڪنن کي تيار ڪرڻو آهي.

اسان جي سياست ۾ ناڪاميءَ جو ڪارڻ به مٿي ذڪر ڪيل قومي نقص آهن. جيسيتائين اسان پاڻ کي انهن نقصن کان پاڪ صاف نه ڪيو آهي، اُن وقت تائين، اسان سياسي، اقتصادي، ڪلچرل ۽ ذهني آزادي يا ترقي حاصل ڪري نه سگهنداسون.

جمهوريت ۽ سوشلزم جو هرڪو نالو وٺي ٿو، پر اُن جي

حصول ۽ ڪاميابيءَ لاءِ ڀهرين مهذب بڻجڻ ضروري شرط آهي. ڪلچر يا ثقافت ماڻهن کي مهذب بڻائڻ جو ذريعو آهي. اسان کي ان جو مشنري ٿي ڪم ڪرڻو آهي. انهيءَ کان سواءِ آزادي به برباديءَ جو باعث ٿي سگهي ٿي.

آفريڪا ۽ ايشيا ۾ نون آزاد ٿيل ملڪن ۾ جيڪي وهي واپري ٿو، آن کان اوهان اڳي واقف آهيو. ان لاءِ سامراجين، ڪميونسٽن ۽ مذهبي مجنونن کي جوابدار ٺهرائڻ سولي ڳالهه آهي، ليڪن اندر ۾ جهاتي پائي، پنهنجا عيب ۽ اوڻايون ڏسڻ، جيڪي اهڙين حالتن پيدا ڪرڻ لاءِ ٻاهرين کي وجهه ڏين ٿيون، سي معلوم ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي.

قومي جسم درست ڪرڻ کان سواءِ، هر شيءِ جا ڪٿي نعمت عظميٰ هجي، آنکي ٻانءِ پئجي نه سگهندي.

آءٌ اڳي ذڪر ڪري آيو آهيان، ته ڪي سياستدان يا اهل علم، اهي قومي مرض ۽ ڪمزوريون، طاقت ۽ حڪومت ذريعي درست ڪرڻ جا قائل آهن. آءٌ به هڪ وقت، انهيءَ غلطفهميءَ ۾ مبتلا هوس. تجربي بعد معلوم ٿيم ته:

سيئي سيلهه ٿيام، پڙهيام جي پاڻان،
واڳون ٿي وريام، اکر اڳيان آيري!
(شاهه)

طاقت ۽ حڪومت وارو رستو، نفاق جي ڪنڊن سان پرپور آهي. آن ذريعي اتحاد، امن ۽ ترقي حاصل ڪرڻ، مونکي مشڪل پيو نظر اچي. هاڻ اسان کي تاليف قلوب (اندر اجارڻ) ذريعي، صحيح تعليم، اصلاح نفس، اخلاق جي درستيءَ، حب الوطنيءَ، اتحاد ۽ امن جو ڪم ڪرڻو آهي. پر ياد رکڻ گهرجي، ته اِهو ڪم زندگيون وقف ڪرڻ، وقت ۽ پيسي جي ايثار (قرباني) کانسواءِ سرانجام ٿي نه سگهندو.

(٥) راڳ، سرود، ڊرامن ۽ راندين کي ترقي ڏياري، آل ڪار بڻائبو.

(٦) صحيح تعليم رستي، نفس جي اصلاح ڪرڻ، اخلاقن کي درست ڪرڻ، اسان جا مکيه مقصد هوندا.

(٧) حب الوطني ۽ مارن جي محبت، اسان جي ايمان جو جزو رهندئيون.

انهن چند معروضات سان، اوهان کي تحريڪ جي نالي، آئين، پروگرام ۽ طريقي ڪار تي غور ڪري رهبري ڪرڻ لاءِ عرض ڪريان ٿو.

— غلام مرتضيٰ

——

# ستين سنڌ ثقافتي ڪانفرنس (بلڙي)

## افتتاحي خطبو- جي- ايم- سيد

(منعقده درگاهه شاهه عبدالڪريم رح بلڙي
تاريخ ١٦- فيبروري ١٩٦٧ع )

نوٽ : هيءَ افتتاحي خطبو، حڪومت طرفان ١٤٤ قلم لاڳو ڪرڻ سبب، بلڙيءَ جي ميلي تي پڙهي نه سگهيو ويو، ۽ تاريخ ٨ مئي ١٩٦٧ع تي نانگن جي ميلي تي نبي سر ۾، سومر جي ڏينهن، شام ٩ بجي پڙهيو ويو.

---

عزيز ڀائرو!

بزم صوفيائي سنڌ جي هيءَ ستين ڪانفرنس آهي. جيڪي صاحب اڳين مجلسن ۾ حاضر هئا، يا جن آنهن جي ڪاروائي ڪتابن يا اخبارن ۾ پڙهي هوندي، تن کي پتو هوندو ته اسان جي هنن مجلسن ڪوٺائڻ جا مقصد، ماڻهن جي نفسي اصلاح، اخلاقي درستي ۽ صحيح تعليم آهي. شاهه لطيف عليه‌الرحمة فرمائي ٿو ته:

ويهڻ ويجن وٽ، جي سگهن ته سگهو ٿئين!
اڳئين عادت مٽ، ته اگها عاجز نه ٿئين.

آن مطابق اسان عوام کي مشورو ڏيندا سون ته هھڙين مجلسن ۾ شريڪ ٿي، ڪجهه سڻن، ٻڌن ۽ جيڪي ڳالهيون ڪين ٻڌايون وڃن، آنهن تي عمل ڪن. قومي ڪارڪنن، اهل دل ۽ محب وطن گروه کي عرض ڪندس ته حڪيم وانگر، قومي مرضن جي شناخت ڪري

اُنهن جي پيدا ٿيڻ جي ڪارڻن ڪي ڳولي هٿ ڪري، آن جي دفع ڪرڻ جا علاج ڳولي ڪڍن.

هن ڳالهه کان انڪار ٿي نٿو سگهي، ته اسان جو قومي وجود مهلڪ بيماريءَ ۾ گرفتار آهي. جيڪڏهن آن بيماريءَ جو ترت علاج نه ڪيو ويو ته قوي امڪان آهي ته اسان جي قوم صفحه هستيءَ تان مٽجي ويندي.

ان جي ڪارڻن (۱) **خودمطلبي** (۲) **جهالت** (قومي شعور جي عدم موجودگيءَ) (۳) **نفرت ۽ نفاق** ۽ (۴) **بزدليءَ ۽ بيهمتيءَ** مان اڳين ڪانفرنسن جي ميرپور بٺوري، شاهه پٽ ۽ ڏنڙي وارين مجلسن ۾ مون قوم ۾ نفرت ۽ نفاق جي موجودگيءَ جي ڪارڻن جو بيان ڪري، ان جي دور ڪرڻ لاءِ ڪي تجويزون پيش ڪيون هيون.

اج آءٌ سنڌين جي چوٿين بيماريءَ، بزدليءَ ۽ بيهمتيءَ جو ذڪر ڪندس.

مون کي معلوم آهي ته ڪيترا باغيرت دوست، سنڌين ۾ بزدليءَ ۽ بي همتيءَ جي مرضن جي موجودگيءَ کان انڪار ڪن، آن ڪري نه جو هنن کي اسان جي ڪمزورين جو پتو نه آهي، پر هنن جو رايو آهي ته :

> "جيڪڏهن اڳيئي ڀڄندڙ ماڻهوءَ کي چئبو ته ڀڄين ٿو، ته همت هاري ويهندو، تنهن ڪري ان کي نفسياتي طور همت ڀڏائڻ لاءِ اهو چوڻ ضروري آهي ته همت ڪري ٿو، ڇاڻ ته چڙهي پوندين. اهڙي قسم جي گفتگو ڪرڻ سان مريض کي گهڻو فائدو پهچائي سگهجي ٿو."

منهنجي نظر ۾ اهو به هڪ علاج جو طريقو آهي، ۽ ان ۾ سياڻپ ۽ صداقت سمايل آهي. ليڪن بعض حالتن ۾ صرف نفسياتي علاج ڪارگر نٿا ثابت ٿين. بدن جي ڦٽ کي ڪن حالتن ۾ ڪپي ڪوري، گند صفا ڪرڻ جي به ضرورت ٿئي ٿي. ايذاءَ يا بدبوءِ نڪرڻ جي ڊپ

هن وقت اسان جي حالت اڳين ۽ کان گهٽي بدتر آهي. ماڻهن جي اڪثريت تي نہ شاهہ صاحب جي تلقين جو اثر پيو آهي ۽ نہ سچل سرمست جي مجذوبي صدائن منجهن ڪو ڦيرو آندو آهي!

عام ماڻهن جي اڪثريت زميندار، پير، پوليس واري، چور، جن ڀوت، بک ۽ بيروزگاريءَ جي خوف کان مرعوب ٿي، بزدل ٿيل آهي. وڏن ماڻهن جي ڪثرت لالچ، ڪوڙي عزت جي بچاءُ، باهمي حسد ۽ نفاق جي خيال کان سدائين خوف ۾ گذاري، ڪمزور ۽ بي همت بنجي ويل آهي.

اسان جي بزم صوفيائي سنڌ ڪي قومي مرضن جا ڪارڻ ڳولي اُن مان ماڻهن جي نجات جو حل ڳولڻو آهي. جيتري قدر منهنجو ناچيز عقل ۽ فڪر ڪم ڪري سگهيو آهي، مون ڪي سنڌين جي بزدليءَ ۽ بي همتيءَ جا مکيہ ڪارڻ هيٺيان ڏسڻ ۾ آيا آهن:

(۱) مذهبن جي غلط تشريح جو اثر.
(۲) فيوڊل سسٽم (وڏن ماڻهن جو نظام).
(۳) ڪيتيءَ خاطر ماڻهن جو ڇڙوڇڙ گهرن ۾ رهڻ.
(٤) جاگرافيائي حالات ۽ ملڪي آبهوا جي غير معتدلي.

اهو بهتر ٿيندو جيڪڏهن مٿي ذڪر ڪيل ڳالهين جو اثر، ڪهڙيءَ طرح سنڌين ۾ ڪمزوري ۽ بدلي پيدا ڪري ٿو، تنهن جي وضاحت ڪريان.

## (۱) مذهبن جي غلط تشريح ۽ تعليم جو اثر

سنڌ جي ملڪ ۾ گذريل چئن هزارن سالن کان هيٺئن چئن مکيہ مذهبن جو، مختلف وقتن تي اثر رهيو آهي. (۱) هندو ڌرم (۲) جين ڌرم (۳) ٻڌ ڌرم (٤) مذهب اسلام.

جيئن اڳين خطبن ۾ ڄاڻائي آيو آهيان تہ صوفين جي هڪ گروه ڪي ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت ڏسڻ ۾ پئي آئي آهي. هنن سڀني مذهبن جا بنيادي مقصد اتحاد انساني، امن عالم، ترقي بني آدم، ساڳيا سمجهيا هئا. سندن شريعتن جي اختلاف جو ڪارڻ، معاشري، حالات ۽ ملڪي تقاضائن جي تبديليءَ ۾ سمجهيو هئائون.

هنسا يا تشدد (ڏاڍائي) کي فطرت جو مکيه جزو سمجهي، ان جي اڳيان مطيع ٿيڻ ضروري ٿي ڄاتو.

هن ڌرم طاقت کي فاني ڄاڻي، آهنسا يا عدم تشدد کي پائدار ڄاڻي، انهيءَ ذريعي مسائل دنيا جو حل ڪرڻ، وڌيڪ مفيد ٿي سمجهيو.

هن ڌرم جي پوئلڳن نه صرف طاقت، پر دنيا جي هر مادي شيءِ کي فاني ۽ بي ثبات ڄاڻي، ماڻهن کي ويراڳ يا ترڪ جي تلقين ٿي ڪئي. اهو فرقو مغربي ملڪن جي ائسيٽڪس (راهبن) وانگر هن دنيا کي عارضي ۽ فاني ڄاڻي، دائمي ۽ بقادار دنيا جي وٺڻ کي همٿ ڪرڻ جو قائل هو. ليڪن هر تعليم جڏهن اعتدال کان لنگهي انتها پسنديءَ تي پهچي ٿي، آها پنهنجو اصل مقصد ۽ مراد وڃائي ويهي ٿي.

ساڳي حالت هن ڌرم جي پوئلڳن جي ٿي. ان جي اثر هيٺ، ان جا پوئلڳ دنياوي ڪاروبار ۾ دلچسپي نه وٺي، زندگيءَ جي مشڪل مسئلن کي حل ڪرڻ جو مادو وڃائي ويٺا. نتيجتاً انهن ۾ سستي ۽ ڪاهلي گهر ڪري ويئون، جي ڪمزوريءَ ۽ بزدليءَ جو باعث بڻجن ٿيون.

جيتوڻيڪ هي مت طاقت ۽ تشدد جي اثر ختم ڪرڻ لاءِ ايجاد ڪيل هو. ليڪن ان جي انتها پسنديءَ ۽ غلط استعمال ماڻهن کي ڪمزور ۽ بزدل بڻائڻ جو ڪم ڏنو. زمانا گذري ويا آهن، نه ان جا پوڄاري نانگا رهيا آهن، نه اهي ڪن ڪٽ ڪاپڙي بچيل آهن. پر ان جي تعليم جو پيدا ڪيل اثر، اڃا تائين ماڻهن تي هليو اچي- ان مت جي حقيقي پهلوئن، آهنسا ۽ قربانيءَ کان اسان جو توجهه هٽي، وڃي ڌرم جي ظاهري ويراڳ واريءَ زندگيءَ طرف متوجهه ٿيو آهي.

شاهه لطيف ڀٽائي رحه جي سرن رامڪليءَ ۽ کاهوڙيءَ کي هن وقت اسان جا ماڻهو پڙهن ٿا ته مٿن هن دنيا جي بي ثباتيءَ جو

خيال پيدا ٿئي ٿو، ۽ ڪين ويراڳ واسو ڏئي، ڪنهن اڻ ڏٺل پنڌ ۽ ملڪ جي پڇا ڏي راغب ڪري ٿو. ان حالت ڪي جديد فلسفيانه ٻوليءَ ۾ پيسيمزم (قنوطيت) جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.

اهو هڪ قسم جو آفيم آهي، جو ماڻهن کي حقائق دنيا جي مسئلن سان منهن ڏيڻ کان روڪي، غنودگي پيدا ڪري، ترقيءَ جي راهه تي هلڻ کان بيڪار بنايو ڇڏي، جنهنجو نتيجو بزدليءَ جي اثرن ۾ ظاهر ٿئي ٿو.

شاهه صاحب جي تعليم سان اهڙي معنيٰ ڪڍڻ، شاهه صاحب جي حقيقي مقاصد جي خلاف آهي. عام صوفين جي اهڙين تشريحن کان متاثر ٿي، علامه اقبال جهڙن عالمن ماڻهن ۾ همت ۽ جد وجهد جو مادو پيدا ڪرڻ لاءِ خوديءَ جي تعليم ڏني. جنهن جي ابتدا سنيزم (ڪلبيت) سان ٿي ۽ انتها وري فاسيزم (فسطايت) جي صورت ۾ نمودار ٿي. اهي ٻئي ڳالهيون اعتدال کان ٻاهر هيون. جنهنکي قرآن صراط المستقيم جي نالي سان سڏيو آهي.

ان کان پوءِ سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم جو دور شروع ٿيو.

## (iii) ٻڌ ڌرم جا اثر

هيءَ ڌرم، هندو ڌرم جي پيدا ڪيل جاتين جي تفاوتن کي مٽائي ماڻهن ۾ مساوات جو سبق سيکارڻ جو مقصد وٺي آيل هو. هن مسائل زندگيءَ کي حل ڪرڻ لاءِ اصلاح نفس ۽ حميده اخلاق (سٺا لڇڻ) جي بنياد تي نجات انساني حاصل ڪرڻ تي گهري. ليڪن ان جي ظاهربين پوڄارين ۽ اڳين مذهبن جي پيدا ڪيل اثرن ۽ روايات، هن جي حقيقي تعليم کي مسخ ڪري، فطري خواهشن ۽ سڌن کي مارڻ جو ذريعو ڪٽي بنايو. جنهن جي نتيجي ۾ ماڻهن مان اينٽرپرائيز (همت ۽ مستعدي) جو مادو ختم ٿيڻ لڳو.

جيتوڻيڪ ٻڌ ڌرم هن وقت سنڌ ۾ رائج نه آهي، ته به ان جا ڇڏيل اثر اڄ تائين ماڻهن تي حاوي آهن. سنڌي ماڻهو، مشڪلاتن

ڪي منهن ڏيڻ ڪان ڪيهائين ٿا، جنهن جو نتيجو ۾ سستيءَ، ڪاهليءَ ۽ بي همتيءَ جي صورت ۾ نڪري ٿو.

ان ڪان پوءِ هن سرزمين تي اسلام پير پاتو.

## (iv) مذهب اسلام جو اثر

هيءَ مذهب عالم ڪثرت ۾ پيغام وحدت پکيڙڻ، ماڻهن ۾ پيدا ٿيل جاتين ۽ ننڍي وڏي جا فرق مٽائڻ، مساوات ۽ جمهوريت جو سبق سيکارڻ، تنازع للبقا جي پيدا ڪيل فتني ۽ فساد کي مٽائي، تعاون برائي ترقيءَ لاءِ امن ۽ سلامتيءَ جي سکيا ڏيڻ آيو هو. ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت جو راز سمجهائڻ آيو هو هن جو پيغمبر رحمة للعالمين بنجي آيو هو، سو اڪيلي هلي، جور زمانه ڪري، بدلجي چا مان چا ٿي پيو. پيغمبر اسلام جي زندگيءَ جون ٻه مشنون هيون:

### ١- باطني:-

جنهن جو واسطو ڪائنات جي اسرارن پرکڻ، حيات بعد الممات ۽ ماڻهن جي صحيح تعليم ۽ تربيت، اصلاح نفس ۽ اخلاقن جي درستيءَ سان هو.

### ٢- ظاهري:-

جنهن جو واسطو روز مره جي دنيوي معاملن ۽ حڪومت جي ڳالهين سان هو.

پيغمبر صلعم جي انتقال ڪان پوءِ، مٿي ذڪر ڪيل ٻنهي مشنن جا ڪم آهستي ٿي ورهائجڻ لڳا. نتيجي ۾ سندن پوئلڳن ۾ ڪجهه اصولي ۽ زياده تر فروعي سوالن تان خانه جنگي پيدا ٿي پئي. جنهن جي انتها انهيءَ تي ٿي ته نبيءَ جي ڏهٽي حضرت امام حسين عليه السلام، عزيزن اقربن سميت مسلمانن هٿان جام شهادت پيتو. حڪومت جي واڳ بني اميه خاندان جي حاڪم يزيد جي هٿ ۾ اچي ويئي. روحاني رمزن ۽ اسلامي اصولن جي ڳالهه، سواءِ چند فردن جي، ماڻهن ڪان وسري ويئي.

يزيد جي خاندان مان وليد بن عبدالملڪ جي زماني ۾ بنيامه سامراج کي وڌائڻ لاءِ، الهندي طرف آفريڪا ۽ يورپ ڏي، ابرندي طرف سنڌ، ۽ اتر طرف سمرقند ۽ بخارا طرف فوجون موڪليون، فتوحات شروع ڪيون ويئون. انهن جنگين جي مقصدن بابت تاريخ ۽ مذهب جا ڄاڻو، ٻن راين ۾ ورهايل آهن:

هڪڙن جو رايو آهي تہ، حڪومت ۽ دنيوي معاملات روح اسلام کان علحده هئا، تنهنڪري، مسلمان حاڪمن طرفان جي فتحون، جنگيون، خون خرابيون، ڦرلٽون ۽ ماڻهن کي غلام ۽ ٻانهيون بنائڻ جا ڪم، سرانجام ٿيا، تن جو مذهب اسلام سان واسطو ڪونہ هو- اسلام ابتدا ۾ ذڪر ڪيل بين الاقوامي اصولن جو حامل هئڻ ڪري، صرف تاليف قلوب ۽ اصلاح نفس ذريعي دنيا ۾ پکڙجڻو هو- جو ڪم ولين ۽ درويشن کي سرانجام ڪرڻو هو.

ٻي گروهہ جو چوڻ هو تہ، حڪومت ۽ دين جدا ڪونہ هئا. حاڪم کي اسلام جو علمبردار ٿي رهڻو هو. اسلام هڪ جداگانہ عقيدن، دستورن، قانونن ۽ عبادتن تي مشتمل هڪ دين منظم بڻجي چڪو هو. انسان ذات جي نجات صرف اُن جي وسيلي حاصل ٿيڻ واري هئي. اهڙي دين کي تلوار جي زور تي ساري دنيا ۾ پکيڙڻو هو. مٿي ذڪر ڪيل حاڪمن جي جنگين کي جهاد ۽ اِن طرح ڪيل ڪاروائين کي جائز ڪم سمجهيو ويو ٿي.

بني اميہ جي گروهہ مان هڪ مشهور ظالم ۽ خونخوار سپہ سالار حجاج بن يوسف ثقفيءَ جي نائيءَ محمد بن قاسم سنڌ فتح ڪئي ۽ اهي سڀ ڪم ڪيا، جن جو ذڪر مٿي ڪيل آهي. اڪي ٻڌائي آيو آهيان تہ، اڳين مذهبن جي غلط پيرويءَ ڪري، سنڌين تي ڪهڙا اثر پيل هئا، ويتر نئون مذهب ڪهڙيءَ طرح سان هتي رائج ٿيو، اُن لاءِ تاريخ شاهد آهي! سنڌ ۾ ٻن ٽن جاين کان سواءِ گهٽي مخالفت ڪانہ ٿي. ماڻهو يا ڀِسا ڏئي، مسلمان ٿيڻ کان پاڻ ڇڏائيندا ويا، يا مسلمان بنجي، ڀِسن کان بچندا ويا. جن جاين تي ماڻهن

پنهنجي آزادي ۽ عزت بچائڻ لاءِ مخالفت ڪئي آتسي هنن حاڪمن طرفان قتل عام ٿيا. مردن ۽ عورتن کي غلام ۽ ٻانهيون بنائي، سپاهين ۾ ورهايو ويو، يا عرب موڪليو ويو. ڦرلٽ مان هٿ ڪيل مال غنيمت هٿ ڪري، ڪروڙن جي تعداد ۾ عرب موڪليو ويو. اهو سڀ ڪم اسلام جي نالي ۾ ڪيو ويو. آن جو اسلام لاءِ ماڻهن تي ڪهڙو اثر پيو هوندو، سو ظاهر آهي.

انهن سڀني ڳالهين، اسان جي عوام کي بزدل ۽ بي همت بنائڻ ۾ ڪوتاهي ڪانه ڪئي. هاڻ اسان ماڻهن جي بزدل بڻجڻ جي ٻئي ڪارڻ تي تبصرو ڪريون ٿا.

## (٢) فيوڊل سسٽم (زميندارانه يا سرداري نظام)

جيڪڏهن ڇتائي ڏسبو ته سنڌي ماڻهن جو گهڻو حصو مال چارڻ ۽ کيتي تي گذران ڪندڙ آهي. مڇي مارينڌڙ يا واپاري ٿورا ٿي رهيا آهن. شهري زندگي ڇڙي ٿي رهي آهي. ماڻهن جي ڪثرت ڇڙوڇڙ گهرن يا نيم خانه بدوشيءَ جي حالت ۾ ٿي گذاريو آهي. ماڻهن جي اڪثريت قبيلن ۾ ورهايل رهي آهي، جي سردارن ۽ وڏيرن جي زيراثر ٿي رهيا آهن.

تاريخ جي ڄاڻن کي پتو آهي ته، ماڻهو ڪهڙن دورن مان گذريل آهن. جنهن کي انگريزيءَ ۾ ايجز جي نالي سان سڏيو ويو آهي. ماهرن آن جي ورهاست هيٺينءَ طرح ڪئي آهي.

(١) اسٽون ايج (پٿر جو دور) (٢) برونز ايج (ٽين ۽ ٽامي مان ٺهيل ڌاتوءَ جو دور) (٣) آئرن ايج (لوهه جو دور) (٤) پيسٽورل ايج (خانه بدوشي يا بدو ويانه دور) (٥) ائگريڪلچرل ايج (زراعتي دور) (٦) تجارتي دور (٧) هنري دور (٨) سائنسي دور.

اڪثر ائين ڏٺو ويو آهي ته بدويانه ۽ زراعتي دورن ۾ ماڻهن جي ورهاست قبيلن ۾ رهي آهي. جن ۾ ماڻهو زميندارن ۽ سردارن جي اثر هيٺ رهيا ٿي. معلوم ائين ٿو ٿئي ته گذريل ٽن هزار سالن کان سنڌ انهيءَ نظام هيٺ ٿي رهي آهي.

سنڌي، اڇا ڌاڳين پوئين گروه ۾ شامل آهن. جيسين ڌاڳين سنڌن اها حالت قائم آهي، منجهانئن بزدلي ۽ بي همتي نہ ويندي. اُن جو علاج صرف قومي شعور پيدا ڪرڻ سان ٿي سگهي ٿو. لفظي طرح خوديءَ جي تعليم، سرويچي ۽ قرباني جا پرچار، بي معنيٰ ثابت ٿيا آهن. جيستائين انهيءَ مرض جي پيدا ٿيڻ جا ڪارڻ دور نہ ڪيا ويا آهن، اُن وقت تائين گهٽ فائدي ٿيڻ جو امڪان نہ آهي. اُن واسطي **شرط اول** شهري زندگيءَ جو پيدا ڪرڻ آهي. وڏن ڳوٺن يا شهرن ۾ گڏجي رهڻ ڪري، حفاظت، تعليم ۽ صحت جو انتظام ٿئي ٿو. گڏجي رهڻ سان هڪٻين جو ڏيڍ ٿئي ٿو، گڏيل حفاظت ۽ حقوق جي حصول لاءِ همت پيدا ٿئي ٿي. جنهن ٻي ڳالهہ جي ضرورت آهي، سا بي زمين هارين کي پنهنجي زمين ڏيارڻي آهي. جيسين تائين هنن کي پنهنجي زمين نہ هوندي، اُن وقت تائين پوک ۾ دل لائي ڪم نہ ڪندا. ليڪن زمين گهٽ ۾ گهٽ ٥٠ ايڪڙ في ڪٽنب هئڻ گهرجين. ان کان گهٽ زمين سنڌن آسودگيءَ واري زندگيءَ لاءِ ڪافي نہ ٿيندي. اُن کان سواءِ صرف کيتيءَ تي گذران سلامتيءَ وارو نہ آهي. بعضي فصل مرضن ڪري، خراب ٿيو وڃن، ۽ ماڻهن کي سڄو سال مشڪلاتن ۾ گذارڻو پوي ٿو. ان ڪري، ڳوٺن ۾ ننڍا ننڍا هنر بہ مروج ڪرڻ گهرجن، جنهنڪري، هو پنهنجي پيدائش ۾ اضافو ڪري سگهن.

وقت آيو آهي تہ ڳوٺاڻن کي ذهن نشين ڪرڻ گهرجي، تہ قديم طريقي زراعت ڇڏو ڪري، جديد مشنريءَ ذريعي آبادي ڪرڻ سکن. ان لاءِ ڪوآپريٽو فارم ٺاهڻا پوندن.

هاڻ سوال اٿندو تہ ڳوٺن ۾ ماڻهن کي ڪير وهاري؟ زمين ڪير وٺي ڏئي، ڪوآپريٽو فارم ڪير ٺهرائي، هنر ڪير سيکاري! هن وقت تائين اسان انهن ڳالهين جي ذميواري حڪومت تي پئي رکي آهي. ليڪن حڪومت اڪثري آنهن ماڻهن جي هٿن ۾ پئي رهي آهي، جن جي عوام جي ڪمن سان دلچسپي نہ پئي رهي آهي. ڇاڪاڻ تہ سندن مفاد عام ماڻهن جي مفاد سان متضاد پئي رهيا آهن.

هن وقت تائين اسان سياست ذريعي ماڻهن ۾ سياسي شعور پيدا ڪري، عوامي نمائندا چونڊائي، عوامي حڪومت آڻي، ان جي ذريعي آهي ڪم ڪرائڻ جون، جي به ڪوششون ڪيون آهن، سي مختلف وجوهات ڪري رائگان ويئون آهن.

غور فڪر بعد اسان ڪي وري نئين سر بنياد ڪان ڪم ڪرڻو پوندو تنهنڪري بزم صوفيائي سنڌ قائم ڪري، مخلص ڪارڪنن ذريعي قومي مرضن جي دور ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرون ٿا.

## (٤) جاگرافيائي حالات ۽ آبهوا جي غير معتدلي

ماڻهن جي زندگيءَ تي جاگرافيائي حالتن ۽ آبهوا جو گهڻو اثر پوي ٿو. لاڙ جي آب هوا گهميل آهي، آنهر ۾ سخت گرمي ۽ هبس آهي؛ جي ٻئي ڳالهيون سستي پيدا ڪندڙ ۽ ڪمزوري آڻيندڙ آهن. سنڌو درياهه جون ڦيريون گهيريون، ٻوڏون ۽ سوڪون به ماڻهن جي زندگيءَ تي اثرانداز ٿيڻ کان سواءِ نٿيون رهن.

ملڪ سڌو آهي، منجهس گهاٽا ٻيلا ۽ جبل نه هئڻ ڪري، معاشري جي خامين کان تنگ ٿي، بغاوت ڪندڙن لاءِ جاءِ پناهه نه آهي. بلوچ ۽ پٺاڻ ان معاملي ۾ وڌيڪ خوش قسمت آهن.

هرويرو ائين نه آهي ته مٿي ذڪر ڪيل حالتن اسان جي عوام مان همت ۽ غيرت صفا مفقود ڪري ڇڏي آهي. جيڪڏهن عام ماڻهو، زميندار ۽ ڪامورو طبقو بزدل ۽ بي همت ٿي ويو آهي، ته به ڪي ماڻهو اهڙا پيا آهن، جي معاشري جي خامين ڪري، خسيس ڳالهين تان جوش ۾ اچي، سر جو سانگو لاهيو، پاڻ اڇلايو، وڃيو آگ ۾ وجهن. حر تحريڪ، وقتي خون خرابيون، ڌاڙيلن جو پيدا ٿيڻ، سڀ ان بنيادي جذبي جو باعث آهن - صحيح تعليم، اصلاح نفس ۽ اخلاقي بلندي نه هئڻ ڪري، ماڻهن جي اها لڪل قوت ۽ غيرت سڀ غلط ڪمن، باهمي اختلافن ۽ بداخلاقيءَ ۾ صرف ٿئي ٿي.

ملڪ جا ڪيئي ڪونڊر، اسان جي اصلاحي ڪوشش جي نه هئڻ ڪري، ڪسجي پيا وڃن. ڪاش، اهو غيرت ۽ همت جو جذبو

گهرگهر پرچار ڪرڻ گهرجي، ته جدا رهڻ قبول ڪري، وڏن ڳوٺن ۾ رهڻ، هارين کي زمين ملڻ لاءِ جدوجهد هلائڻ گهرجي، پر ان کي سياسي خلفشار کان علحده رکڻ گهرجي. ننڍن ڳوٺن ۾ ننڍن هنرن کي مروج ڪرڻ لاءِ پروگرام رٿي، ڪم ڪرڻو آهي.

اسان جا ڪارڪن بيڪار ۽ تارڪ الدنيا صوفي بڻجڻا نه آهن. اسان هن دنيا کي فاني سمجهي، ترڪ ڪرڻ جي تعليم ڏيڻ جا حامي نه آهيون. بلڪ ان کي ترقي ڏياري باغ ارم بڻائڻ گهرون ٿا. اسان اڻ ڏٺل بهشت جي آسري تي، ماڻهن کي بيڪار بنائي، وعدي تائين ترسائڻ نٿا گهرون. اسان ماڻهن ۾ اتحاد ۽ محبت پيدا ڪري، امن ۽ سلامتي آڻڻ چاهيون ٿا، جو حقيقي بهشت جو پيش خيمو ٿيندو. اسان شخصي اقتدار جي حاصل ڪرڻ جي عيوض، انسانذات جي روشن مستقبل جا متمني آهيون. اسان دنيا جي نئين تعمير ۾ حصو وٺڻ گهرون ٿا، جنهن ۾ انسانذات، امن سان مهذب ۽ متمدن زندگي گذاري سگهي.

**چوٿون ڪارڻ، جاگرافيائي حالتن ۽ آبهوا جي مشڪلاتن جو آهي.** آنهن مشڪلاتن کي دور ڪرڻ لاءِ، جو حل مونکي نظر اچي ٿو، سو اِهو آهي ته ملڪ کي سرسبز ۽ شاداب بنائي، ماڻهن جي معيار زندگيءَ بلند ڪرڻ سان، اسان فطري جاگرافيائي ۽ فطري آبهوا جي مشڪلاتن کي منهن ڏئي سگهون ٿا. هروڀرو ائين نه آهي ته جيڪي ملڪ هموار ۽ آباد رهن ٿا، تن سڀني ملڪن جا رهاڪو ضرور ڪمزور ۽ بزدل ٿين ٿا، ۽ منجهن مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ جو مادو نه آهي. فرانس ۽ اٽلي آن جا مکيه مثال آهن. انقلاب فرانس، تاريخ جو مکيه واقعو آهي. اٽليءَ جي رومن شهنشاهيت جي حڪومت ۽ اوج جا نشان، يونچ سمنڊ جي چوطرف اڃا تائين ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

اسان جيڪڏهن پاڻ ۾ قومي شعور، سرويچي، قربانيءَ ۽ همت جو مادو پيدا ڪري سگهون، ته وري اوج تي اچي سگهون ٿا. موهن جو دڙو اسان جي شاندار ماضيءَ جو زنده مثال آهي. آن لاءِ

اي حافظ! زندگيءَ جي بهار ۾ ٻيءَ دنيا جون ڳالهيون نه ڪر، ٻنا پچا ڳاڇا جي، زندگيءَ جي بهار جو مزو وٺ!

(٥) جنهن قوم جو وطن آزاد نه آهي، آها گهڻو وقت زنده رهي نٿي سگهي. ذهني ۽ مادي آزاديون اسان جي جنم جو حق آهن. ليڪن آن جو حصول قومي شعور، قربانيءَ ۽ اخلاق جي بلندي کان سواءِ ڏيڍ مشڪل آهي.

ويٺي ور نه پرون، ستي ملن نه سپرين،
جي متي رندن رون، ساجن ملي تن کي! (شاهه)

—

ڪر ڪو واڪو وس، وهه م منڌ پنهور ۾،
چڙهي ڏاڍين ڏونگرين، پير پنهونءَ جو پس،
ڏورڻ منجهان ڏس، پوندءِ هوت پنهونءَ جو! (شاهه)

—

تون جي ڪالهه مئي، ته ڪالهه ئي گڏينءَ پرينءَ کي،
ڪڏهين ڪانه سئي، ته ڪا سگهي گڏي سڄڻين!
(شاهه)

— غلام مرتضيٰ

# بزم صوفيائي سنڌ

## طرفان حيدرآباد ۾ بيسنٽ هال اندر ٢٨-٥-١٩٦٧ع تي سوشل ورڪس جي ميٽنگ اڳيان ڪيل وضاحتي تقرير-

عزيز ڀائرو !

اول ۾ اوهان سڀني، تڪليف وٺي مجلس ۾ آيل صاحبن جو شڪريو ادا ڪريان ٿو. ان کان پوءِ گڏجڻ جو مقصد بيان ڪندس.

ڪجهه ڏينهن ٿيا ته بزم صوفيائي سنڌ جون ڪانفرنسون، مختلف سببن ڪري، گڏ ٿي نه سگهيون هيون . ان ڪري ٩ اپريل ١٩٦٧ع تي سن ۾ بزم صوفيائي سنڌ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ، چند مکيه مسئلن تي غور فڪر ڪرڻ لاءِ ڪوٺائي وئي هئي. جتي آيل صاحب، بزم کي بامقصد ۽ باعمل جماعت بڻائڻ لاءِ ڪن ٺوس نتيجن تي پهتا.

سنڌ جي قومي معاشري ۾ داخل ٿيل خامين ۽ ڪوتاهين کي ڪڍڻ لاءِ، هنن هيٺيان مقصد ۽ مرادون متعين ڪيون:

(١) عوام ۾ قومي شعور پيدا ڪيو وڃي.

(٢) عوام ۾ جذبهءِ خود داري پيدا ڪيو وڃي .

(٣) مذهب جي نالي ۾ ماڻهن کي گمراه ٿيڻ کان بچائي، ان جي صحيح تشريح ڪئي وڃي.

(٤) قوم جي اخلاقي اصلاح ڪئي وڃي .

(٥) قوم جي نفسياتي درستي ڪئي وڃي .

(٦) عوام جي سماجي خدمت ڪرڻ ڏي، مخلص قومي ڪارڪنن

جو توجهه چڪايو وڃي.

ان ڪان پوءِ اتي ڪي ٺهراءَ پاس ڪيا ويا. جن مطابق اسان ڪي متي ذڪر ڪيل مقصدن جي حصول لاءِ، هيٺين طرح رٿيل پروگرام مطابق ڪم ڪرڻو هو.

(١) ڪتابن، رسالن، شعرن، ڪلچرل ڪانفرنسن، موسيقيءَ جي مجلسن ۽ دوستن جي ڪچهرين ذريعي، متين مقصدن جي تبليغ لاءِ ڪم ڪرڻو هو.

(٢) ان واسطي شاعرن، سگهڙن، اديبن جي منظم جماعتن سان رابطو پيدا ڪري، کين هم خيال ۽ ساٿي بنائڻ جي ڪوشش ڪرڻي هئي.

(٣) ملڪ جي اهل علم، پروفيسرن، ماسترن ۽ شاگردن سان رابطو پيدا ڪري، کين همراهه ۽ همدرد بنائي، قومي ڪارڪنن ۾ تبديل ڪرڻو هو.

(٤) معاشري جي خامين ۽ خرابين جي ڪارڻن جي تفتيش ڪري، انهن جي دور ڪرڻ لاءِ، سماجي ڪارڪنن جو گروهه پيدا ڪري، سندن تعليم ۽ تربيت لاءِ مرڪز قائم ڪرڻا هئا.

(٥) ڳوٺاڻن جي سماجي ۽ اقتصادي درستيءَ ۽ ترقيءَ واسطي، هنن کان نيم خانہ بدوشي ڇڏائي، کين ڳوٺن ۾ رهڻ لاءِ آماده ڪرڻ، سڌريل طريقي زراعت اختيار ڪرائڻ، هارين کي زمين وٺي ڏيڻ، نشي ۽ خراب عادتن کان پاسي رهڻ جي هدايت ڪرڻ، ڳوٺاڻن هنرن کي زور وٺائڻ، صحت ۽ صفائيءَ لاءِ تبليغ ۽ پرچار واسطي پروگرام رٿي، ڪم ڪرڻو هو.

هن وقت تائين سوسائٽيءَ ۾ پيدا ٿيل خامين کي دور ڪرڻ واسطي ٻہ ذريعا استعمال ۾ آندا ويا آهن.

(١) هڪڙو رستو سياست ذريعي، اقتدار حاصل ڪري، ان جي وسيلي ملڪ جي صحيح تعليم، تندرستيءَ، اخلاقي درستيءَ، اقتصادي ترقيءَ ۽ سماجي سڌارن ڪرڻ جو هو.

(١) ڳوٺاڻي زندگي درست ڪرڻ لاءِ، ڳوٺ سڌار ڪميٽي ٺاهي، ان ذريعي هيٺيان ڪم ڪيا وڃن.

الف- هارين جي حقن جي حفاظت ۽ کين زمين والي ڏيڻ .

ب- کين وڏن ڳوٺن ۾ رهائڻ لاءِ راغب ڪرڻ .

ت- ڳوٺاڻن هنرن کي زور وٺائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.

ث- صحت ۽ صفائيءَ لاءِ کين ترغيب ڏيارڻ .

(٢) ڳوٺاڻن جي اخلاقي درستي، نفسياتي اصلاح ، صحيح تعليم ۽ تربيت ڏيڻ واسطي ، چند مخلص ڪارڪنن جو گروه پيدا ڪرڻ لاءِ هيٺيان طريقا استعمال ڪيا وڃن .

الف- ڪارڪنن جي تربيت لاءِ ضلعي ضلعي ۾ ١٥ ڏينهن لاءِ ڪلاس ڪرڻ واسطي مرڪز قائم ڪرڻ .

ب- هڪ مرڪزي خانقاهه يا آشرم قائم ڪرڻ .

(٣) ماڻهن مان خود مطلبي ، بزدلي ۽ نفاق دور ڪري ، قومي شعور پيدا ڪري ، مجموعي مفاد لاءِ قربانيءَ جو مادو پيدا ڪرڻ واسطي، ڪتابن، مضمونن ،تقريرن، تحريرن ، ڊرامن ، شعرن ۽ راڳن ذريعي پرچار ڪرڻ لاءِ ، هڪ ڪلچرل ڪاميٽي قائم ڪرڻ، جنهن جا ڪم هيٺيان هئڻ گهرجن .

الف- عوام ۾ جذبهء خود داري ۽ قومي شعور پيدا ڪرڻ واسطي شعر ٺهرائي، ڪتابي صورت ۾ ڳوٺن ۾ ورهائڻ.

ب- انهن شعرن کي راڳ ذريعي ماڻهن تائين پهچائڻ .

ت- قومي هيروز جي زندگين تي ڪتاب لکائي ، ڳوٺن ۾ مشتهر ڪرڻ .

ث- ڪلچرل ڪانفرنسون سڏائڻ.

ج- ملڪي راڳ، ڊرامن ۽ راندين جي همت افزائي ڪري،انهن کي ترقي ڏيارڻ .

(٤) مستقل مفاد، مذهب جي غلط تشريح ڪري، عوام کي گمراهه ڪري رهيا آهن. ان لاءِ ضروري آهي ته ماڻهن اڳيان مذهب جي صحيح تشريح پيش ڪري ، اتحاد انساني ، امن عالم ۽

ترقي ٻنهي آدم لاءِ پرچار ڪرڻ.

(٥) خدمت خلق لاءِ سماجي ڪارڪنن، وڪيلن، واپارين، ڊاڪٽرن، ماسترن، پروفيسرن، شاعرن ۽ شاگردن جو توجهه ڇڪائي، هيٺين ڪمن لاءِ غريب عوام جي مدد ڪرڻ گهرجي.

الف۔ بدامنيءَ کان بچائڻ.

ب۔ تعليم ۽ تندرستيءَ لاءِ مدد ڪرڻ.

ت۔ سنڌين مڪاني مشڪلاتن دور ڪرائڻ ۾ مدد ڪرڻ.

انهن چند گذارشن بعد، اوهان کي عرض ڪندس ته انهن ڳالهين تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري، ڪي ڪاميٽيون ٺاهي، چند مخلص ڪارڪن، جدا جدا ڪم پنهنجي حوالي ڪن.

- غلام مرتضيٰ

# اٺين سنڌ ثقافتي ڪانفرنس (خيرپور)

## (منعقده درگاهه اڄڻ شاهه عليه الرحمت، خيرپور ميرس)

## ١١- جون ١٩٦٧ع

### افتتاحي خطبو: جي. ايم. سيد

عزيز ڀائرو!

هيءَ بزم صوفيائي سنڌ جي اٺين ڪانفرنس آهي. هن وقت تائين، هن تحريڪ سان واسطو رکندڙ دوستن کي پتو پئجي ويو هوندو، ته هيءَ بزم اسان ڪهڙن مقصدن ۽ مرادن سان قائم ڪئي آهي.

جڏهن ڪو ماڻهو بيمار ٿيندو آهي، ڪيس ڦڪيون فرق نه ڪنديون آهن ۽ ويڄن جو ويندو آهي، ته شاهه لطيف اهڙيءَ حالت ۾ ڪيس هوت جي حوالي ڪرڻ جي صلاح ڏئي ٿو. هوت، روحاني حڪيم کي سڏبو آهي. قومن سان به ساڳي ڳالهه لاڳو ٿئي ٿي. جڏهن ڪي قومون حوادث زماني ڪري، سياسي محاذ تي شڪست کائي، پست ٿي وڃن ٿيون ۽ منجهن اخلاقي ڪمزوري ۽ نفسياتي بي همتي گهر ڪري وڃن ٿيون، ته انهن کي سياست ملڪ کان علحده ٿي، ڪلچرل ۽ روحاني طريقن تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت ٿئي ٿي. سنڌي موجوده دور ۾ قومي ادبار جي حد کي پهچي چڪا آهن. سنڌن سياسي وجود ختم ٿي ويو آهي، زبان جي ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽون پئجي چڪيون آهن ۽ قومي شيرازو منتشر ٿيڻ کي نزديڪ آهي. ظاهري يعني سياسي رستا، ان پست حاليءَ کي دور ڪرڻ لاءِ آزمائجي چڪا آهن. ان حالت ۾ اسان لاءِ اسان جي درويشن جو طريقي علاج باقي وڃي رهيو آهي. سو اهو آهي ته، اسان هن بيماريءَ جو ڪارڻ ٻين کي بنائڻ جي عيوض، اندر ۾ جهاتي پائي، پنهنجن

مختلف آهن. آنهن جو مفصل ذڪر، اسان جي دائري مضمون ڪان ٻاهر آهي.

اسان ڪي، آن مسئلي تي بزم صوفياءِ سنڌ جي مقصدن، سنڌين جي صحيح تعليم، سندن اخلاقي درستي ۽ نفسياتي اصلاح جي نقطہ نگاہ ڪان نظر ڪرڻي آهي. جيئن تہ قومي شعور جو واسطو تعليم سان رهي ٿو، آن ڪري، اسان کي هن مسئلي بابت ذهن صاف ڪري، ملڪ ۾ مروج قومي تخيلن مان هڪ ۾ اعتماد رکڻو آهي. اسان وٽ هن وقت هيٺيان ٽي قومي تخيل مروج آهن:

( i ) مسلمانن جي جداگانہ قوم جو تخيل،

( ii ) پاڪستانين جي متحده قوم جو تخيل،

( iii ) وطن، زبان، ڪلچر، سياسي ۽ اقتصادي مفاد جي بنياد تي، علائقائي قوميت جو تخيل.

هيٺ آءُ، آن ذڪر ڪيل هرهڪ تخيل جي مختلف پهلوئن تي بحث ڪندس.

## (i) مسلمانن جي جداگانہ قوم جو تخيل

هن قومي تخيل جو بنياد، مذهبي اعتقادن تي رکيو ويو ٿو. جنهن موجب، مذهب اسلام ۾ اعتماد رکندڙ ماڻهو، جوندڙيل ۽ مثالي قوم بنجن ٿا، جن کي انسانذات جي رهبري ڪرڻي آهي.

اهڙي قسم جي دعويٰ، قريباً هر مذهب جي پوئلڳن پئي ڪئي آهي. انهيءَ قسم جي قومن جو، وطن، زبان، ڪلچر، مخصوص سياسي ۽ اقتصادي مفاد سان واسطو ڪونہ هوندو آهي، آهي بين الاقوامي قسم جون جماعتون آهن ۽ جهڙوڪ، ڪميونسٽ جماعت. مذهبي جماعتن ۽ ڪميونسٽ جماعت ۾ تفاوت صرف اهو رهي ٿو تہ پهرين جو مدار فوق العقل عقيدن تي رهي ٿو ۽ ٻيءَ جو عقل تي. دعويٰ ٻنهي ڌرين جي اها آهي تہ انسانذات جي نجات، سندن ذريعي حاصل ٿيڻ واري آهي.

انهيءَ ڪري اهي جماعتون، ڪن مخصوص ايراضين ۾ محدود ٿي نٿيون سگهن.

جيئن ته جديد حڪومتن جو دائره اثر، ڪنهن مخصوص خطي زمين (وطن) سان رهي ٿو، آن ڪري حقائق دهر، ملڪي حالات ۽ روزمره جي عملي ڪاروبار لاءِ هنن جو قومي جوڙجڪ وطن، زبان، ڪلچر، سياسي ۽ اقتصادي مفاد جي بنياد تي تهيل ٿئي ٿو. گذريل ٻن هزارن ورهين جي تجربي بعد، مذهبي قومن جو تصور، سياست عمل جي دنيا ۾، بيڪار ۽ فرسودو ثابت ٿيو آهي. ٻڌ مت جو اشوڪا جي زماني ۾ تجربو ۽ هندن جو وڪرماجيت جي ڏينهن ۾ آزمودو ۽ عيسائين جو پوپن جي حڪومتي دور وارو نظام ۽ مسلمانن جو خلافت ذريعي اتحاد ۽ تنظيم ۽ سڀ زماني جي ڪسوٽيءَ تي پرکجي، ماضيءَ جا يادگار وڃي رهيا آهن. ان ڪري، سڀني جديد حڪومتن، مذهب کي سياست ملڪ کان علحده ڪري ڇڏيو آهي.

هن وقت دنيا ۾ صرف ٻه ملڪ، اسرائيل ۽ پاڪستان آهن، جن جي حڪومت کي، هڪ حد تائين، لفظي طرح اِن نظرئي ۾ ويساهه آهي. هن ملڪ ۾ ان نظرئي قوميت ۾ ويساهه رکڻ لاءِ ماضيءَ جون روايتون ۽ سياسي ضرورتون جوابدار آهن.

هندوستان هڪ برصغير هو، جنهن ۾ مختلف زبانن، خطي ايراضين، ڪلچرن، مذهبن ۽ نسلن جا ماڻهو رهندڙ هئا. هتي ڪيترن حاڪمن جهڙوڪ، اشوڪا، وڪرماجيت، اڪبر ۽ انگريزن جي سياسي يڪجهتي آڻڻ لاءِ مسلسل ڪوشش ۽ مختلف مذهبي درويشن، ويدانتن ۽ صوفين، جهڙوڪ: گرو نانڪ، ڪبير ڀڳت وغيره جي مذهبي اتحاد لاءِ پرچار جي باوجود، هندوستان جا رهاڪو علائقائي، طبقاتي، نسلي ۽ مذهبي اختلافن ڪري، هڪ قوم بڻجي نه سگهيا. ليڪن ڪي خوش فهم ماڻهو ۽ باوجود اختلافن جي، هندوستانين جي متحده قوم جو آواز ڪيندا رهيا. ان ڪري متحده قوم جي دعويٰ مان جن گروهن جي طبقاتي مفاد کي نقصان ٿي پهتو، تن مان مسلمان مکيه ڌر هئا ۽

جن پاڻ کي مذهب جي نالي ۾ جدا قوم ڪوٺائي، ملڪ جي ورهاست ڪرائي، هڪ حصي کي ڀارت ۽ ٻئي کي پاڪستان ڪوٺيو.

پاڪستان جو باني محمدعلي جناح هو- هي جيتوڻيڪ بنيادي طرح جديد نظرئي قوميت ۾ اعتماد رکندڙ هو، پر حالتن جي تقاضا ڪري، هن هندو طبقاتي مفاد جي تسلط کان مسلمانن جي طبقاتي مفاد کي آزاد ڪرائڻ لاءِ، ڪين جدا آزاد حڪومت وٺي ڏيڻ کي مصلحت وقت سمجهيو. ليڪن معلوم ائين ٿئي ٿو ته هن کي اِن نظرئي جي دائمي اهليت ۽ افاديت ۾ يقين نه هو. هن صرف سياست عمليءَ جي نقطي نگاه کان، انهيءَ مسلمانن جي جداگانه نظرئي کي وقتي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ، ذريعو ڪري ڪتب آندو هو. تنهنڪري، پاڪستان جي قيام بعد، پهرئين آئين ساز اسيمبليءَ ۾ ١١- آگسٽ ١٩٤٧ع تي، سندس افتتاحي تقرير ۾، آن قومي نظرئي جي بنياد تي، پاڪستانين جي متحده قوم جي تجويز پيش ڪئي، آن تقرير جا مکيه ٽڪرا هيٺيان آهن:

”آئون سمجهان ٿو ته هينئر گذشته کي درگذر ڪري، اوهان سان هرهڪ ملڪي باشندي کي، پوءِ اهو ڪهڙي به فرقي جو هجي، يا اڳي اوهان سان ڪهڙا به اختلاف هجنس، يا ڪهڙي به رنگ، ذاتي ۽ مت جو هجي، ساڳئي ملڪ جو شهري، هڪجهڙن حقن ۽ جوابدارين سان شمار ڪرڻ گهرجي. جيئن هي سڀ تفاوت اقليت واري فرقي (هندو فرقي) ۽ اڪثريت واري فرقي (مسلمان فرقي) جا، ڇاڪاڻ ته خود مسلمانن ۾ پٺاڻ، پنجابي، شيعا، سني، کوجا، ميمڻ وغيره آهن، ۽ اهڙيءَ طرح سان هندن ۾ برهمڻ، کتري، وئش، بنگالي ۽ مدراسي وغيره آهن، سي سڀ گم ٿي وڃن.

”مون کان جيڪڏهن پڇو ته اها ڳالهه هندوستان جي آزاديءَ جي راهه ۾ وڏي رڪاوٽ هئي. هيءَ نه هجي ها ته اسان هن کان گهڻو وقت اڳ آزاد هجون ها! ’ڪوبه چاليهه ڪروڙ ماڻهن جي قوم کي غلام رکي نٿو سگهي. نڪو اوهان کي فتح ڪري سگهي ها.‘

جي افاديت مان بيزار ٿي چڪيون هيون. اُن ڪري سڀ مسلمان ملڪ، عملي طرح نسلي ۽ وطني بنيادن تي قوم جو نظريو قبول ڪري چڪا آهن.

ب- جيڪڏهن اسان پاڪستان جي مسلمانن کي مذهبي بنياد تي قوم تسليم ڪريون، ته پوءِ هتي جي هندو، ٻڌ، ڪرستان ۽ پارسي مذهب جي پوئلڳن جي ڪهڙي حيثيت رهندي؟ انهن کي ڪهڙي قوم شمار ڪبو؟ هڪ ملڪ ۾ هڪ کان وڌيڪ قوميتن جو وجود، ڪيتري قدر مفيد ٿي سگهي ٿو؟

ت- مسلمانن جي جداگانه قوم جو بنياد، مذهبي عقائد تي ٻڌو وڃي ٿو، پر اِن ڳالهه جو هر ڪنهن کي پتو آهي ته مسلمانن ۾ سوها مذهبي فرقا پيدا ٿي ويا آهن، جن لاءِ چيو وڃي ٿو ته هڪ ناجي ۽ ٻيا ناري آهن. اُنهن مان ڪهڙو گروه غلط ۽ ڪهڙو صحيح آهي، اُن بنسبت، ١٩٥٣ع ۾ پنجاب اندر مسلمانن ۾ ٿيل فرقيوار فسادن جي جانچ لاءِ جسٽس محمد منير ۽ جسٽس رستم ڪيانيءَ جي رپورٽ مان پتو پئجي سگهي ٿو، جيڪي پاڪستان طرفان هاءِ ڪورٽ جي ججن تي مشتمل انڪواري ڪميشن جا رڪن هئا. عزت ماب ججن پنهنجي رپورٽ ۾ چيو آهي ته "جڏهن پاڪستان جا مکيه عالم وٽن شاهدي ڏيڻ لاءِ آيا ته هنن کان سوال پڇڻ تي ڪين معلوم ٿيو ته اُنهن جو اسلامي حڪومت يا اسلامي نظرئي حيات بابت ڪو هڪ رايو نه هو. اُنهن منجهان هرهڪ جدا خيال ظاهر ڪيا. هرهڪ فرقي جي عالمن ٻئي فرقي جي پوئلڳن کي گمراه ۽ ڪافر ٿي سڏيو.

ججن جو رايو هو، ته "جي سڀني تي اعتبار ٿي ڪيائون، ته ڪوبه مسلمان راهه راست تي ڏسڻ ۾ نٿي آين."

اهو حال آهي، مسلمانن جي عقيدن جو، جن جي بنياد تي جدا مسلم قوم تسليم ڪئي وڃي ٿي. جيڪڏهن اسان سندن

عملن تي نظر ڪندا سون ته انهن ۾ ان ڪان به، وڌيڪ اختلاف ڏسڻ ۾ ايندا سون.

اهڙين حالتن هيٺ، ان ڪي عقيدي ۽ عمل جي يڪ وجوديءَ تي ٻڌل نظرياتي قوم سڏڻ ڪيتريقدر صحيح ٿيندو، اهو اوهان سمجهي سگهو ٿا!

مولانا عبيدالله سنڌي، انهيءَ نقطي نگاه کي سامهون رکي فرمائي ٿو ته!

”هندوستاني مسلمانن جي ذهن ۾ سنڌن ”شخصيت“ بنسبت هڪ وهمي تصور ويٺل آهي. جنهن جو عملي دنيا ۾ ڪو وجود ئي ڪونه، آهي. اسان ڪنهن زماني کان هڪ اهڙي اسلامي جماعت جو نالو وٺي رهيا آهيون، جنهن بابت اسان جي ذهنن ۾ نه ڪو صحيح نقشو آهي، نه، آها ڪٿي دنيا ۾ موجود آهي. اسان پاڻ کي هڪ اهڙي خيالي دنيا ۾ محدود ڪري ڇڏيو آهي، جو نه رڳو اسان ٻين مسلمان ملڪن جي تاريخ، ترقيءَ ۽ آزاديءَ لاءِ جدوجهد کان غيرواقف رهجي ويا آهيون، پر خود پنهنجي ملڪ ۾ اسان جي اڳيان ڪو مقرر ٿيل عملي نظريو موجود نه آهي.“

ٻيا سڀ مسلم ملڪ، حالتن کان مجبور ٿي، جاگرافيائي ۽ زبان جي لحاظ تي قوم جو نظريو قبول ڪري چڪا آهن. جو نظريو اسلامي تعليم جي بہ خلاف نہ آهي. اسلام عالمگير مذهب آهي، ۽ ساري انسان ذات ان مان فائدو وٺي سگهي ٿي. پر جديد قومن جي وجود کان آهو بہ انڪار نٿو ڪري. قوم، مفاد عام واسطي، ساڳئي ملڪ، زبان ۽ ڪلچر جيماڻهن جي گڏ ٿيڻ جو فطري نتيجو آهي.

ث- اهل تصوف جي وحدت الوجودي درويشن ۽ مسلمان عالمن، ماڻهن جي موجوده مذهبي ورهاست کي مصنوعي ۽ غلط شمار ڪيو آهي.

علامہ عنايت الله مشرقي ، سندس ڪتاب " تذڪري " ۾ صاف ظاهر ڪيو آهي، تہ سندس نظر ۾ هر صالح ماڻهو، پوءِ ظاهري طرح هو ڪنهن بہ مذهب سان واسطو رکندڙ هجي ، مسلمان آهي ، ۽ هر غير صالح ماڻهو، پوءِ اهو موجوده ورهاست موجب ڪٿي مسلمانن ۾ شريڪ ٿيندو هجي ، غير مسلم آهي.

قرآن شريف جي هيءَ آيت ان لاءِ ڪليو ثبوت ڏئي ٿي:
ان الذين آمنوا والذين هادوا والنصاري والصابئين من آمن بالله واليوم الآخر وعمل صالحاً فلهم آجرهم عند ربهم ولا خوف عليهم ولا هم يحزنون.

معني: جن ايمان آندو آهي (مسلمان) ۽ جي يهودي، نصارا يا ٻئي مذهب جا آهن ، تن مان جن خدا تي ايمان آندو آهي ، مستقبل تي آسرو رکن ٿا ۽ چڱا ڪم ڪن ٿا ، تن کي خدا وٽان فائدو ملندو، ۽ اهي خوف خطري کان آجا آهن."

اسلام جو دين فطرت هئڻ ڪري، ان کي ڪهڙيءَ طرح اسان چند ماڻهن جي هڪ هٽي بنائي سگهون ٿا، جن ۾ زاني غاصب ، ظالم ، نفعي خور ، خود مطلب ۽ ايڪسپلائيٽر شامل هجن، تن کي ڪيئن برگزيده قوم سڏي سگهجي ٿو؟
سنڌ جي صوفي روحل فقير ، انهن ڳالهين کي مد نظر رکي، فرمايو آهي تہ:

ڪفر ۽ اسلام ۾ ، ٿا پرن ابتا پير ،
هڪ هندو، ٻيا مسلمان ، ٿيو وڃ وڏائون وير ،
اندن اونده نہ لهي، تن کي سچ چوندو ڪير ،
"روحل" راهہ پرينءَ جي، گهمي ڏٺوسون گهيڙ،
تہ رب مڙني ۾ هيڪڙو، تنهن ۾ ڦند نہ ڦير ،
سا ڪاڏي ڪندي پير، جا ستي ڪعبة الله ۾!

ج- سڀ نظرياتي جماعتون (قومون) جهڙوڪ ڪرستان، يهودي، پڻ، مسلمان ۽ ڪميونسٽ بين الاقوامي اصولن تي ٻڌل ٿين ٿيون. انهن جا مفاد جاگرافيائي حدن جي رهاڪن سان متضاد هئڻ جي حالت ۾، ڪاٻه جديد حڪومت انهن کي سندن ملڪن جي سياسي معاملن ۾ دست اندازي ڪرڻ نه ڏيندي. البت شخصي اعتقاد ۽ عبادتن جي معاملن ۾ هرڪو آزاد رهي سگهي ٿو. تنهن ڪري اهڙي نظرئي قوميت ڪري، نه صرف پاڪستان جي مختلف قوميتن جي مفادکي نقصان پهچي ٿو، پر مذهب اسلام جي نالي استعمال عرضي Exploitation ٿيڻ ڪري، نوجوان ۽ اهل علم رد عمل ڪري، مذهب کان متنفر ٿيڻ لڳو آهي.

## (ii) پاڪستان جي متحده قوم جو تخيل.

اهو تخيل دنيا جي جديد قومي نظرئي جي تسليم ڪيل اصولن پٽاندر آهي. ان جو بنياد وطن، زبان، ڪلچر، روايات ۽ ملڪ جي سياسي ۽ اقتصادي مفاد تي ٻڌل رهي ٿو. اهو ئي نظريو آهي، جنهن جي قبولڻ لاءِ قائداعظم، سندس پاڪستان بعد پهرين تقرير ۾ تلقين ڪئي هئي، ۽ ان کي قبولڻ ۾ قديم صوبائي قوميتن کي ڪوبه اعتراض نه آهي. ان مان مذهب جي بدنام ٿيڻ جو ڪو به امڪان نه آهي. پر ان جي خلاف مذهبي تخيل جي پوئلڳن کي اهو اعتراض آهي ته پاڪستان وطني نقطہ نگاه کان ٻن جدا ڀاڱن ۾ ورهايل آهي، جي هڪ ٻين کان هڪ هزار ميلن پنڌ تي ڌار آهن، ان ۾ سٽن کان مٿي زبانون مروج آهن. جدا جدا صوبن جا ڪلچر، سياسي ۽ اقتصادي مفاد متضاد هئڻ ڪري، انهيءَ تخيل جي آڌار تي قوم جي بنياد ڪري، قومي اتحاد، مرڪزي حڪومت جي مضبوطي ۽ سياسي يڪجهتي حاصل ٿي نه سگهندي. ليڪن جيڪڏهن چتائي ڏسبو ته سندن اهو اعتراض دنيا ۾ مختلف ملڪن جي ڪسوٽيءَ تي پيٽ

ڪرڻ بعد غلط ثابت ٿيندو. ڪئناڊا، سوويت يونين ۽ پارت سئٽزرلئنڊ، چين وغيره ملڪن جا مثال ۽ ان جي رد ۾ پيش ڪري سگهجن ٿا. جن مان ڪن جا مختلف صوبا، هڪ ٻين کان ڪيئي هزار ميلن جي مفاصلي تي آهن - جن ۾ ڪثير تعداد ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون ۽ جن ۾ ڪيترن ئي ڪلچرن ۽ روايات جا ماڻهو رهن ٿا، جن ۾ مڪاني صوبن جا سياسي ۽ اقتصادي مفاد بہ مختلف آهن. تنهن هوندي بہ اهي گڏجي، باهمي سمجهوتي سان قبول ڪيل دستورن (ڪانسٽيٽيوشن) مطابق هڪ متحده قوم بنجڻ لاءِ ڪوشان آهن، ۽ يونين ۾ رهن ٿا.

هنن مان ڪنهن بہ ملڪ، مذهب ڪي قومي عصبيت جو بنياد نہ بنايو آهي. جيڪڏهن گهري نظر سان ان تي غور ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ مذهبي عصبيت ڪي قوميت جو بنياد بنائڻ، عوامي حڪومت جي طاقت کي ڪمزور ڪري، جداجدا مذهبي فرقن جي ملن جي هٿ ۾ ملڪي سياست سان هٿ چراند ڪرڻ جو موقعو ميسر ڪندو. جي هر ڳالهہ ۾ قرآن ۽ حديث جي، پنهنجي نقطي نگاه کان معنيٰ ڪيو، حڪومت جي ڪاروبار ۾ ملڪي تقاضائن ۽ ضرورتن خلاف رڪاوٽون وجهندا. پاڪستاني قوم جي تخيل کي تقويت وٺائڻ لاءِ ، مختلف صوبن جي مڪاني قوميتن ۾ هيٺين ڳالهين تي سمجهوتي جو هئڻ لازمي آهي.

١- صوبائي آٽونامي‌ءَ جو حق، هر هڪ قديم لساني صوبي کي هئڻ گهرجي.

٢- صوبائي زبانن کي سندن حدن اندر پرائمري‌ءَ کان اعليٰ تعليم تائين تسليم ڪري، مڪاني سرڪاري زبان طور ڪتب آڻجي.

٣ - صوبائي زمينن ، نوڪرين ، واپار، ڪارخانن وغيره ۽ اقتصادي معاملن ۾ مڪاني ماڻهن کي ترجيح ڏيڻ.

٤- مڪاني ڪلچرن ۽ روايات جي حفاظت ۽ ترقي‌ءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.

ان سان گڏ هيءَ ڳالهه ذهن ۾ ويهارڻي آهي ته ملڪ جي اتحاد ۽ قومي يڪجهتيءَ لاءِ مرڪزي ۽ بين الصوبائي ڪاروبار لاءِ ڪن زبانن کي قبول ڪرڻو پوندو.

ساري پاڪستاني قوم جي ترقيءَ لاءِ باهمي قبوليت سان منصوبه بندي ڪرڻي پوندي. هن وقت نوجوانن ۾ دهريت زور وٺندي وڃي. اهو مذهب جي نالي ۾ ڪن طبقن ۽ گروهن جي سياسي استعمال غرضي (ExPloitation) جو رد عمل آهي. مون جڏهن ڪيترن کان ان جو ڪارڻ پڇيو آهي ته اڪثر اهو جواب مليو اٿم ته سنڌي عوام جي حقن سان اسلام ۽ مسلم قوم جي نالي ۾، جا هٿ چراند ٿي آهي، تنهن منجهن ٻنهين لاءِ نفرت پيدا ڪري ڇڏي آهي.

اهو رد عمل مذهب جي نالي کي سياسي مفاد لاءِ بيجا استعمال سبب ٿيو آهي.

## (iii) لساني وطن جي بنياد تي، علاقائي قوميت جو تخيل

اهو تخيل جديد قومي نظرئي جي مطابق آهي. جنهن جو بنياد وطن، زبان، ڪلچر، روايات، ڪردار، سياسي ۽ اقتصادي مفاد تي رکيل آهي. ان تخيل مطابق، سنڌي، پنجابي، بلوچ، بنگالي ۽ پختون قوميتون، پاڪستاني قوم لاءِ ترڪيبي مواد پيدا ڪندڙ قومون ٿين ٿيون. جن ڪن تحفظن جي بنياد تي، هڪ متحده قوم بنجڻ جو ارادو ڪيو آهي.

اهو اتحاد سوويٽ يونين جي صورت اختيار ڪري سگهي ٿو. مون کي معلوم آهي ته سنڌين ۾، هيٺ ڏيکاريل سببن ڪري انتها درجي جي قومپرستيءَ جو رجحان وڌندڙ آهي.

١- ون يونٽ جو زوريءَ قيام.

٢- سنڌين جي حقن، زبان، واپار، زمين ۽ نوڪرين جي معاملي ۾ پوري حفاظت نه ٿيڻ.

٣. اسلام ۽ مسلم قوم جي نالي ۾، سنڌين جي جائز گهرن کي، علائقائي ۽ انتشار پيدا ڪندڙ ذهنيت سڏي، سخت رويو اختيار ڪرڻ.

سنڌين ۾ جديد قومي تخيل جو احساس پيدا ٿيڻ سٺي ڳالهه آهي. ۽ اسان کي هيءَ ڳالهه ذهن نشين ڪرڻي آهي ته دنيا ۾ ننڍا ننڍا ملڪ گڏجي، باهمي مفاد خاطر، يونينن جي صورت اختيار ڪري ويا آهن.

مشرقي يورپ ۽ مغربي يورپ جي ملڪن جون جدا اتحاد لاءِ ڪوششون، عرب اتحاد، آفريڪائي اتحاد لاءِ ڪوششون، آن جديد رجحان جو نتيجو آهن. خود غرض ۽ ڪوتاهه انديش سياستدان طبقي جي ڪوتاهين ڪان ناراض ٿي، 'ڪوئي مارڻ لاءِ گهر کي نه ساڙبو آهي.'

سنڌين جي حقن جي حفاظت لاءِ ڪوشش ڪرڻ سان گڏ اسان کي 'پاڪستاني قوم جي گڏيل مفاد کي' نظر انداز نه ڪرڻو آهي.

ان ڪان سواءِ هيءَ ڳالهه به ذهن ۾ ويهارڻي آهي ته صرف سنڌي قوميت جي نالي اچارڻ مان ڪجهه نه ورڻو آهي. اسان کي پنهنجي ڪوتاهين ۽ ڪمزورين کي دور ڪرڻ لاءِ، هيٺين ڳالهين کي خيال ۾ رکڻو آهي:

١. اسان جو تعليم يافته طبقو، ڪيسين تائين سنڌين ۾ سنڌيت جي بنياد تي هم خيالي ۽ هم جنسيت جو احساس پيدا ڪرائي سگهيو آهي؟

٢. اسان جيڪڏهن مذهبي نظريه قوميت ۾ اعتبار نٿا رکون ۽ مذهب کي سياست کان علحده ڪرڻ جا حامي آهيون ته رد عمل جي جوش ۾ اچي، مذهب جي بنيادي اصولن تي جرح ڪري، عوام جي جذبات کي ڏکوئڻ نه گهرجيئون.

٣. متانهين طبقي جي خود مطلبيءَ، بزدليءَ ۽ ابن الوقتيءَ کي ڪڍڻ لاءِ ڪهڙا طريقا اختيار ڪري سگهيا آهيون؟

٤. اسان کي هنسا (تشدد) کان هر طرح پاسو ڪرڻ گهرجي

پوءِ اهو تشدد جسماني هجي، يا ذهني. شاهه صاحب فرمايو آهي تہ

اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو ڪائي.

قومي فلسفي جي ماهر رينان جو چوڻ آهي تہ

قوميت هڪ همجنسيت جو نفسياتي جذبو آهي. ان جذبي موجب صرف اهي ماڻهو پاڻ کي هڪ ڪري سمجهن ٿا، جي هڪ قوم جا هوندا آهن.

مونکي سنڌين جي هم جنسيت ۽ هم آهنگيءَ ۾ هيٺيون رڪاوٽون نظر اچي رهيون آهن:

الف - بلوچ، سمات، سيد، پير، مهاجر، پنجابي، هندو، مسلم، غريب ۽ شاهوڪار جا تفاوت.

ب - اسان زبان جو مسئلو پوريءَ طرح حل نہ ڪري سگهيا آهيون. سنڌ ۾ صدين کان ٻاهران آيل ماڻهو، اڃا تائين گهرن ۾ بلوچي، پشتو، سرائڪي ۽ پنجابي ڳالهائي رهيا آهن. اسان اڃا تائين ڪين سنڌي زبان لاءِ راغب نہ ڪري سگهيا آهيون. ازانسواءِ، تازو ٻاهران آيل حضرات سنڌي سکڻ لاءِ تيار نہ آهن. بلڪ اُن سان ڪي اِن ڪوشش ۾ آهن، تہ سنڌيءَ جي جاءِ تي زوريءَ اردوءَ کي اسان مٿان مسلط ڪن. اها سندن ڪوشش ڪامياب نہ ٿيندي. پر بهتر اهو آهي تہ محبت سان ڪين ذهن نشين ڪيو وڃي تہ ڪابہ ڳالهہ زبردستيءَ سان، ٻين مٿان مسلط ڪرڻ سبب رد عمل پيدا ٿيڻ جا امڪان آهن.

ت - اسان قومي مفاد خاطر، شخصي ۽ طبقاتي مفاد کي قربان ڪرڻ جو مادو سنڌين ۾ پيدا ڪري نہ سگهيا آهيون.

ث - جديد قومي تخيل ۽ مذهبي قومي تخيل جي تضاد کي سمجهي، ذهن صاف ڪري، هڪ نقطي تي پهچي نہ سگهيا آهيون.

اهڙين حالتن هيٺ ماحول سازگار بنائڻ کان سواءِ، صرف سنڌيت جو نالو وٺڻ اهڙو آهي، جهڙو ڄم غفير پاڻ کي منظم جماعت

شمار ڪري. اسان جا نوجوان جڏهن سنڌين ۾ قومي شعور پيدا ڪرڻ گهرن ته هنن کي پهرين پنهنجا ذهن صاف ڪرڻ گهرجن ته ڪهڙي قومي تخيل جو شعور پيدا ڪرڻ گهرن ٿا. قومي همجنسيت جي راهه ۾ جي رڪاوٽون آهن، تن جي دور ڪرڻ لاءِ ڇا ٿا ڪرڻ گهرن؟ هنن کي سنڌ جي جملي رهاڪن شان، 'جن ۾ آزاد خيال مهاجر به اچي وڃن ٿا'، تبادلہ خيال ڪري، تاليف قلوب ذريعي باهمي مفاد جي بنياد تي 'همجنسيت ۽ همخيالي' پيدا ڪرڻ گهرجي.

البت زبان جو مسئلو ڪجهه وقت لاءِ رڪاوٽون پيدا ڪندو رهندو. جيستائين ڪن گروهن جي سامراجي ذهنيت ڊري نه ٿي آهي. اسان کي پنهنجي پاڙيسري دوستن کي ذهن نشين ڪرائڻو آهي ته مڪاني معاملات لاءِ، سنڌي زبان کي علائقائي زبان جي حيثيت ۾ قبولڻ سندن لاءِ به مفيد آهي. جيئن بين الصوبائي معاملات لاءِ سنڌين کي اردو سکڻ ۾ اعتراض نه هئڻ گهرجي، تيئن مڪاني معاملات لاءِ سنڌي سکڻ ۾، ٻاهران آيل حضرات کي ڪوتاهي نه ڪرڻ گهرجي. ورنہ رد عمل ٿيڻ جو امڪان آهي. رد عمل ۾ ماڻهو خدا کان به منڪر ٿيو وڃن.

انهيءَ مسئلي تي غور فڪر بعد، آءٌ اوهان کي هيٺيان مشورا ڏيڻ گهران ٿو:

۱. اسان کي قائداعظم جي ۱۱- آگسٽ ۱۹۴۷ع جي پيش ڪيل نظرئي کي قبولي، ان جو شعور پيدا ڪرڻ گهرجي.

۲. سنڌي قوميت جو نظريو، پاڪستاني قوميت تي پهچڻ جو ڏاڪو آهي.

۳. اسان ساڳئي وقت پاڪستاني قوميت ۽ مسلمانن جي جدا قوميت جي نظرئي ۾ اعتماد رکي نٿا سگهون. ٻئي هڪٻئي جي متضاد آهن.

اسان هن وقت تائين پاڪستاني قوميت جي راهه ۾ ڪجهه قدم کڻي چڪا آهيون. جهڙوڪ:

الف- پاسپورٽ ۾ قوميت پاڪستاني لکايون ٿا.

# نائين سنڌ ثقافتي ڪانفرنس، سن

## (منعقده درگاهه سيد حيدر عليه الرحمة سن ۱۵-۱۶- آڪٽوبر ۱۹۶۹ع ڏينهن اربع ۽ خميس)

عزيز ڀائرو!

هيءَ بزم صوفيائي سنڌ جي نائين ۽ هن درگاهه تي ٻي ڪانفرنس آهي. هن وقت تائين تحريڪ سان دلچسپي رکندڙ ۽ پڙهيل ماڻهن مان گهڻن کي بزم جي مقصدن جو پتو پئجي ويو هوندو. وري به سندن يادگيري تازي ڪرڻ لاءِ انهن کي هتي دهرايان ٿو.

اسان وقت بوقت پئي ظاهر ڪيو آهي ته اسان جي نتيجي فڪر موجب، سنڌين جي موجوده پست حاليءَ، تنزل ۽ غلاميءَ جو ڪارڻ سندن قومي جسم ۾ هيٺين چئن بيمارين جي موجودگي آهي:

۱- خودغرضي ۲- قومي شعور جي عدم موجودگي ۳- نفرت ۽ نفاق ۴- بزدلي ۽ بي همتي.

انهن مرضن کان ڪين آجو ڪري، آزاد، ترقي پذير، صحتمند ۽ صالح بنائڻ لاءِ، سنجهن اخلاقي درستي، نفسياتي اصلاح ۽ صحيح تعليم جي ضرورت آهي.

ان واسطي مختلف مجلسن ۾ اسان جي سائين ، مٿي ذڪر ڪيل بيمارين جي دور ڪرڻ لاءِ ڪي رٿون ۽ تجويزون پئي پيش ڪيون آهن.

اوهان مان گهڻن کي معلوم آهي ته ميرپوربٺوري، شاهه پٽ، ۽ ڏنڙي جي ڪانفرنسن تي، نفرت ۽ نفاق جي ڪارڻ ۽ ان جي دور ڪرڻ لاءِ تجويزن جو ذڪر ڪيو ويو هو.

ٿبي سر ۾ نانڪن جي ميلي تي سنڌين ۾ گهر ڪري ويٺل بزدلي ۽ بي‌همتيءَ جا اسباب بيان ڪري، ان ڪي دفع ڪرڻ لاءِ صلاحون ڏنيون ويئون هيون. ان ڪان پوءِ اپڻ شاه جي درگاه نزديڪ ڪوٺڏيجيءَ ۾، قوم جي مختلف مروج تخيلن، عوام ۽ خواص جي ان بابت ذهن صاف نہ هئڻ، منجهن هم جنسيت، هم خيالي ۽ يڪ وجوديءَ جي عدم موجودگيءَ جو بيان ڪري، اتحاد ۽ هم آهنگي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪي عرضداشتون پيش ڪيون ويئون هيون.

هن مجلس ۾ سنڌين جي مکيہ بيماريءَ "خود غرضيءَ" جي ڪارڻن ۽ ان جي نقصانڪار نتيجن جو ذڪر ڪري، ان جي جدا درجن جو احوال ڏيئي، ان مان آزاد ٿيڻ لاءِ ڪي طريقا ۽ تجويزون پيش ڪندس.

## خود مطلبيءَ جي تشريح :

علم اخلاق جي ماهرن، انگريزيءَ ۾ خود مطلبيءَ کي (Selfishness) ۽ ان جي ضد کي (Altruism) پراپڪاري سڏيو آهي.

خود مطلبيءَ کي، نفسياتي علم جي ماهرن خوديءَ (Egoism) جي پيداوار ڪري سڏيو آهي.

ٻنهي جي فائدي ۽ مخالفت ۾ گهڻائي دليل ڏئي، ڪيترن ڪتابن جا صفحا پريا ويا آهن- سياڻن جو چوڻ آهي تہ انسان جو هر عمل يا ڪرم، پوءِ اهو سوچي سمجهي ڪيل هجي، يا ٻنا سمجهہ جي ڪيو ويو هجي، ڪونہ ڪو نتيجو برآمد ڪري ٿو. جنهن مان خوشي يا رنج، فائدو يا نقصان حاصل ٿئي ٿو. مثل مشهور آهي تہ "ڪرمن جو ڦل ضرور لوڙٹو آهي." انهيءَ ڪري، دانشمندن خوشيءَ ۽ فائدي ڏيندڙ عمل کي صحيح ۽ رنج ۽ نقصان پهچائيندڙ ڪرم کي غلط سڏيو آهي. گناه ۽ ثواب انهيءَ ويچار جي پيداوار آهن. انهيءَ تي ٻہ عالم ٻن راين ۾ ورهايل آهي.

١- هڪڙن جو چوڻ آهي، تہ هر شخص جو روح مجرد آهي. هن کي سندس هر عمل جي جزا ۽ سزا ملڻي آهي. هو اڪيلو آيو

اسان کي خودمطلبيءَ جا ٻه قسم معلوم ٿي سگهيا آهن:
١- غير شعوري خودمطلبي ٢- شعوري خودمطلبي.

بهتر ائين ٿيندو ته انهن ٻنهي قسمن جي خود مطلبين جي مختصر تشريح ڪري، ان جي ڪارڻن جو ذڪر ڪريون.

## (١) غير شعوري خودمطلبي:

ماڻهو لکن ورهين جي وحشياڻي زندگي گذارڻ بعد موجوده درجي تي پهتو آهي. جنهن ڪري ان ۾ اڃا گهڻيون حيوانن واريون صفتون موجود آهن. منطق وارن، ان کي عربيءَ ۾ "حيوان ناطق" (ڳالهائيندڙ جانور) سڏيو آهي. هن ۾ فطرت طرفان ڪي فطري جبلتون يا سڀاويڪ ٻڌيون وديعت ٿيل آهن. جن کي علم نفسيات وارن، انگريزيءَ ۾ Instincs جي نالي سان سڏيو آهي، ۽ ان جا گهڻا قسم ٻڌايا آهن. جن مان مکيه هيٺيان ڄاڻايا اٿن.

١- حصول جي ٻڌي يا انسٽنڪ.
٢- بقاءِ نسل جي ٻڌي.
٣- خوف جي ٻڌي.
٤- خودنمائي يا وڏائيءَ جي ٻڌي.
٦- نفرت جي ٻڌي.

خود مطلبي، پهرئين نمبر، حصول جي ٻڌيءَ مان پيدا ٿئي ٿي جنهن ۾ گذر معاش جي شين، معتبري، اقتدار، ملڪيت، خودنمائي ۽ عورت جي هٿ ڪرڻ جي خواهش رهي ٿي. رواجي طرح اهي خواهشون فطري، هئڻ ڪري، بي ضرر آهن-پر انسان جنهن صورت ۾ گريگيريس انيمل يعني ڌڻن يا جماعت ۾ رهڻ واري قسم جي حيوانن مان آهي، تنهن ڪري، جڏهن هو ان خواهش جي پورائي، جماعتي زندگيءَ جي بنيادي مقصدن (اتحاد، امن ۽ ترقي) جي خلاف ڪرڻ گهري ٿو ته اها خواهش نقصانڪار ٿيو پوي.

مٿي ذڪر ڪيل خواهشون هيٺين طرح حاصل ٿي سگهن ٿيون.
١- ڪاڌي، ڪپڙي وغيره ضروريات زندگيءَ کي پنهنجي

محنت، مزدوري ۽ هنر ذريعي ۾ هٿ ڪري سگهي ٿو، ته پڻ جي ڪمائي رکيل شين کي چوريءَ ٺڳيءَ ۽ زوريءَ سان ۾ حاصل ڪري سگهي ٿو.

٢- معتبري يا عزت ، سٺن اخلاقن يعني بلند همتي ، اصول پرستي، عوامي همدردي، ايثار ۽ قوم پرستيءَ ذريعن ۾ حاصل ڪري سگهي ٿو، ته ٻيءَ طرح خوشامد ، ابن الوقتي ، لالچ ۽ خود غرضيءَ ذريعي ۾ حاصل ڪري سگهي ٿو.

٣- نسل جي برقرار رکڻ لاءِ ساٿي ۽ مدد گار عورت، جماعتي دستورن موجب باهمي رضامندي ، عزيز خويش ۽ قبيلي جي قبوليت سان ۾ حاصل ڪري سگهجي ٿي ، ته ٻيءَ طرح ٺڳيءَ سان ڀڄائڻ ، زنا، زور زبردستي ۽ قبيلي جي ناراضگيءَ جي پرواهه نه ڪري ۾ هٿ ڪري سگهجي ٿي.

٤- اقتدار، ملڪي ۽ قومي خدمت ذريعي ۾ حاصل ٿي سگهي ٿو ته ٻيءَ طرح قوم فروشي، صاحب اقتدار ماڻهن جي دلالي ۽ خوشامد، دوستن ۽ همروطنين سان بيوفائي ۽ غريبن جي استعمال غرضي ذريعي حاصل ڪري سگهجي ٿو .

٥- ملڪيت، جنهن ۾ پيسو ، زمين، سڪني جائداد، مال وغيره اچي وڃن ٿا ، سا محنت ، جڏ ڪشيءَ ۽ ڪنهن کي نقصان پهچائڻ کان سواءِ، ايماندارانه ذريعن وسيلي گڏ ڪري سگهجي ٿي . ته ٻيءَ طرح چوريءَ، ٺڳيءَ ، زوريءَ ۽ ڪيترن بي ايمانيءَ جي رستن سان جمع ڪري سگهجي ٿي .

صحيح طرح غير شعوري خودمطلبي ان کي چئي سگهبو آهي، جنهن ۾ ماڻهوءَ کي نفعي ۽ نقصان ، صحيح ۽ غلط ، جائز ۽ ناجائز جو پتو پيل نه هجي ، اجا ان ۾ تميز جو مادو ئي پيدا نه ٿيو هجي . اها حالت ماڻهن جي وحشياني دور ۾ هئي ، جنهن کي طريقت جي رهبرن 'نفس اماره' ڪري سڏيو آهي .

هن وقت ماڻهن جي اڪثريت ۾ تميز پيدا ٿيل آهي . جنهن

آهي. بلڪ انهن ڳالهين کي مروج ڳالهيون سمجهي، برداشت ڪيو وڃي ٿو. جهڙوڪ:

١- ظالم، بزدل، قوم فروش ۽ حڪام جي دلالي ڪندڙ زميندار جي عام ماڻهو خوشيءَ يا مجبوريءَ کان تابعداري ڪن ٿا. ۽ سمجهدار ماڻهو مختلف سببن ڪري مدد ڪن ٿا.

٢- چوربازار، ٺڳ، ملاوٽي، بي انداز نفعي خور واپاري ۽ ڪارخانيدار تي، عام راءِ، حڪومت يا اخلاقي اثر جو قبضو نه رهيو آهي. هو مسجدن ٺهرائڻ، چندن ڏيڻ، ڏڻ وار تي مذهبي پرچارڪن جي خوشامد ڪرڻ ۽ حڪام وقت کي راضي رکڻ سان معتبر بنجيو پيا هلن.

٣- بداخلاق، خود مطلب، روحانيت کان خالي پيرن ۽ ملن جي پوئلڳي اڃا هلي اچي.

٤- عام ماڻهن ۾ مجموعي نفعي ۽ نقصان جو احساس پيدا ڪري نه سگهيا آهيون. ماڻهن ۾ قومي هم جنسيت، بلند اخلاقي، يڪجهتي ۽ همت پيدا نه ٿي سگهي آهي.

## ٢- طبقاتي خود مطلبي:

خودمطلبيءَ جو هيءُ قسم ترقي يافته ملڪن ۽ قومن ۾ عام طور مروج ٿيل آهي. اسان وٽ پوريءَ طرح رائج نه ٿيو آهي. زميندارن، هارين، مزدورن ۽ ڪاسبين کي طبقاتي بنياد تي منظم ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي ڪارڪنن طرفان ڪوششون ٿيون آهن، ليڪن نه هنن ۾ طبقاتي شعور پيدا ٿي سگهيو آهي ۽ نه ئي انهيءَ بنياد تي هو پوريءَ طرح منظم ٿي سگهيا آهن. خودمطلبي هر قسم جي خراب ڳالهه آهي ليڪن شخصي خودمطلبيءَ کان طبقاتي خودمطلبي بهتر آهي. ان مطابق اقتصادي بنيادن تي شعور ۽ نظام پيدا ٿيڻ لڳي ٿو، جو قومي شعور پيدا ٿيڻ لاءِ ڏاڪي طور ڪتب اچي سگهي ٿو.

سنڌ ۾ انهيءَ قسم جي شعور ۾ اسان کي جي رڪاوٽون ڏسڻ ۾ آيون آهن، سي هيٺيون آهن:

(i) زميندار، شخصي خودمطلبيءَ ۾ اهڙو ڦاٿو پيو آهي، جو طبقاتي مفاد جي بچاءَ طرف توجهه نه ڏئي سگهيو آهي. ازانسواءِ هارين ۾ زميندارن خلاف طبقاتي بنيادن تي شعور ۽ اتحاد به پيدا ٿي نه سگهيو آهي. اِن جو مکيه ڪارڻ هي آهي، جو باوجود ڪيترين خامين جي زميندار هاري ڪارڪنن کان، هارين لاءِ وڌيڪ ڪارآمد ثابت ٿيو آهي. هارين جي چوري ٿي ويل مال ورائڻ، بنا خرچ جي خانگي فيصلن ڪرڻ، ڪامورن جي ظلم کان هڪ حد تائين بچاءُ ڪرڻ، چورن کان حفاظت ڪرڻ، ڏکئي ۽ گهرج وقت پيسي ڏوڪڙ جي مدد ڪرڻ، ڀڄي ويل عورت ورائڻ، شادي، غمي، عرس، يارهين وغيره موقعن تي سماجي تعلقات قائم رکڻ ڪري، هو هارين لاءِ گهڻو ڪارآمد ثئي ٿو. ٻئي طرف هاري ورڪر، سواءِ ڪن خاص حالتن ۽ مخصوص دائري جي هارين جي روزمره جي مشڪلاتن ۾ مدد ڏئي نٿو سگهي. هڪ ته سندن تعداد ٿورو آهي، آنهن جو زياده زور نظرياتي پرچار تي آهي، خدمت خلق لاءِ موقعا ميسر نه اٿن. اڪثر ڪارڪنن جو علمي معيار به گهٽ آهي. وڪيلن، شاگردن، سمجهدار پڙهيل ۽ پيسي وارن ماڻهن جو ڪثرت تعداد ان ۾ دلچسپي وٺڻ لاءِ تيار نه ٿيو آهي. ازانسواءِ هاري ورڪر سياسي ڳالهين ۾ دلچسپي وٺڻ ڪري، گهڻو وقت هارين جي معاملات حل ڪرڻ لاءِ توجهه ڏئي نٿا سگهن. انڪري رنجش جو نشانو بنجڻ سبب، ڪيترن رنڊڪن جو باعث بنجن ٿا.

(ii) ڪارخانيدار ۽ مزور بنسبت زميندارن ۽ هارين جي زياده طبقاتي شعور رکن ٿا ۽ منظم آهن. انهن ۾ ڪارخانيدار زياده باشعور، منظم ۽ حڪام وقت جا منظور نظر هئڻ ڪري، وڌيڪ طاقتور آهن. ٻئي طرف مزورن ۾ صحيح ليڊرشپ جي ڪمي، فنڊس جي گهڻتائي، سياسي پارٽين جي استعمال غرضي، مزدور جماعتن جي ڪارڪنن جي سياسي ڪمن ۾ دلچسپيءَ ڪري، هو پوري طرح منظم ۽ متحد نه ٿي سگهيا آهن.

## ٣- قوميُ خودمطلبي:

هن نموني جي خود مطلبي ته ترقي يافته ملڪن ۾ پيدا ٿئي ٿي، جنهن کي شائونسٽ نيشنلزم (انڌي قوم پرستي) سڏيو وڃي ٿو. اها خود مطلبي يا ته سامراجي صورت اختيار ڪري ٿي، جهڙيءَ طرح انگلنڊ، پورچوگال، آمريڪا وغيره جي حڪومتن جو طريقو آهي، يا فاشيزم جي صورت اختيار ڪري ٿي، جهڙيءَ طرح جرمنيءَ ۾ هٽلر، اٽليءَ ۾ مسوليني، جپان ۾ ٽوجو ۽ اسپين ۾ فرئنڪو جي زماني ۾ رويو اختيار ڪيو ويو هو.

اِنهن بين الاقوامي رجحانن جو پٺتي پيل ملڪن ۾ اثر پون کان رهي نه سگهيو آهي. ڪٿي نسلي بنيادن تي قوم پرستيءَ جي نالي ۾ ڪن هنگامي ۽ جذباتي بنيادن تي عوام جو توجهه حقيقي مسئلن کان هٽائي، آمرانا حڪومتون قائم ڪيون وڃن ٿيون. ڪٿي مذهب جي نالي ۾، ماڻهن کي برغلائي، هنگامي ۽ جذباتي سامراجي بنيادن تي ماڻهن جو توجه سندن حقيقي مسئلن کان هٽائي، مخصوص گروهن جو تسلط قائم رکڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. انهن سببن ڪري، انهن ملڪن ۾ تحرير، تقرير ۽ جماعت سازي ختم ٿيڻ ڪري، عوام جي سياسي مسئلن ۾ دلچسپي گهٽجيو وڃي.

انهن ڳالهين کي اخلاقي رفارمر (سڌارڪ)، نفسياتي مصلح ۽ قومي پرچارڪ کي ذهن ۾ رکڻو آهي. انهن ڳالهين کي مدنظر رکي، اسان سياست عمليءَ کان ڪناري ڪشي ڪري، پرچار ۽ اصلاح جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو آهي. جنهن کي ڪلچرل تحريڪ سڏڻ غلط نه ٿيندو.

جيتري قدر اسان اِن مسئلي تي غور ڪيو آهي، ته اِنهن نقصن مان قومي جسم کي بچائڻ لاءِ، هيٺيون تجويزون خيال ۾ آيل اٿئون.

(١) مخلص ۽ سمجهدار ڪارڪنن جو گروهه پيدا ڪيو وڃي، جو ذهن صاف ڪري، سياسي خلفشارن کان پاسي رهي، خاموشيءَ سان متي ذڪر ڪيل ڪمن جي سرانجاميءَ لاءِ ڪوشش ڪندو رهي.

تي ويا آهن. اڪثري اها گڏ ڪيل ملڪيت، ڪارخانن وڌائڻ، عاليشان بنگلن ۽ محلاتن ٺهرائڻ ۽ عياشين تي خرچ ڪن ٿا. ڪين اهو احساس ڪونه ٿو ٿئي، ته سندن اِن پاليسيءَ ڪري، غريب روزبروز غريب ٿيندو وڃي. انهن ماڻهن جي درستيءَ جو خيال به ڏاڍو ڏکيو آهي.

تنهنڪري، اسانجي ڪارڪنن جو توجهه، شاگردن، ماسترن، وڪيلن ۽ عام ڳوٺاڻن کي خودمطلبيءَ جي نقصانن سمجهائڻ، ايثار ۽ قربانيءَ جي فائدن، قومي هم جنسيت، هم خياليءَ ۽ يڪجهتيءَ لاءِ تعليم ۽ تربيت طرف هئڻ گهرجي.

شعر، ادب، موسيقيءَ، ڊرامن ۽ مجلسن ذريعي صوفياني سڪيا ڏيڻ، حب الوطني، قرباني، همت ۽ محبت پيدا ڪرڻ جو انتظام ڪرڻ گهرجي. سياسي خلفشارن، تشدد جي ڪاروائين، نعريبازي ۽ حڪومت جي مخالفت جي ڪاروائين کان پاسي رهي، ڪلچرل محاذ تي قومي تعمير ۽ بيداريءَ لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي.

هن وقت ڪارڪنن جي گهڻتائيءَ سبب، سياست سان واسطو رکندڙ ڪارڪنن کي هن تحريڪ ۾ حصي وٺڻ تي بندش وجهڻ، خلاف مصلحت سمجهون ٿا. ليڪن اها ڳالهه صاف سمجهي ڇڏڻ گهرجي ته اُنتي هلي اسان کي صرف انهن ماڻهن سان گڏجي ڪم ڪرڻو آهي، جي ڪلچرل محاذ کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن به ڳالهه سان واسطو نه رکن.

اسان جو فرض منصبي قوم جي تعليمي پرچارڪ، اصلاحي ۽ سماجي ترقيءَ لاءِ خدمت ڪرڻ، جو رهڻو آهي.

— غلام مرتضيٰ

# ڏهين سنڌ ثقافتي ڪانفرنس (سيوهڻ)

## حضرت قلندر لعل شهباز رحه جي ساليانِي ميلي جي موقعي تي ۱۹ شعبان ۱۳۸۹ هه مطابق ۱- نومبر ۱۹۶۹ع

### افتتاحي خطبو: جي- ايم- سيد

عزيز ڀائرو!

اوهان مان جن ٻه ٻزم صوفياءِ سنڌ جي ڪانفرنسن ۾ شرڪت ڪئي آهي، يا آن جا خطبا پڙهيا آهن، تن کي خبر هوندي ته هي ڪانفرنسون ڪهڙن مقصدن لاءِ سڏايون وڃن ٿيون.

اوهان جي حافظي تازي ڪرڻ لاءِ، هن سلسلي جي پهرين ڪانفرنس، جا ٺٽي ۾ درگاهه حضرت شاهه عالي شيرازي رحه جي ميلي جي موقعي تي ڪُڏ ٿي هئي، آن ۾ پنهنجي هيٺينءَ طرح اظهار ڪيل خيالن کي دهرايان ٿو:

"انساني زندگيءَ جي ڪاروبار جا ٽي مکيه شعبا آهن، جنجي فرائض جي ڄاڻ حاصل ڪري، سندن مختلف مسائل جي وچ ۾ تميز ڪرڻ نهايت ضروري آهي.

(۱) پهريون مکيه شعبو مذهب آهي.
(۲) ٻيو مکيه شعبو سياست آهي.
(۳) ٽيون مکيه شعبو طريقت يا ڪلچر آهي."

پوءِ انهن ٽنهي شعبن مان هر هڪ جي مختصر تشريح ڪري، آنهن جي مقاصد تي روشني وڌي هيم، ۽ اِن ڳالهه جو اظهار ڪيو هوم ته انساني زندگيءَ کي پوريءَ طرح هلائڻ لاءِ، انهن ٽنهي شعبن کي صحيح طور هلائڻ نهايت ضروري هو.

حقيقت ۾ جاچي ڏسبو تہ زندگيءَ جي ڪاروباري عمارت جا اهي شعبا، ئي ٿنڀا آهن، جن مان هڪ جي غير استواري يا سڌي نہ هئڻ ڪري، زندگيءَ جو ڪاروبار ٺيڪ هلي نہ سگهندو.

آنڪري بهتر ائين ٿيندو تہ مٿي ذڪر ڪيل ٽنهي شعبن جو مختصر ذڪر ڪري، آنهن جي مقاصد ۽ طريقي ڪار تي روشني وجهان.

### ١- مذهب :

جيڪڏهن غور سان جتائي ڏسبو تہ ماڻهن ۾ محبت ۽ اتفاق، امن ۽ سلامتي، ڀلائي ۽ بهتري آڻڻ لاءِ، جي راهون ۽ رستا، طريقا ۽ تجويزون، سوچيون يا رٿيون ويون آهن، تن ۾ مذهب کي مکيہ درجو حاصل رهيو آهي. جيتوڻيڪ دنيا جا عالمگير مذهب، بنيادي طرح ماڻهن کي محبت ۽ امن جو سبق سيکارڻ ۽ سندن فلاح ۽ بهبوديءَ لاءِ ايجاد ڪيا ويا هئا، ليڪن تجربي مان اهو ثابت ٿيو تہ آنهن کي اڪثر طور شخصي ۽ گروهي مقصدن ۽ طبقاتي مفاد لاءِ ڪتب آندو ويو آهي. جنهنڪري جن ارادن سان آهي ايجاد ڪيا ويا هئا، سي حاصل ٿي نہ سگهيا آهن. هن وقت دنيا ۾ چار عالمگير مذهب رائج آهن جهڙوڪ:

(١) هندو ڌرم (٢) ٻڌ ڌرم (٣) ڪرسچنٽي ۽ (٤) اسلام. جن مان هر هڪ جي دعوي اها آهي تہ راهہ حق صرف سندن ذريعي حاصل ٿي سگهي ٿي. ٻين مذهبن کي ڇڏي، جيڪڏهن اسلام جي تاريخ ۽ آن جي موجوده ترڪيب تي نظر ڪبي، تہ معلوم ائين ٿيندو تہ آهو بہ باوجود هن دعوي جي، تہ اهو مڪمل نظرئي حيات جو حامل آهي، آن جا پوئلڳ ڪنهن هڪ وحدت خيال ۽ عمل تي متفق ٿي نہ سگهيا آهن ۽ سوها فرقن ۾ ورهائجي، هڪٻئي سان دست بگريبان نظر اچن ٿا. اِنهيءَ حالت زار کي ڏسي، قديم زماني کان اولياءِ ڪرام طرفان، انهن کي متحد ڪرڻ لاءِ ڪيتريون ڪوششون ٿيون آهن، ليڪن ڪو خاطرخواه نتيجو ڪونہ نڪتو آهي. ڪن اولياءِ ڪرام مسلمانن جي مختلف گروهن کي هڪ رسيءَ

۾ پوئڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ته ڪن مورڳو هڪ وک وڌيڪ اڳتي وڌائي، ملڪ ۾ رهندڙ مڪيه مذهبن جي وچ ۾ اتحاد پيدا ڪري، عوام جي ڪاروبار زندگيءَ کي سهل بنائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهن مان حضرت قلندر لعل شهباز عليه الرحمت، جنهن جي ساليانـي ميلي جي موقعي تي اچي گڏ ٿيا آهيون، هڪ مکيه بزرگ آهي. اهو صاحب جڏهن هن شهر ۾ آيـو تـه آهو ان وقت ”شو ڌرم“ جو مکيه مرڪز هو. مسلمان نـالي جا ان ۾ موجود هئا. اهو ڪيترين خرابين جو اڏو هو. ليڪن حضرت قلندر شهباز رحه آمد بعد، اتحاد انسانيءَ جي نقطي نگاه کان اهڙو رويـو اختيار ڪيو، جـو ٻنهي مذهبن جي پوئلڳن جي دلين تي قابض ٿي ويو. هندو، ان کي راجا ڀرٿريءَ جو اوتار ڪري مڃڻ لڳا، تـه مسلمان ان کي دين فطرت جو پرچارڪ سمجهي، پيروي ڪرڻ لڳا. جنهن صورت ۾ هـو نهايت وڏي عمر ۾ هتي آيو هو، گهڻو وقت حيات نه رهيو. ليڪن هڪ سال جي ٿوري عرصي انـدر، جڏهن هن وفات ڪئي تـه هندن هن کي سندن مکيه مندر ۾ دفـن ڪرڻ جي اجازت ڏني ۽ شو جـا جملي پوڄاري ڦـري حضرت شهباز رحه جا ملنگ بنجي پيا.

رواداريءَ جو اهـو عالم آهي، جو ان جا ملنگ، اجـا تائين ڪيتريون قديم رسمون قائم رکندا اچن، جي اڪثر شو جي پوڄارين وٽ مروج آهن. جهڙوڪ:

(١) نفيل وڄائڻ، جا آتر هند ۾ شو جي مندرن ۾ ناد يا ناقوس جي عيوض وڄائي ويندي آهي.

(٢) صبح، شام جو نقارا، گهنڊ ۽ نفيلون وڄايون وڃن ٿيون، جن جو شو مندرن ۾ اجا تائين رواج جاري آهي. ان کي آرتي سڏيو وڃي ٿو.

(٣) ملنگ، ڏاڙهي ڪوڙائي، مهر هٿائين ٿـا ۽ چرش پيئن ٿا، جو دستور به شو جي پوڄارين ۾ اجا تائين هليو اچي.

(٤) ميلي جي موقعي تي نقارن جي ڌمال جو رقص به انهن رسومات مان هڪ آهي.

(٥) درگاهه جي دروازن تي چڙا ٽنگيل آهن، جي شو مندرن جي دروازن تي ٽنگيل گهنڊن جي يادگيري تازي ڪرائين ٿا.

نه رڳو حضرت قلندر شهباز رحه جي تعليم مان اهڙا مثال ملن ٿا، ليڪن حضرت شاهه عنايت عليه الرحمة، شاهه عبداللطيف ڀٽائي عليه الرحمة ۽ حضرت سچل سرمست جي تعليم ان جو زنده مثال پيش ڪن ٿيون. جن جون درگاهون، هندو توڙي مسلمانن لاءِ، اڄا تائين مرجع عام آهن.

ليڪن مسلمانن ۾ پيدا ٿيل فقهي اختلافن، هنن بزرگن جي ڏنل پيغام کي پوريءَ طرح پکڙجڻ نه ڏنو. اڄا تائين اسان جا علماءِ ڪرام، باوجود اسلام جي سربلنديءَ قائم ڪرڻ جي ڏکهين دعوائن جي، بقائي باهميءَ ۽ رواداريءَ جي اصولن تي هڪ پليٽفارم تي گڏ ٿي نه سگهيا آهن. شيعي ۽ سنيءَ، بشري ۽ نوريءَ، وهابي ۽ حنفيءَ جي فرقن ۾ هڪ طرف، ته جماعت اسلامي، جميعت العلماءِ اسلام ۽ ٻين گروهن ۾ ٻئي طرف ورهايا پيا آهن.

اڄ جڏهن دهريت جي وڌندڙ سيلاب کان متاثر ٿي، پوپ پال ڪرستانن جي مکيه فرقن، جهڙوڪ: رومن ڪيٿلڪ، گريڪ چرچ، پراٽسٽنٽ ۽ ٻين سوها فرقن، جن جا اختلاف ايتريقدر وسيع هئا جو هڪ ٻئي کي باهين ۾ اڇلائي، طرح طرح جي عذابن سان قتل ڪرائيندا هئا، کي گڏڻ جي تحريڪ هلائي رهيو آهي، ته اسان جا عالم هڪٻئي تي ڪفر جون فتوائون ڏئي، نهايت افسوسناڪ مظاهرو ڪري رهيا آهن.

مون به هڪ بزرگ جي جاءِ نشين هئڻ ڪري، ان حالت کي ڪي ڏسي، دل جليءَ کان درويشن جي درگاهن کي اتحاد ۽ امن جا مرڪز بنائي، ميلن کي منظم ڪري، بزم صوفيائي سنڌ جا اجلاس مڃائڻ شروع ڪيا آهن. مون کي پتو نه آهي ته منهنجي انهيءَ ڪوشش کي ڪيتري اهميت ملندي. جڏهن علماءِ ڪرام هڪٻئي جو آواز ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهن، ته مون جهڙي مسڪين جو ڪيتري قدر اثر پوندو، انجو پتو نه آهي. ليڪن اميد نه لاٿي اٿم. اميد ته

ڪو وقت ايندو، جو حالات زمانہ انهن کي ڪن بنيادي اصولن تي
گڏجڻ لاءِ آماده ڪندا.

### ٢- سياست :

مون جڏهن ١٩١٩ع ۾ سياست ملڪ ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو ته
ان وقت هندستان جي آزادي ۽ خلافت جون تحريڪون برسر عام
هيون. منهنجا سياست ۾ شامل ٿيڻ لاءِ محرڪ جذبا، خدمت خلق،
رفاع عام، ملڪ جي آزادي ۽ عوام جي بهبودي هئا.

انهيءَ ارادي سان ملڪ جي ڪيترين جماعتن ۽ ادارن ذريعي
خدمت ڪندو آيس. ڪيترين تحريڪن ۾ حصو ورتم. ١٩٥٨ع تائين
انهيءَ ڏس ۾ سرگرم ڪارڪن رهيس. انسان خطا جو گهر آهي، پر
پنهنجيءَ سمجهه مطابق سياست ملڪ ۾ حصو وٺندو آيس.

دور ايوبيءَ جي عشري اندر جيل ۽ نظربنديءَ ڪري حالات
اهڙا پيدا ٿيا، جن ڪري مون فيصلو ڪيو ته زندگيءَ جو باقي حصو
طبيعت جي ڪمزوريءَ ۽ عمر جي تقاضا ڪري، سياست ملڪ جي
خلفشارن کان پاڻ آزاد رکي، لکڻ پڙهڻ، تزڪيہ نفس ۽ صحيح
تعليم جي جستجوءَ طرف صرف ڪندس. ليڪن ايوبي دور جي بدعنوانين،
جڏهن عوام ۾ انقلاب آندو ۽ حالتون بدلجڻ لڳيون ته ڪيترا قومي
ڪارڪن، سياستدان ۽ نوجوان ورڪر مون وٽ آيا ۽ ترغيب ڏنائون،
ته ملڪ ۽ قوم جي هن نازڪ دور ۾ آءٌ گوشي نشينيءَ جي زندگي
گذاريان، اها فرض ناشناسي ۽ فراريت جو جذبو ٿيندي. تنهنڪري،
عارضي وقت لاءِ آءٌ سندن خدمت ڪرڻ لاءِ نڪري ميدان عمل ۾ آيس.

٩- مارچ ١٩٦٩ع تي ائنٽي ون يونٽ ڪانفرنس جي موقعي
تي مون، جي الفاظ ڪتب آندا هئا، آهي ڪيترين تقريرن ۽ تحريرن
۾ دهرائڻ ڪري، هتي دوباره ظاهر ڪرڻ طوالت جو باعث سمجهي،
ذڪر نٿو ڪريان.

آن مجلس ۾ سنڌ جي هر گروهه جا اڪثر نمائندا حاضر هئا.
انهن جي اصرار تي مون صدر ٿيڻ قبوليو. آن وقت ئي مون ان ڳالهه

جو اظهار ڪيو هو تہ ون يونٽ ڊاهي، صوبن جي بحاليءَ ۽ عوام جي خوشحاليءَ لاءِ بناڪنهن تفاوت جي سڀني شخصيتن، گروهن ۽ پارٽين جي تعاون جي ضرورت ٿيندي. ان ڪري اڳتي هلي، آن جماعت کي "سنڌ متحده محاذ" جي نالي سان سڏيو ويو.

اهو بار تہ سر تي کنيم، پر بقول حافظ شيرازي:

"عشق آسان نمود اول ولي افتاد مشڪلها" وانگر، ان مجلس ۾ جيڪي صاحب حاضر هئا، تن ۽ ٻين صاحبن طرفان ڪي اهڙيون رنڊڪون درپيش آيون آهن، جن تي مفصل روشني وجهڻ ضروري ٿيو پوي ٿي.

ان کان اڳ بهتر آهي تہ هن سوال جو جواب بہ ڏيان تہ بزم صوفيائي سنڌ جو هھڙن فروعي مسئلن سان واسطو ڇا، هئڻ گهرجي؟ اسان جي بزم صوفيائي سنڌ ۾ جيڪي صاحب شريڪ ٿيندا آيا آهن، انهن کي پتو آهي تہ انهن مجلسن ۾ سنڌ جي تهذيب، زبان، آزاديءَ ۽ پيغام جو فڪر ٿيندو پئي آيو آهي.

"حب الوطن من الايمان" اسان جو مشعل راهہ رهيو آهي. هيءُ محاذ جڏهن سنڌ جي آتو ناميءَ لاءِ برپا ڪيل آهي، جنهن جي وسيلي ئي آن جو ڪلچر، پيغام، فرخنده حالي ۽ ترقي حاصل ٿي سگهنديون، ان ڪري آن مسئلي تي بحث ڪرڻ، آن جي بنيادي مقاصد جي خلاف نہ آهي.

## ١- ڪارڪنن جي چونڊ جو مسئلو

اسان جي سامهون هڪ سوال وڏو وڃي ٿو، خاص ڪري ڪن نوجوان گروهن طرفان تہ اسان پنهنجي تحريڪ ۾ بهترين قومي ڪارڪن شامل ڪيون ۽ ڪن داغدار سياسي ڪارڪنن کي آن ۾ شامل نہ ڪريون. اهو هڪ اهڙو اصولي سوال آهي، جنهن تي بحث ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان.

آن سان بہ فروعي سوال نڪرن ٿا.

(١) بهترين قومي ڪارڪنن جون صفتون ڪهڙيون هئڻ گهرجن؟

(۲) داغدار سياستدان شمار ڪرڻ لاءِ ڪهڙيون حدون ۽ شرائط مقرر ڪجن ؟

(۱) الف- آن لاءِ ڪا عمر جي حد به مقرر ڪئي وڃي ڇا؟
ب- شخصي اخلاقي معيار به مقرر ڪيو وڃي ڇا؟
ت- ان جي گذشته روايات ۽ سياسي ڪردار جي ڇنڊڇاڻ ڪئي وڃي، جي ها ته آها ڪير ڪري؟
ث- آن لاءِ مذهبي عقائد جو معيار به مقرر ڪيو وڃي ڇا؟
ج- آن جي سياسي ۽ اقتصادي نظرين کي به سندس چونڊ ۾ دخل هجي ڇا؟ جي ها ته آهي ڪهڙا هجن ۽ ڪهڙا نه هجن؟
ح- ان ۾ جوش ۽ جذبو زياده هجي، يا هوش ۽ تدبر جو هئڻ به ضروري آهي ؟
خ- اهو پيسي، ذاتي ۽ خانداني تعلقات، پير ۽ ملي جي صفات کان خالي هجي ڇا؟
د- مٿي ذڪر ڪيل خاصيتن مان، جيڪنهن ۾ ڪي خاصيتون هجن، ۽ ڪنهن ۾ ڪي عدم موجود هجن، ته آن حالت ۾ فيصلو ڪندڙ طاقت ڪير ٿئي؟
ذ- ممڪن آهي ته ڪي صاحب چون ته عوام آهو فيصلو ڪري، پر آنهن جي فيصلي لاءِ هرهڪ ڪارڪن لاءِ ريفرينڊم ڪرايو وڃي، يا ٻيو طريقو اختيار ڪيو وڃي؛ جي ها ته ڪهڙو؟

مٿي ذڪر ڪيل مسئلن تي غور ڪرڻ کان اڳ ان ڳالهه جو فيصلو به ڪرڻو آهي ته جڏهين قوم، ملڪ جي آزاديءَ جي جدوجهد لاءِ، تعداد ۾ زياده، دانشمند، طاقتور، مالدار ۽ قابض مخالف جي مقابلي ۾، زندگيءَ ۽ موت جي مرحلي تي هجي، ته آن وقت اهڙي چونڊ بعد ڪيترا ماڻهو وڃي بچندا، جي جنگ آزاديءَ ۾ حصو وٺي سگهندا؟ ازان سواءِ آن سان گڏ هيءُ فيصلو به ڪرڻو پوندو، ته جڏهن

آنهيءَ مقصد جو حصول آئيني ذريعي، جمهوري طريقي سان ڪرڻو آهي ته پوءِ هرهڪ ووٽر جي ضرورت پوندي. آنهن جي تعاون حاصل ڪرڻ لاءِ آها چونڊ ڪيتري قدر ڪارگر ثابت ٿيندي؟

اِنهيءَ مسئلي تي جيتريقدر مون غور ڪيو آهي، يا معلوم ڪيو آهي، ته دنيا جي ڪنهن به حصي ۾ عمل ٿي نه رهيو آهي. اسان ته گهٽ ترقي يافته ملڪن ڪان پوئتي پيل آهيون.

(٢) داغدار سياستدان شمار ڪرڻ لاءِ، ڪهڙيون حدون ۽ شرائط مقرر ڪرڻ گهرجن؟

الف- داغدار سياستدان، ان ڪي شمار ڪجي، جو بداخلاق، راشي، زاني، ۽ شرابي هجي چا؟

ب- داغدار سياستدان ان ڪي شمار ڪجي، جو گذريل وقت هر طاقتور حاڪم جو پوئلڳ رهيو هجي چا؟

ت- داغدار سياستدان ان ڪي شمار ڪجي، جو شاهوڪار، حصول املاڪ جو طالبو ۽ ظالم هجي چا؟

ث- داغدار سياستدان ان ڪي شمار ڪجي، جو جمهوريت جي دشمنن جو حامي، مداح ۽ ثناخوان رهيو هجي چا؟

ج- داغدار سياستدان ان ڪي شمار ڪجي، جنهن شخصي مفاد خاطر پارٽيون بدلائي، نفعا حاصل ڪيا هجن؟

ح- داغدار سياستدان ان ڪي شمار ڪجي، جنهن جو ملڪ جي آزاديءَ، سنڌ جي بمبئيءَ ڪان جدائيءَ ۽ قومي تحريڪن سان واسطو نه رهيو هجي؟

خ- داغدار سياستدان ان ڪي شمار ڪجي، جنهن ڪراچيءَ ڪي سنڌين جي عام راءِ خلاف مرڪز جي حوالي ڪيو هجي، يا حوالي ڪندڙ وزيرن جو حامي يا پوئلڳ رهيو هجي؟

د- داغدار سياستدان ان ڪي شمار ڪجي، جنهن اليڪشن ۾ ڌانڌليون ڪري، پيٽيون ڪٽائي، زور زبردستي استعمال ڪري،

بانيءَ پاڪستان جي همشيره خلاف، هڪ غاصب جي حمايت ڪئي هجي؟

ڏ- داغدار سياستدان ان کي شمار ڪجي، جنهن ون يونٽ کي، عام راءِ خلاف زبردستيءَ ملڪ مٿان مڙهڻ ۾ حصو ورتو هجي؟

ر- داغدار سياستدان ان کي شمار ڪجي، جنهن ون يونٽ قائم ڪرڻ لاءِ، سنڌ اسيمبليءَ ۾ ووٽ ڏنا هجن ؟

ز- داغدار سياستدان ان کي شمار ڪجي، جو ون يونٽ ٽاهڻ ۽ آن جي قائم رکندڙ ايوب خان جو، بناچهنڊڙيءَ ضميرجي، اٺن سالن تائين پٺيلو رهيو هجي؟

س- داغدار سياستدان انهن کي شمار ڪجي، جي ماڻهو ايوب خان جا پوئلڳ، شڪار ڪرائيندڙ ۽ پرمٽون وٺندڙ رهيا هجن؟

ش- داغدار سياستدان انهن کي شمار ڪجي، جو پيران طريقت، علماءِ ڪرام ۽ قومي ڪارڪنن کي بد شد ڳالهائي، باوجود عيبن ۾ پريل هجڻ جي پاڻ کي ميان مٺو ڪوٺائي ؟

مٿي ذڪر ڪيل خامين مان ڪنهن ۾ ڪي هجن ۽ پين ۾ پيون هجن ته آن حالت ۾ فيصلو ڪهڙين خامين جي آڌار تي ڪجي، ۽ ڪير ڪري؟ ان لاءِ به ريفرينڊم ورتو وڃي ڇا؟

اهي سڀ ڳالهيون غور طلب آهن.

اڄڪلهه، ڪيترا ماڻهو ايوب تي سندس بدڪردارين خلاف ڪيس هلائي، سزا ڏيڻ لاءِ زور ڏئي رهيا آهن.

پيا اهي به آهن، جي چون ٿا ته قانون ۽ اخلاق جي تقاضا اها تيندي ته صرف مکيه ڏوهيءَ کي سزا ڏيڻ سان گڏ، ان جي حمايتين، گڏ ڪم ڪندڙن، پاڳي پائيوارن، پوئلڳن، مداحن، پرمٽون حاصل ڪندڙن ۽ شڪار ڪرائي فائدا حاصل ڪندڙن کي به سزا ڏني وڃي.

انهن حالتن هيٺ مصلحت وقت ۽ حالتن جي تقاضا اها آهي،

۽ اڳين ڦورن کي ڦولهڻ کان سواءِ، مکيہ مقصد خاطر سيني کي هڪ مرڪز تي گڏ ثي، ون يونٽ ڊاهي، صوبا بحال ڪرائڻ گهرجن.

اها ڳالهہ ڪيتريقدر صحيح ٿيندي تہ ڪن ماڻهن کي باوجود سندن ڪن چڱن ڪمن جي، ڪنهن خاص گناهہ جي پاداش ۾ ڏوهي ٺهرائي، ٻاهر ڪڍي مخالفن کي موقعو ڏنو وڃي تہ هو انهن کي استعمال ڪن ۽ ڪن خاص ماڻهن کي باوجود سندن عيبن، بدڪردارين ۽ جمهوريت جي دشمن جي حامي هئڻ جي، امام انقلاب، فخر ايشيا وغيره جا لقب ڏئي، برداشت ڪيو وڃي.

جيڪڏهن مٿي ذڪر ڪيل بنيادي اصولن تي فيصلو ڪرڻو آهي تہ سنڌ جي موجوده سياستدانن ۾ گهڻو حصو ننگو نظر ايندو.

ملڪ سڙوئي منصور، ڪهي ڪهندين ڪيترا!

## ٢- ”سياست ملڪ ۾ وسائل ۽ سياسي اثر جي اهميت“

هيءَ ڳالهہ نظرانداز ڪرڻ ٺيڪ نہ ٿيندي تہ عوام تي اڃا پيرن، مولوين، زميندارن، شاهوڪارن ۽ بااثر ماڻهن ۽ ڪامورن جو گهڻو اثر قائم آهي. اسان جي قومي ڪارڪنن عمر جو گهڻو حصو، اِنهن اثرن جي زائل ڪرڻ لاءِ صرف ڪيو آهي. ۽ تازو نوجوانن اِن ڏس ۾ جو ڪم ڪيو آهي، سو قابل ستائش آهي. ليڪن سلڪي حقيقتن کان منهن موڙڻ وڏي غلطي ٿيندي.

آئين ساز اسيمبليءَ جون چونڊون، سال ڏيڍ اندر ٿيڻ واريون آهن، جنهن ۾ سنڌ جي مستقبل جو فيصلو ٿيڻ وارو آهي. اسان جي عوام ۾ سياسي شعور پوريءَ طرح پيدا ٿي نہ سگهيو آهي، جو بهترين قومي ڪارڪن، مخلص ۽ تعليم يافتہ ماڻهو ايندڙ اليڪشن ۾ چونڊائي سگهون. بدقسمتيءَ سان قومي اخلاق، اخلاص، پيسو، اثر ۽ وسائل پروپيگنڊا سا ڳين ماڻهن ۾ موجود نہ آهي. سواءِ چند قومي ڪارڪنن ۽ چند مخلص نوجوانن جي، اڳوڻن سياستدانن مان ڪوبہ ماڻهو مٿي ذڪر ڪيل ڪسوٽيءَ جي بنا تي ٺهڪي نہ ايندو. اسان اڳي تجربو ڪري چڪا آهيون:

شيخ عبدالمجيد سنڌي، قاضي فيض محمد، حيدربخش جتوئي، غلام محمد خان لغاري وغيره جهڙا ڪارڪن، سنڌن داغدار مخالفن هٿان، عوام ۾ سياسي بيداريءَ جي عدم موجود گيءَ سبب شڪست کائي چڪا آهن - نوجوان شاگردن جي اڪثريت، سياست ملڪ ۾ دلچسپي نٿي وٺي - جي وٺن ٿا، سي به اڃا تائين اتحاد قائم ڪري نه سگهيا آهن - حالتون اهڙيون آهن، جو نه مخلص قومي ڪارڪن اينڊڙ چونڊن ۾ ڪامياب ٿي سگهندا، نه مخلص نوجوان شاگرد -

هن وقت سنڌ ۾ ٻه سياسي گروهه مد مقابل آهن - هڪ سنڌ متحده محاذ ۽ ٻي پيپلس پارٽي - ٻنهي جو مدار اڳوڻن سياستدانن تي آهي، جن جي اڪثريت عيبن کان خالي نه آهي -

**هڪ خاصيت :**

سنڌ متحده محاذ جي اها آهي ته : آن ۾ اڪثريت سياستدانن جي، هن وقت تائين شامل ٿي چڪي آهي -

**ٻي خاصيت:**

اها آهي ته : ان کي شيخ عبدالمجيد سنڌي، قاضي فيض محمد، غلام محمد خان لغاري، حيدر بخش جتوئي، شيخ اياز وغيره قومي ڪارڪنن جي حمايت حاصل آهي-

**ٽي خاصيت:**

اها آهي ته : ان جي مکيه ليڊرن مان ڪنهن کي اسيمبليءَ ۾ وڃي، ذاتي اقتدار حاصل ڪرڻ جو ارادو نه آهي-

**چوٿين خاصيت:**

اها آهي تہ : فرنٽيئر ۽ بلوچستان جي محاذن جي ان کي حمايت حاصل آهي-

**پنجين خاصيت:**

اها آهي ته : بنگال ۽ پنجاب جي بااثر پارٽين، آن سان ون يونٽ ڊاهڻ لاءِ، بغير ڪنهن شرط جي سمجهوتو ڪيو آهي -

اهڙين حالتن هيٺ، آئون اِهو عوام تي ڇڏيندس ته فيصلو ڪري، هڪ سان شموليت ڪن. ترقي پسند نوجوانن لاءِ هن ڪان سواءِ ڪوبه چارو نه آهي، ته موجوده حالتن هيٺ، هڪ گروهه يا ٻئي جي حمايت ڪن. هو علحده ديڳ پچائي نه سگهندا.

## ٣- هن وقت، آئيني مسئلن کان سواءِ، ٻيا اختلافي مسئلا پيدا ڪرڻ جائز نه آهي!

ٻي ڳالهه جا خاص طرح ذهن ۾ رکڻ جي لائق آهي، سا آهي ته جنهن صورت ۾ ايندڙ چونڊون، آئيني مسئلن تي لڙيون وينديون، ان ڪري اها ڳالهه ڪيتريقدر مصلحت آميز ٿيندي ته جنهن وقت قوم جي هر فرد جي، اسانکي، ون يونٽ ڊاهي، صوبائي خود مختياري حاصل ڪري، وچايل حق حاصل ڪرڻ لاءِ، ضرورت آهي، عين ان وقت مذهبي، نظرياتي، اقتصادي، شخصي، اخلاقي ۽ قديم ذوهن جي بنا تي بازپرس ڪرڻ جا اختلاف پيدا ڪري، قومي شيرازي ۾ انتشار پيدا ڪرڻ ڪيتري قدر واجب ٿيندو؟

مسٽر محمدعلي جناح موجوده دور جي نهايت ڪامياب سياستدانن ۽ مدبرن مان هڪ شمار ڪيو وڃي ٿو. جنهن هڪ ڏينهن به جيل ۾ وڃڻ، قانوني انحرافي ڪرڻ وغيره ڪان سواءِ، صرف سياسي شطرنج ۾، سياسي مهرن کي دانشمنديءَ سان ڪٽڻ ڪري پاڪستان جي مملڪت حاصل ڪري ورتي. ان جو مثال اسان جي اڳيان مشعل راهه ٿي سگهي ٿو.

سنڌ جي تاريخ جي هر هڪ ڄاڻوءَ کي معلوم آهي ته پاڪستان تحريڪ کي زور وٺائڻ ۽ مسلم ليگ کي منظم ڪرڻ لاءِ، شيخ عبدالمجيد ۽ مون ڪيترو حصو ورتو!

١٩٣٨ع ۾ جڏهن سنڌ جي مسلمان ميمبرن جي اڪثريت مسلم ليگ کان ٻاهر هئي ته هندستان ۾ سڀ کان اول صوبي سنڌ مسلم ليگ جي اجلاس ۾ پاڪستان جو ٺهراءُ پيش ڪري، پاس ڪرائيندڙ شيخ عبدالمجيد سنڌي هو.

١٩٤٣ع ۾ جڏهن هندستان جي ڪنهن به صوبي پاڪستان جو ٺهراءُ پاس نہ ڪيو هو تہ اهو ٺهراءُ سون پيش ڪري پاس ڪرايو هو. اسان پاڪستان مسلم ليگ جي هاءِ ڪمانڊ تي رهي چڪا هئاسون. ليڪن تاريخ جي هرهڪ ڇانوءَ ڪي معلوم آهي تہ آخروقت جناح صاحب اسان کي ٽڏي پاهر ڪڍي ڇڏيو، ۽ سرڪاري ٽوڊين، رشوت خورن، مسلم ليگ تحريڪ سان غداري ڪندڙن، سرمائيدارن جاگيردارن، زميندارن، غريبن جو رت چوسيندڙن ۽ ابن الوقت سياستدانن کي اسان تي ترجيح ڏئي، مسلم ليگ جي واڳ انهن جي هٿن ۾ ڏني؟ سبب ڪهڙو هو؟ ساڳيو جيڪو هن وقت اسان جا نوجوان ۽جوشيلا ڪارڪن پيش ڪري رهيا آهن. اسان جو چوڻ هو تہ داغدار،ابن الوقت جاگيردار وغيره قسم جي سياستدانن کي مسلم ليگ ۾ اهميت نہ ڏني وڃي. ڇاڪاڻ تہ اڳتي هلي، وري آهي ساڳيا طريقا اختيار ڪندا. انهن جي ذريعي حاصل ڪيل پاڪستان عوام جي فائدي لاءِ نہ هوندو. بلڪ خاص طبقي لاءِ مرغزار ٿي ڪم ايندو. ان وقت اسان تي جوش، حميت ۽ ايمانداري ايتري قدر غالب هئي، جو ملڪي حقيقتن ۽ مصلحت وقت تي اسان جي نظر نٿي پئي. نتيجو اهو نڪتو تہ اسان جو جناح صاحب ۽ مسلم ليگ سان، مٿي ذڪر ڪيل مسئلي تان اختلاف ٿي پيو. غور سان نگاهہ ڪبي تہ هن وقت جي جوشيلي نوجوانن ۽ اسان جي آن وقت جي خيالن ۾ گهڻ تفاوت ڏسڻ ۾ ايندو.

ليڪن تاريخ ثابت ڪيو تہ جناح صاحب جي پاليسي ڪامياب ٿي ۽ اسان باوجود ايمانداريءَ ۽ نيڪ جذبات جي، پوئتي اڇلايا وياسون. اهي ماڻهو جن جناح صاحب ۽ مسلم ليگ سان دغائون ۽ مخالفتون ڪيون هيون، جي انگريزن جا چاڙتا هئا، رشوتون ورتيون هئائون، هارين نارين جو رت چوسيو هئائون، سي اسلام جا علمبردار، پاڪستان جا حامي، مسلم ليگ ۽ جناح صاحب جا سچا پوئلڳ ٿي پيا، ۽ اسان، جن مسلم ليگ کي زور وٺايو، آزاديءَ جي تحريڪن ۾ حصو ورتو، تڪليفون سٺيون، جيل ڪاٽيا، اخلاقي ۽ سياسي اصول رکيا ٿي، سي غدار ملڪ ۽ ملت ٿي پياسون. پروپيگنڊا جو اثر اهڙو

تہ زيادہ ھو، جو اجا تائين ڪيترا ماڻھو اسان سي ايمانداريءَ، حب الوطنيءَ ۽ اسلامي جذبي ۾ شڪ رکيو اچن. ان ڳالھ کي گھڻو وقت گذري ويو آھي. تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي جيڪڏھن جاچ ڪبي تہ جيتوڻيڪ اصولي، نظرياتي، ۽ اخلاقي بنيادن تي منھنجو ۽ شيخ صاحب جو چوڻ ھڪ حد تائين صحيح ھو- ليڪن ملڪي حقيقتن، سياسي مصلحت، حالات جي تقاضا، اسان جي خلاف ھئڻ ڪري، اسان ناڪامياب ٿياسون.

اسان ھن ڳالھ کان انڪار ڪري نہ سگھنداسون، تہ جناح صاحب جو سياسي فھم، حقيقت شناسي، سياسي دورانديشي، مصلحت وقت واري پاليسي، سندس ڪاميابيءَ جو ڪارڻ بني ۽ اسان جي ناڪاميابيءَ جو باعث ھوش کان جوش جي زيادتي، ملڪي حقيقتن کان غيرواقفي، سياسي مصلحت کان بيپرواھي ۽ حالات جي تقاضا کي نظرانداز ڪرڻ ھئا.

## ٤- صوبائي ۽ آل پاڪستان جماعتن جا تفاوت

چوٽين ڳالھ، جنھن اسان جو ڌيان لھڻو، سا ھيءَ آھي تہ اسان گذشتہ تاريخ تي نظر ڪري ڏسون تہ آل انڊيا يا آل پاڪستان پارٽين جو جزو ٿيڻ ڪري، اسان جي حيثيت ڪھڙي ٿي ٿئي ۽ ان جا نتيجا ڪھڙا ٿا نڪرن.

جمھوري اصولن مطابق، ھر مسئلي جو فيصلو ملڪ جي ڪثرت راءِ مطابق ٿيڻو آھي. اسان ھندستان کان جدائي ان ڪري حاصل ڪئي، جو ڪثرت تعداد ھندو، جن جي ڪثرت اچا فرقي بندي ۽ تنگ خياليءَ کان آزاد نہ ٿي سگھي ھئي. تن سان گڏ رھڻ ڪري، مسلمان اڪثريت ۽ اقليت وارن صوبن جي حقن جي حفاظت ٿيڻ جو امڪان ڪونہ ھو. ساڳئي بنياد تي پاڪستان بنجڻ بعد، اھل پنجاب ايرندي پاڪستان جي آباديءَ جي اڪثريت کان خوفزدہ ٿي، صرف آئين سازيءَ ۾ اٺ سال لڳايا- جيتوڻيڪ ھندستان ھڪ سال اندر، باوجود سخت اختلافن جي آئين بنائي، نيون چونڊون ڪرائي ڇڏيون.

ان سالن کان پوءِ جڏهن پاڪستان ۾ سمجهوتي سان ١٩٥٤ع ۾ آئين ساز اسيمبليءَ آئين بنائي پاس ڪري ڇڏيو ته پنجاب جي رهاڪو گورنر جنرل غلام محمد خان، سندس اختيارن گهٽجڻ ۽ ننڍن صوبن کي پنجاب ۾ ضم ڪرڻ خاطر سرناظم الدين جي وزارت ڊسمس ڪري، پاڪستان جي آئين ساز اسيمبلي ختم ڪري (جنهنجي هو ماتحت هو)، مسلم ليگ جماعت مٿان هٿراڏو صدر نامزد ڪري، ننڍن صوبن کي ون يونٽ ۾ پنجاب جي اڪثريت هيٺ آڻي ڇڏيو.

اسان ون يونٽ جي مخالفت ان ڪري ٿا ڪريون، جو اسان کي تجربو حاصل ٿي چڪو آهي، ته ڪثرت تعداد سان ملڻ ڪري اسان پنهنجي اندروني خودمختياري ختم ڪرائي، پنهنجا حق غصب ڪرائي ويٺا آهيون.

ساڳي حالت آل پاڪستان سياسي پارٽين سان شموليت ڪرڻ سان پيدا ٿئي ٿي. انهن جماعتن ۾ اڪثريت وڏن صوبن جي هئڻ ڪري، اسان کي هر سياسي مسئلي ۾ انهن جي راءِ اڳيان سر نمائڻو ٿو پوي. گذريل ٢٠ سالن جو تجربو اسان جي اکين اڳيان آهي. اهل بنگال يا پنجاب جو اڪثري آل پاڪستان پارٽين تي قبضو رهي ٿو. اسان جو آواز انهن اڳيان طوطي جي نقاره خاني ۾ آواز برابر رهي ٿو. تنهن ڪري، جڏهن اسان صوبائي خودمختياري قائم ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهيون ته ان حالت ۾ ڪهڙي اصول ۽ مصلحت مطابق پاڻ کي آل پاڪستان پارٽين جي ماتحت رکي، انهن جي رحم ۽ ڪرم تي رهون.

انهيءَ نقطهٔ نگاهه کان سنڌ متحده محاذ هڪ آزاد صوبائي جماعت ٿاهي اٿئون. جا مساوي بنيادن تي ٻين ننڍن صوبن سان ون يونٽ ڊاهڻ لاءِ سمجهوتو ڪري، برابري حيثيت ۾ بنگال ۽ پنجاب جي هم خيال پارٽين سان ڏي وٺ جي بنياد تي سمجهوتو ڪندي.

اسان ڪنهن به جماعت ۾ سمائجي، پنهنجي جداگانه حيثيت ۽ اهميت ختم ڪرڻ نٿا گهرون. خدا جي مهربانيءَ سان سنڌ جي اڪثر

شخصن، گروهن ۽ پارٽين اسان سان ون يونٽ جي سوال تي سمجهوتو ڪري، تعاون ڪرڻ شروع ڪيو آهي. باقي هڪ ٻئي صاحب جو گروه آهي، جو مختلف بهانن سان، اهل پنجاب جي ناراضگيءَ جي خوف کان محاذ ۾ شامل نہ ٿيو آهي. ممڪن آهي تہ چوندڙن کان پوءِ، شخصي اقتدار لاءِ هو سوديبازي ڪرڻ ۽ آزاد رهڻ واسطي ائين ڪندو هجي. جنهن صورت ۾ اسان جو مقصد جملي سنڌ جي باشندن کي متحد ڪري، ون يونٽ ڊاهي، صوبائي خود مختياري حاصل ڪرڻ آهي، تنهنڪري اسان پنهنجي جماعت جا دروازا هر گروه لاءِ کولي ڇڏيا آهن. اسان جو طريقہ ڪار تاليف قلوب ذريعي همدرد پيدا ڪرڻ آهي. اسان ڪو بہ اهڙو طريقو اختيار نٿا ڪريون، جهڙو هن گروه جا پوئلڳ اختيار ڪن ٿا. جهڙوڪ

١. پير صاحب پاڳاري جهڙي بزرگ جي شان ۾ گستاخيءَ جا لفظ استعمال ڪرڻ،

٢. هڪ ديندار، درويش، مولوي مشوريءَ کي ڪافر چوڻ،

٣. سنڌ متحده محاذ جي ڪارڪنن کي بد شد ڳالهائڻ،

٤. اسلامي تعليم ۽ عمل کان بي بهره هئڻ جي باوجود، علماءِ ڪرام جي مخالفت ڪرڻ.

اسان کي مصلحت وقت ۽ ذاتي شرافت، ان ڳالهہ جي اجازت نٿي ڏئي تہ اسان بري جو جواب اهڙي زبان ۾ ڏيون. نہ تہ اسان وٽ اُن تحريڪ جي علمبردارن جي پـڙڏاڏي کان وٺي، سنڌن اخلاقي، سياسي، مذهبي، سرڪاري ٽوڊيپڻي ۽ ملڪ دشمنيءَ جو آهو رڪارڊ موجود آهي، جو ظاهر ڪرڻ بعد، آهي ۽ سنڌن پوئلڳ ننگا نظر ايندا. پر جنهن صورت ۾ اسان هرڪنهن کي گڏيل مفاد لاءِ، گذريل گناهہ معاف ڪري، گڏي هلائڻ لاءِ تيار آهيون، تہ پوءِ جيسين اسان کي تمام تنگ ڪري، مدافعت لاءِ آماده نہ ڪيو ويو آهي، اسان ڪين محبت ذريعي، پاڻ سان شامل ڪرڻ لاءِ ڪوشش جاري رکنداسون.

## (٣) شعبہ طريقت (ڪلچر) يا ثقافت:

'ڪلچر' هڪ وسيع لفظ آهي، جنهن ۾ مذهبي اعتقاد، زبان، گذشته روايات، فن لطيفہ، ادب، صحت ۽ صفائي، لباس ۽ تعمير، طرز معاشرت، رانديون، عشق وغيره سڀ ڳالهيون اچي وڃن ٿيون. سنڌ جي ڪلچر تي هڪ خاص ڪتاب لکيو اٿم، جو اميد ته جلدي ڇپجي ناظرين اڳيان پهچندو.

اسان وٽ بزم صوفياءِ سنڌ جي مکيہ مقصدن مان سنڌ جي ڪلچر جي حفاظت، ترقي ۽ ادارن جي تنظيم هڪ اهم مقصد آهي.

ان لاءِ گهڻي وقت کان مختلف اصحاب طرفان ڪوششون هلنديون رهيون آهن. ١٩٢٤ع ۾ شيخ عبدالمجيد طرفان مسلمانن جي تنظيمي پروگرام جو پڌرو ڪرڻ، حاجي عبدالله هارون طرفان اِن سلسلي ۾ ننڍا پمفليٽ ڇپائي پڌرا ڪرڻ، سنڌ جي ميلن جي موقعن تي ثقافتي پروگرام رٿي عمل ۾ آڻڻ جو دستور، ١٩٢٧ع ۾ سن ۾ شاه حيدر عليه الرحمة جي ميلي جي موقعي تي مرحوم سائين ولي محمد شاه سجاده نشين قلندر لعل شهباز جي صدارت هيٺ، مرحوم مولوي فتح محمد سيوهاڻيءَ جو خطبہ افتتاحيہ پيش ڪرڻ، آن جي اوائلي ڪوشش مان هڪ آهي. ان لاءِ سموري سرگذشت طوالت جي باعث، پيش نٿو ڪريان. ڪلچر جي ترقيءَ ۽ تنظيم لاءِ ٽن ادارن جو قيام لازمي ٿو سمجهان:

١. سنڌي ادب جي حفاظت ۽ ترقيءَ لاءِ اداري جو قيام،

٢. سنڌي ڪلچر جي حفاظت ۽ ترقيءَ لاءِ اداري جو قيام،

٣. مخلص ۽ با اخلاق قومي ڪارڪنن جي تربيت لاءِ اداري جو قيام.

### (ا) سنڌي ادب جي حفاظت ۽ ترقي لاءِ اداري جو قيام.

اِن ڏس ۾ مون پنهنجي دور وزارت ١٩٤٠ع ۾ هڪ "سنڌ مرڪزي بورڊ آف لٽريچر" نالي سان ادارو، سيد ميران محمد شاه مرحوم جي چيئرمينيءَ هيٺ قائم ڪيو هو، جو ڪجهہ وقت تائين هليو، ليڪن فنڊس جي گهٽتائيءَ ۽ حالات جي ناسازگاريءَ ڪري حسب منشا

(٣) حضرت شاه عبداللطيف رحه، ڀٽ شاه
(٤) حضرت سچل سرمست رحه، درازا.

٣. انهيءَ مرڪزي بورڊ تي سنڌ جا بهترين ڪلچر ۽ ادب سان دلچسپي رکندڙ پارنهن ميمبر منتخب ڪيا وڃن. اهو آزاد انسٽيٽيوٽ طور ڪم ڪندو. سرڪار طرفان صرف ڊئريڪٽر آف ايڊيوڪيشن، ڊئريڪٽر آف ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ آفيسر انچارج اوقاف کاتو، ميمبر مقرر ڪيا وڃن.

٤. آن جا مقصد هيٺينءَ طرح هجن:

(الف) ساري سنڌ جي درگاهن جي ميلن جي موقعن تي، ادبي ۽ ڪلچرل ڪانفرنسون ڪوٺايون وڃن، جتي سنڌ جي تهذيب، تاريخ، شعر، جذبهٔ حريت ۽ حب الوطنيءَ وغيره تي مقالا پڙهيا وڃن.

(ب) مشاعرا ڪيا وڃن، جن ۾ حب الوطنيءَ، پاڻ سڃاڻڻ، تزڪيهٔ نفس، اصلاح اخلاق، جذبهٔ آزادي، قومي شعور پيدا ڪرڻ ۽ سنڌي تهذيب ۽ تمدن جي مسئلي تي شعر چوارا با وڃن.

(ت) آني راڳ، سرود، ڊرامن ۽ اسپورٽس (راندين) جي ترقيءَ لاءِ ڪوشش ڪئي وڃي. پر آنهن کي مٿي ذڪر ڪيل مقصد نمبر (ب) جي حصول لاءِ ذريعو ڪري ڪتب آندو وڃي ۽ نه صرف حاضرين جي تفريح طبع لاءِ.

٥- آهو خود ڪفيل ادارو هجي، آن جا فنڊس هيٺين پنجن ذريعن رستي حاصل ڪيا وڃن.

(i) سنڌ جي جملي اوقاف جي پيدائش
(ii) مڇي پلي جي مقاطعن جي پيدائش
(iii) ريتي، ڪنڪري ۽ پٿر جي ڪاٽين جي پيدائش
(iv) ميلهٔ ٽيڪس
(v) مخير حضرات طرفان وقف ڪيل ملڪيتون

(٦) جئن مرڪزن تي راڳ، ساز، ڊرامن ۽ ٻوڻائي فن لطيف کي زور وٺائڻ لاءِ اسڪول قائم ڪري، تربيت ڏياري وڃي.

٧- انهن ميلن تي مڪاني هنرن، صحت صفائيءَ ۽ زراعت جي ترقيءَ لاءِ نمائشون ڪيون وڃن.

اهو مختصر خاڪو پيش ڪيو اٿم، بعد ۾ اهڙي اداري قائم ٿيڻ بعد تفصيل سان آن جي دستورالعمل، مقاصد، پروگرام ۽ طريقي ڪار بابت تجويزون تيار ڪري سگهجن ٿيون.

## (٣) مخلص ۽ بــااخلاق قومي ڪارڪنن لاءِ تربيتي اداري جو قيام

١- هڪ مرڪزي خانقاه (آشرم) قائم ڪئي وڃي، جنهن جون شاخون هرهڪ ضلعي ۾ ڪن مکيه جڳهين تي مقرر ڪيون وڃن.

٢- ان جي بورڊ تي صالح، عالم، تصوف جا ماهر ۽ فلسفي جا پروفيسر مقرر ڪيا وڃن.

٣- انهن خانقاهن ۾ قومي مخلص ۽ با اخلاق ڪارڪنن جي تربيت لاءِ انتظام ڪيو وڃي، جي اڳتي هلي چند جاين تان خدمت خلق ۽ پيغام محبت پکيڙڻ جي ڪوشش ڪن.

٤- انهن خانقاهن ۾ تزڪئي نفس، اخلاقي اصلاح، پيغام محبت، ۽ تصوف جي تعليم ۽ تربيت ڏني وڃي.

٥- انهن جاين تي فقهي ۽ شرعي اختلافي مسئلا نه ڇيڙيا وڃن، جو مختلف مذهبي عقائد رکندڙن سان تصادم پيدا ٿئي. بلڪ آتي سينه بسينه روحاني، نفسياتي ۽ اخلاقي تعليم ۽ تربيت ڏيڻ جو انتظام ڪيو وڃي.

٦- اهي خود ڪفيل ادارا هجن، انهن جا اخراجات هيٺين ذريعن وسيلي پورا ڪيا وڃن.

( i ) اداري نمبر (٢) کان گرانٽ،

( ii ) اهل دل حضرات کان عطيي ۽ املاڪ جو وقف،

(iii) ڪارخانن ۽ زراعت جي ٽيڪسن تي اصلاحي فنڊ مقرر ڪرڻ.

اهي مکيہ مقاصد آهن، جن لاءِ هيءَ بزم صوفيائي سنڌ ڪم ڪري سگهي ٿي. انهيءَ ذريعي جيڪڏهن مذهبي فرقيوارانہ اختلاف دور ڪرائي نہ سگهياسون، تہ بہ بقائي باهمي ۽ رواداريءَ جي بنياد تي مختلف مذهبن، فرقن، نظرين، عقيدن، اقتصادي ۽ سياسي مفاد جي ماڻهن کي هڪ گڏيل پليٽفارم پيدا ڪري ڏئي سگهجي ٿو.

## بزم صوفيائي سنڌ جا مکيہ مقصد

(۱) اتحاد انساني (۲) امن عالم (۳) ترقي
گهرجن. انهيءَ وسيلي اسان سنڌ جي آزاديءَ، حق
ڪلچرل اصلاح لاءِ ڪم ڪري سگهون ٿا.

سنڌ، پاڪستان جو حصو هئڻ ڪري،
پاڪستان جي فلاح ۽ بهبوديءَ لاءِ صحيح، با ا
قربانيءَ جا پتلا، بلند خيال قومي ڪارڪن پيدا ڪر
ملڪ کي پاڪ ڪرڻ، عوام لاءِ معاشي انصاف حاصل
ڪي دنيا جي ترقي يافتہ ملڪن مان هڪ بنائي، سندس صو
جي ڏنل پيغام اتحاد ۽ امن کي پکيڙي سگهنداسون.

اهي اسان جا ارادا ۽ اميدون آهن. انهن جي ڪ
تڪميل لاءِ تائيد ايزدي، سنڌي عوام ۽ خواص جي همد
تعاون جي ضرورت آهي.

مون وس ڪرڻ واڪا، پڄڻ ڪم پروچ جو.

— غلام مرتضيٰ

* * *